# وڄون وسڻ آئيون

**شيخ اياز**

ڪمپوزنگ: عبداللطيف انصاري، سکر

**وائيس آف سنڌ اي بُڪ پبلشر**

editor@voiceofsindh.net

www.voiceofsindh.net



# عبداللطيف انصاري

سکر

ادارو وائيس آف سنڌ محترم عبداللطيف انصاري صاحب جو بيحد ٿورائتو آهي جنن اسان کي شيخ اياز جي شاعري جو هيءَ املهه ڪتاب ڪمپوز ڪري موڪليو.

اي ميل ايڊريس: aslsindhi2005@yahoo.com

# مُهاڳ

اياز جي شعر جي هيءُ چوٿون ڪتاب آهي، جو پيش ٿي رهيو آهي. هن ڪتاب ۾ آيل شعر 1964ع ـ 1968ع جي دور جو شعر آهي. سنڌ جي تاريخ جا هي چار سال نئين سنڌ جي قومي جدوجهد جا خاص يادگار سال آهن. انهن چئن سالن ۾ محب وطن سنڌي اديبن ۽ دانشورن ون ـ يونٽ جي سامراج خلاف قومي جدوجهد جي اڳواٽيءَ جا فرض پوريءَ جاڻ، حوصلي ۽ ثابت قدميءَ سان ادا ڪيا. سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن جو هيءُ ڪردار سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ سدا روشن باب ٿي رهندو.

1955ع ۾ اولهه پاڪستان جي ننڍن قوميتن جي پيرن ۾ ون ـ يونٽ جي غلاميءَ جا زنجير وڌا ويا. 1958ع ۾ ملڪ سان مرشل لا لڳائي، انهن زنجيرن کي مضبوط ڪيو ويو. 1958ع کان 1968ع وارا ڏهه سال اولهه پاڪستان ۾ هر طرف سياسي هيبت ڇانيل هئي. پر سنڌ ۾ اهي ڏهه سال سنڌ جي وطن دوست اديبن ۽ شاعرن جو آواز ڪڏهن به خاموش نه ٿيو. هن دور جا پويان چار سال ايوبي آمريت جا سخت ترين سال هئا. سنڌ جي باغي اديبن جي جدوجهد جو زور پڻ پنهنجي چوٽيءَ تي هنن ئي چئن سالن ۾ رهيو.

اياز جو 1962ع ۾ ڇپيل پهريون شعر جو ڪتاب "ڀؤنر ڀري آڪاس" 1964ع ۾ ضبط ٿيو. اياز جو ٻيو شعر جو ڪتاب " ڪلهي پاتم ڪينرو" ۽ سندس نثر جو ڪتاب " جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" 1968ع ۾ ضبط ٿيا. محب وطن سنڌي اديبن جا گهڻي ۾ گهڻا ڪتاب ۽ گهڻي ۾ گهڻا سنڌي رسالا به هنن ئي چئن سالن ۾ ضبط ٿيا. 1965ع (سيپٽمبر ـ ڊسمبر) ۾ پهريون ڀيرو اياز کي جيل موڪليو ويو. سندس لافاني نظم "زندان هزارين مان نه رُڪو" (جيڪو هن ڪتاب ۾ شامل آهي) ان قيد جي ڏينهن جو رچيل آهي. 1968ع جي آخر ۾ مٿس قلم 123 ـ الف (ڏوهه ـ بغاوت، سزا ـ عمر قيد، ڦاسي ) هيٺ ڪيس داخل ڪيو ويو.

هن قلم هيٺ، پاڪستان ۾، ان دور تائين، سواءِ خان عبدالغفار خان جي ، ٻئي نهن ته به ڪيس داخل نه ٿيو هو. هن ڪيس ۾ گرفتاريءَ کان اڳ ضمانت جي درخواست هاءِ ڪورٽ ۾ فيسل ٿئي ئي ٿئي، ان کان اڳ نومبر 1968ع ۾ ايوب شاهيءَ جي تيرهن وڏن ڏوهارين ( سنڌ مان ٽن ـ ذوالفقار ڀٽو، ممتاز علي ڀٽو ۽ مير رسول بخش خان ٽالپر) سان گڏ اياز کي پڻ قيد ڪيو ويو ـ جن مان گهڻا پنجاب جي ساهيوال جيل ۾ قيد ڪيا ويا ۽ اياز به ساڻن گڏ اُتي هيو. جهلجڻ کان ٿورو اڳ ، جون سندس رچيل وايون

( ”سنڌڙيءَ ساٽ سڄوم، ڪوري ڪنڌ ڏنوم، ـ گھوريس گھوريس سنڌ تي!“ ) هن ڪتاب ۾ شامل آهن.

مطلب تہ جيئن مٿي چيو ويو، هن ڪتاب ۾ اياز جو پيش ٿيل سڄو شعر سنڌي ادب جي 1964ع کان 1968ع تائين وارن چئن سالن جي شديد قومي جدوجھد جي دور جو شعر آهي. سنڌي ادب جا پڙھندڙ ۽ پارکو هن شعر جي فڪري ۽ فني اهميت پڻ سنڌ جي قومي تاريخ جي ان اهم دور کي خيال ۾ رکي، ڪري سگھجن ٿا.

فيبروري 1969ع ۾ جيل مان نڪرڻ کان فوراً پوءِ، اياز جو ٻن مهينن ، يعني مارچ ۽ اپريل، جو نئون چيل ڪلام، ان جي وقتائين اهميت سبب، ” ڪي جو ٻيجل ٻوليو “جي نالي هيٺ بر وقت شايع ٿيو. پر ان کان اڳ جو سندس هيءُ ڪلام گھٽي ياڳي پنهنجي پنهنجي وقت تي هڪ ٻيرو ڇيڇي بہ چڪو هو اڪِر طور انهن ڏينهن جي سجاڳ، ذميدار ۽ پختي قومي شعور رکندڙ ماهياني ادبي رسالي، ”روح رهاڻ“ جي ورقن ۾، ”جل جل مشعل جل.....“ ، ” هي گيت اجايل مورن جا “ ۽ ” رُتَ آئي ڳاڙهن ٻيرن جي“ وارا ننڍا ننڍا جمموعا، الڳ الڳ ، ڦهريائين ان رسالي ۾ ئي ڇپيا هئا، جن مان ڦهرين ٻن مجموعن تي، تعارف طور، راقم جا مهاڳ بہ انهن موقعن تي ڇپيا ها. اهي بہ مهاڳ هن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ شامل ڪيا ويا آهن، تہ جيئن پڙھندڙن جي سامهون ان وقت جي مخصوص ادبي ۽ سياسي فضا جو نقشو اڀري سگھي.

مئي 1971ع ۾ اياز کي وري جيل وجھو پيو، جتان هو جنوري 1972ع ۾ آزاد ٿيو. هي اٺ مهينا ” مسلم بنگال “ سڙندو رهيو. پر هتي اولھ پاڪستان ۾، قومي ٻوليءَ جا شاعر، وڏي ٺٽ سان، ”غالب کي درباري آم “ جي جشن عام ملهائڻ ۾ مشغول رهيا ! اياز اهي اٺ مهينا قيد ۾ رهيو، ۽ بنديخاني جي انهن اٺن مهينن ۾ هن سنڌ کي لڳ ڀڳ ٽن سؤ صفحن جو وڏيڪ ڪلام ڏنو. قومن جي عظمت ۽ بقا جي ضمانت قومن جا خاص خادم پنهنجي اعليٰ پورهئي جي اهڙين بي بها ۽ لافاني تخليقن جي شڪل ۾ ئي پيش ڪندا آهن. سنڌ جڏهن قورو نادرشاهہ ۽ اهڙي ئي شيطان صفت سندس پونير ۽ جُٽ احمد شاهہ ابداليءَ جي خوني گھوڙن جي سنبن هيٺان ڇيتاڙجي رتو رتُ ٿي رهي هئي، تڏهن بيواهيءَ سنڌ جو سورائتو سپوتُ، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح ، ڀري پنهنجي ڀٽ تي پاڻ کي بند سمجهي، سنڌ جي لازوال عظمت ۽ بقا جو صحيفو تخليق ڪري رهيو هو. اڄ سنڌ وٽ ” شاهہ جو رسالو “ نہ هجي ها، تہ سنڌ جي قومي وجود جي دعويٰ جو دليل ئي ڪيترو هجي ها ! اياز جو هي نئون ڪلام جيڪو هن پاڪستان ۾ بنگال جي رتو ڇاڻ هلندي، قيد جي انن مهينن ۾ لئيو ، سو جدا مجموعي ۾، ”ڪپر تو ڪُنَ

ڪري“ جي نالي هيٺ گڏ ڪيو ويو آهي، ۽ اميد آهي ته هن زير نظر ڪتاب جي اشاعت ڪان هڪدم پوءِ پريس ۾ موڪليو ويندو.

ڪجهه ڏينهن اڳ، هلڪي ۽ پاڻ هرتڙي سياست، رُڳو پاڻ اڳتي ڪرڻ لاءِ، جُڙتو سنڌ دوستيءَ جو جامو پائي، قومي جدوجهد ۾ محب وطن سنڌي اديبن جي تاريخي ڪردار کي لوئڻ ۽ گهٽائڻ شروع ڪيو ـ افسوس، جو ان ۾ سنڌ ۽ سنڌي عوام جي جاتل سڃاتل ۽ آزمايل قومي دشمنن ۽ انهن جي نجس ۽ لوسي ٻولڙين جي پاسي ڪٽڻ ۽ پاسي جهلڻ کان به عذر نه ڪيو. هن قسم جي خود پسند سياست ئي پهريائين اسان جي محب وطن شاگرد تحريڪ ۾ تفرقا وڌا ۽ ان کي ڊانوانڊول ڪيو. خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو اسان جي ادبي دنيا ۾ هن سوليءَ ۽ سستيءَ سنڌ ـ دشمن سياست کي هيلتائين ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پيو آهي، ۽ محب وطن سنڌي اديب ۽ دانشور پنهنجيءَ ڳالهه تي اڄ به انهيءَ ثابت قدميءَ سان قائم بيٺا آهن جڙا اڳي هئا. هو پنهنجي ادب جو واحد سماجي ڪارج هي سمجهن ٿا ته اهو سنڌ جي قومي جدوجهد ۽ سنڌي عوام جي وطن دوست انقلابي جدوجهد ۾ هڪ ڪارگر ۽ مضبوط هٿيار جو ڪم ڏيئي سگهي.

اسان جي سڄاڻ ۽ پياري ساٿيءَ ، رسول بخش پليجي، جي لفظن ۾ ”اسان جي قومي ادب کي اڄا ڪيترن ئي ڪوتُن ۽ ڪمزورين تي غالب پوڻو آهي ـ ان کي اڄا صحيح معنيٰ ۾ انقلابي ۽ عوامي ٿيڻو آهي“. وقت آيو آهي ، جو اسان جا سمجهه ۽ ساڃهه رکندڙ اديب ۽ شاعر، وطن دوست ، عوامي انقلاب جي راهه ۾ ـ جيڪا راهه اسان لاءِ تاريخ اڄ مقرر ڪئي آهي ـ پنهنجون سموريون فڪري ۽ فني ڪوششون ظالم ۽ ڦورو طبقن جي ظلم ۽ ڦر لُٽ کان پنهنجي محبوب وطن کي آزاد ڪرائڻ ۾ صرف ڪن. اميد آهي ته اياز جي هن ٻن ڪتابن ـ ”وڄون وسڻ آئيون“ ۽ ”ڪپرُ ٿو ڪُنَ ڪري“ ، جي شايع ٿيڻ سان سنڌي ادب، پنهنجي منصف ۽ معيار جي خيال کان، نئين سر اڳتي وڌڻ شروع ڪندو.

قومون جڏهن پاڻ کي سڃاڻڻ ۽ سمجهڻ چاهينديون آهن، تڏهن پهريائين پنهنجي ٻوليءَ کي سڃاڻينديون ۽ سمجهنديون آهن. جو ته ٻولي ئي سندن سڃاڻپ جو اصل نشان ٿئي ٿي. هر قوم جي پنهنجي پيڙهائتي ٻولي آهي. اُڌاري ٻولي يا ڳاڏڙُ ٻوليءَ تي هلندڙ قوم جي زندگي جُڙتو ۽ ڪوڪلي ٿئي ٿي. جيتري نج ٻولي، اوترو ان قوم لاءِ پاڻ سڃاڻڻ سولو ۽ پنهنجي آزادي ماڻڻ آسان ٿئي ٿي. اهوئي سبب آهي، جو تاريخ ۾ جڏهن نه ڪنهن قوم پاڻ کي قوم سڏائڻ جي لائق سمجهيو آهي، تڏهن پهريائين ان پنهنجي ٻوليءَ کي جياريو آهي ۽ وڌايو آهي، توڙي جو سنڌس اها ٻولي سوين سالن تائين ڪم نه آئي هجي، يا ان جو ادب ڪٽي ڪيترو به پوئتي پيل ۽ اڻپورو رهجي ويل هجي، ۽ ان

جا لفظ ڪٽي ڪيترا بہ ڪم ڪان نڪري ويل هجن، يا رُڳو اڻ پڙهيل جهانگين ۽ جهوپڙين ۾ رهندڙ ماڻهن وٽ باقي وڃي بچيا هجن. ٻوليءَ جي پنهنجي لفظن ۾ جيڪا چڪ ۽ ويجهڙائي ٿئي ٿي ۽ سمجهہ پريل رهي ٿي، اها ڌارين لفظن ڪڍهن بہ ڪانہ ٿي رهي. پنهنجا لفظ ڪٽي ڪيترا بہ خيالي دنيا جا هجن، پر اهي ڌنل وائنل دنيا سان لاڳاپيل رهن ٿا جيئن ڌارئين لفظ "اتحاد" جي سامهون پنهنجو لفظ "ايڪو" يا "ٻڌي" آهي، يا ڌارئين لفظ "قرارداد" جي سامهون پنهنجو لفظ "نهراءُ" آهي، ۽ ائين ٻيا لفظ ـ ۽ انهيءَ ڪري اهي نج پنهنجا لفظ ڳالهائيندڙ ۽ ٻڌندڙ ٻنهي کي هڪ سمجهہ ۽ هڪ سياءَ جي ڌور ۾ ٻڌي ڇڏين ٿا. جيڪڏهن ادب کي قومي ادب ٺيٺو آهي ۽ قومي ادب کي اڳتي وڌي صحيح معنيٰ ۾ عوامي ادب ٺيٺو آهي، تہ ان لاءِ ادب جي ٻوليءَ کي پهريائين ڇڙجي ڇنڊجي قومي ٻولي يا عوامي ٻولي بنجڻو آهي. قومي ۽ عوامي ادب جي راهہ ۾، ٻين ڳالهين سان گڏ، اياز پنهنجي شعري ٻوليءَ کي جو قومي ۽ عوامي رنگ ڏنو آهي، اهو سندس ڪم سنڌي قوم ۽ ان جي آئيندي لاءِ آب حيات کان گهٽ نہ آهي.

"ڪپرُ ٿو ڪُنَ ڪري" جي ڪلام کان پوءِ (جيڪو پوئين ڀيري اياز جيل ۾ چيو)، ٻيو ڪو وڏيڪ ڪلام هن ڏيڍ سال جي مدت ۾ هن ڪونہ رچيو آهي. شايد شاعريءَ جي ذات، جنهن کي اياز پنهنجي هڪ مضمون ۾ "بيوفا سُريت" ڪوٺيو آهي، هڪ ڀيرو وري ڪانئس رُسي ويئي آهي. پر اها وٽس وري ايندي، ۽ سنڌي ٻوليءَ کي هڪ نئين ڪوتا ملندي، جا پڻ مهانُ هوندي، جا پڻ آمر هوندي. هن سلسلي ۾، اياز پاڻ سان گڏ هر شاعر جي دل کي سمنڊ سان، ان ۾ اٿندڙ امنگن کي سِپُن سان، خيالن کي موتين سان ۽ آسمان ۾ پرجي ايندڙ بادلن ۽ انهن مان وسندڙ مينهن کي حالات سان ڀيٽيندي، شاعريءَ جي هن ڪرشمہ آرائيءَ تي پاڻ بہ وڏي اچرج جو اظهار ڪيو آهي.

"ڇاڇا نہ سمندر سرجي!
ٿا بيت اڇوتا سپجن،
جنهن وقت گهٽا ٿي گرجي،
ڇاڇا نہ سمندر سرجي !"

سو اسان جي هيءَ هاڻوڪي سنڌ جڏهن پاڻ سجاڳيندي ۽ پاڻ ڀري ٿيندي، ۽ ان جو پورهيت عوام پنهنجا پنهنجا بند ڇني اٿندو ۽ پنهنجي انقلابي جدوجهد سان پنهنجي هن سونهاري ديس جي پاڪ ڌرتيءَ تي پرمارن جا ڪُتل نيش ۽ خوني ڇنبا پٽي، پڇي ۽ پاڻ ڇڏائي، اڳتي وڌندو، تڏهن ان اجهل ۽ عظيم عوامي انقلاب جي ڪاري گهٽا سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جو عظيم عوامي ادب بہ اوس اپرندو. ان ادب جا شاهڪار ڪير رچيندو؟ سنڌي نثر ۽ نظم ٻيئي انهن لاءِ انتظار جون اکيون راهہ ۾ وڇايون ويٺا آهن.

انقلاب پنهنجا اديب پاڻ پيدا ڪندو آهي. پر اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ اياز، جو ڪجهہ سنڌي ادب کي ڏنو آهي، اهو پنهنجيءَ جاءِ تي املهہ ۽ بيمثل آهي، ۽ اياز

ڪان سنڌي ادب ڪي اڃا جو ڪجهه مليو آهي، ان جو اسٽان اڃا ئي ڪجهه مٿي هوندو ۽ ان جو ملهه اڃا ئي ڪجهه اوچو هوندو.

”ڦيريون ڦيريون
لفظ خدا جو ڪن فيڪون!
شاعر، موسيقار ، مصور
سڀ ۾ ساڳيو جوش جنون،
ڪن فيڪون!
ذات خزانو آهي،
پل نہ وراهي
موتي هيرا،
نيلم نيرا!
پل نہ ڪري سينگار صدين جا !
روڪ نہ تن ڪي
ٽوڪ نہ تن ڪي
هي جي سرجڻهار صدين جا.......“

اياز شاعر، موسيقار ۽ مصور ڪي صدين جا سرجڻهار سڏيو آهي. اياز پاڻ بہ صدين جو سرجڻهار آهي. اياز جي شاعري اڄ لاءِ بہ آهي ۽ ٻوليءَ جي سادگيءَ سبب عوام جي شاعري تہ آهي، پر ساڳئي وقت ڪجهه عام ۽ متاڃريءَ سمجهہ کان مٿي بہ آهي. رواجي نموني ۾ هرڪو ان ڪي هُوڙهه سان پڙهيو وڃي، ۽ ائين بہ ڀانئين سگهي ٿو تہ اهڙي سولي سنڌي شاعري هو پاڻ بہ ڪري سگهي ٿو، ۽ هوند ڪري تہ ڏاڍو چڱو.........پر، خود اياز جي لفظن ۾ ـــ

”جوڳڻ سڀ ڪا جيءَ ۾، مـــــــــيران مٽُ نہ ڪا،
ٽينڊي گيڙوءَ گـــــــــيت سان، ڪهڙي منڊ مٽا !
ڪيرت ڪاٽياريون گهڻيون، ڪنهن ڪنهن منجهہ ڪلا،
جنهن ۾ جيءَ جلا، ڪانڪي تنهنجـــــــــو ڪينرو.“

حيدرآباد سنڌ
15-08-0973

محمد ابراهيم جويو

# بيت

آءٌ اها لس ليٽ، جنهن تي چمڪي چاندني،
ايران اوچي چنڊ ڏي، پوڙيان ڪيئي پيٽ،
ساگر کهڙي پيٽ، تارن هيٺ تلاوَ سان.

---

سنڌيا تاٽي ڏيئڙا، تن ۾ پنهنجي سونهن،
بي ڪا وير ورونهن، ايري اڏري چنڊ ڏي.

---

سهنجو سمجهہ نہ سٿ کي، نورُ نچوئي لک،
سٿ هڏيءَ جي مِکُ، ريلا تنهنجي رَتُ جا.

---

هيءُ نہ امرت اوت، وهہ بہ وتيءَ ۾ وينگسو،
پر جي چاهيو چس کي، ڪونہ ڪيو ڳڻ ڳوت،
ماري ناهي موت،سرڪيون جنهن کي ساهہ ۾.

---

اڄ تائين اهاس ۾، اهڙي تنهنجي اڌَ،
اُڌا وجهي ونگڙا، ڏاڍا ڏنءَ وڌَ،
ڪيڏو ڪوي ڪڌ، آهين ساڙ سماج جا.

---

ڪندا ڪندا موڙ، ارتو ڪنڌُ ڪويءَ جو،
گهائي ڪيڏو گهوٽ کي، ڏات رسايو توڙ!
لونءَ لونءَ جنهن جي لوڙَ، آهہ سا ساپيا سيج تي.

---

سوريءَ سنسو سڀ کي، اڄ جي سج چئين،
لائون لهندي لرڪندي، ناهين ڳالهہ نئين،
آهي سيج سنئين، آڌيءَ رات اڪند جي.

---

ڏاڍا ڏونگر ڏيهہ جا، پنهنجا هيٺا هڏَ،
پنتيموت ميار آ، اڳتي اونهي ڪڏ،
سوريءَ متي سڌ، پر جي ٻدين سنڌڙي!

---

سوريءَ متي سڌڙا، ڏاڍا ڪالهہ ڪيام،
سوچي سمجهي سنڌڙي، ٻوڙي ڪن ٻڌام،
آڌيءَ رات اجهام، ڏيئا مهنجي ڏات جا!

---

ڏيئا منهنجيءَ ذات جا، ايڏو واءُ وٽاءُ،
توتي کنهن بہ پتنگ جي، پر نہ کيو پڙلاءُ،
آڏيءَ منجهہ اهاءُ، پوءِ بہ اهو ئي ٿو ڪرين!

---

ڳوڙها ڳاڙي رَتُ جا، پيلا ڳل لڪاءِ،
اُف انهن تي جي اچي، چپ ڪپي اچلاءِ،
تن وٽ ووءِ نہ واءِ، جن وٽ نعرا نينهن جا.

---

ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ، پوءِ بہ نعرا نينهن جا،
سنڌڙِيءَ جو سوڳنڌ، مرندا سين پر مرڪندي.

---

ويچ اسان جي وڍ ڪيِ، مُور نہ گهرجي مَکُ،
ڪُکِ تہ پائيو ڪَکُ، ڪڙ ڪڙ ڪان گهٽي ڪئي.

---

هيءَ نہ ڪينهونءَ ڪيڏ، سوچي آءٌ اچاترا!
گهوٽ گهٽيئي گهير ۾، جن جا ڀڳا پيڏ،
اوسيريءَ اک . ٽيڏ، ڪيئي مانجهي ماريا.

---

پريت پڇاڙيا ڪيترا،ڏرتي توتي ڏگَ،
لوڏ جنهين جي لونءَ ۾، سي لُولا تن لڳَ،
جن ۾ آگ اُلاءَ ها، تن جا ڳوڙها ڳگ،
سوچي سوچي سگ، ڪوهياريءَ سان ڪو ڪري!

---

ڪالهہ ڏنم ڪلونت جو، هاريل ريٿو رَتُ،
اڄ اهو امرت، سپ ڪي چس چريو ڪيو.

---

ڪالهہ ڏنم ڪلونت جو ، ڪانيءَ مٿان ڪنڌُ،
ڪوڪن ساڻ ڪلور جي، ساٽو هرهڪ سَنڌُ،
اڄ اهو سؤڳنڌ: مانُ مٿيِءَ جو ايترو!

---

ڪالهہ لهوءَ ۾ لالُ، آيو ڪوئي ڪاپڙي،
رنگ ڪري ٿو رتُ جي، تہ جو ناهہ مثال،
ياڻءِ انهيءَ جو يال، ڪاڪِ ڪکوري ٿي وهي.

---


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

ايءُ بہ ڪوئي آسرو، مٿيءَ ملندو مانُ،
ڳهلا! ڳوڙها خاڪ تي، ايءُ بہ ڪو احسان،
وڄُ ، وڄ ، تون نادانُ، ڳهوريان توکي گهٽگهرا!

---

مون جئن اڪڙيون ڪيتريون، جن جا لڙڪ اٿاھ،
ڳوڙها وچ درياھ، ڪُهہُ ڄاڻان تن جي ڪندي!

---

تو وٽ موتين ٿال، سِرُ تريءَ تي مون ميان،
ڪيئن چوان ڪنهن آچيو، آهي مهانگو مال!
تو بہ پلايو پالُ، جرڪايو ٿي جُوءِ کي.

---

ڪهڙو پنڇي پيار جو، ماريءَ ناھ مُنو!
جيڪو ڪونہ ڪنو، سو نہ اسانجي ڪڙم مان.

---

ائين نہ ان سان اورِ، مومل ڏاڍي ڏُکِڻي!
اُٿُ، اُٿُ ، ڪاڪِ ڪَڪورِ، راڻا ! پَنهنجي رتُ سان.

---

جيءُ جڏهن جنجار ۾، هانءُ تڏهن هيڪاند؛
راڻا ! هيءَ نہ راند، مُنڌ نہ سولي ميندرا.

---

پڻُ جهڻُ ٿيو پنيور، سسئيِ ڊوڙي سُج ۾،
ڪنهن ٿي ڄاتو ڪيچ ۾، آ ڪهڙي چِت چور!
سيڪنهن هيئن هورُ، مرندي منڌ اتامري.

---

لوڪ ڪيا ٿي ٻوڪ، سسئي وچ نہ سج ۾،
ها، پر ڳهليءَ لوڪ، ڪهڙو آريءَ آسرو!

---

ڳالهيون ڳهلي لوڪ ۾، مون ۾ تون ئي تون،
پير پٿوليءَ . ترڪٽا، ساري واٿ وچون،
تنهنجي پنڌ پنهون ! سيج وڃائي سج ۾.

---

آريءَ واري جنڊڙي، پهتس پهتس ڄاڻُ،
گهوريان تنهنجي گهُور تان، پنهون پنهنجو پاڻُ،
تون تہ سدا مون ساڻ، سمجهي لوڪُ اڪيلڙي.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سڪر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

هونءَ حياتي چا ڪبي، هيئہ نہ اؤڪو موت،
هو جو منهنجو هوتُ، هر هر ڪوني ڪيچ مان.

هن گهڙيءَ هن وَير، هلندي ڪائي هوت ڏي،
پو نہ پنهوءَ جا پير، لهندءُ لهندي سج ۾.

ڪاريون راتيون ، ڪنبٽي، اُتر اوتون ڏي،
ساهڙ پو بہ سڏي، سهٽي توکي سير ۾.

ترهو تون ئي تار ۾، گهوريان آئً گهڙا،
لارَ ولهيءَ جي لونءَ ۾، تنهنجا چنگ چڙا،
ڳوري رات ڳڙا ، سار نہ مون ڪي سيءَ جي.

توڙي سگهہ نہ سيرَ جي، هانءَ نہ هاري هٺُ،
جا آهي سا وٺُ، اَرهي سَرهي جندڙي.

گوندر گرڙيءَ رٿُ جي، تو وٿ امرٿُ ڍُڪَ،
تنهنجي ٻولي چانورو، لوءِ نسوري لُڪَ،
چارڻ ايڏي چڪَ ! ڳاءِ تہ ايري سنڌڙي.

سنڌڙي شاهہ لطيف جي، لهر نہ ڪو لوڏو،
اڪڙين ڪان اوڏو، مون ڪي پنهنجو پٽ ڏٽي.

مُور نہ تن جو مٽ، منهنجون سهٽيون سنڌڙيون،
منهنڙا گل گلاب جا، ڳل ڳچيون سپ پَٽَ،
چت ٿئي چؤپٽ، تن ۾ مهڪ ملير جي.

سنڌي سپ سباجهڙا، جنهن جنهن جاءِ هجن،
توڙي دور وجن، تن ۾ مهڪ ملير جي.

سنڌڙي سپ سباجهڙا ، باجهہ نہ ڪنهن جي وڏَ،
لڳَ انهن جا لوهہ جا، جن ۾ قير نہ قَڏُ،
تون چا چاٽين ڏڏَ، تن جا پنڌ پهاڙ جا !

جي تو ڪانئر ڪُڪ ۾، سنڌي ماءُ نہ تون،
هيٺي هٿ نہ هيريون، ڏاڏي ڪان نہ ڏرون،
ڪيئي پهڻ پٿون، لڳ اسان جا لوهہ جا.

---

جي تون ڪانئر ڪُڪ ۾، تنهنجو گهوٽ نہ هيءَ،
مون نہ ڏنو منهن . ڦيرٽو، ڪوئي سنڌڙيءَ پيءُ،
هن ڌرتيءَ جي ڏيءُ، ڪيئن ڄڻيندي ڃامڙا.

---

جي تون ڪانئر ڪچَ تي، پيڻ! نہ ڏي هي پٽُ،
مون ۾ منهنجو رَتُ، ڍرڪي ويندو ڍُڪ سان.

---

ڄنهن کي ڪانئر انگڙا، تنهن کي هنج نہ ڪڻُ،
اُسري اهڙو وڻُ، ڇانو نہ ڏيندو ڇٽ ٿي.

---

ڍولي ! تنهنجو ڍُڪُ، هر ڄائيءَ ۾ ڄم ڪان،
ڪرٽيءَ رڳن . رُڪ ، ڪهٽيءَ رَسُ ڪماند جي.

---

هن پومِيءَ جو پاڻُ، ڄنهن جي آهہ جُوار ۾،
تنهن جي ڪانن تي ڪُڏي، پوريون گهورن،
واريءَ منجهہ وٿاڻ، توڙي تنهنجو نينگري.

---

هن پومِيءَ جو ويرُ، مات نہ ڪائي موت ڪان،
سدا سهاڳڻ سنڌَڙي، ڪريو نہ تنهنجو ڪيرُ،
توڙي نيٽين نيرُ، تہ بہ ڳوڙها ڳاڙها رتُ سان.

---

پومي سپ جي پيڻ، پومي پائر ڪيترا،
ورجايَوَ جي ويڻ، ڪنڌ نہ هوندَوَ ڪانئرو !

---

موت تہ سپ جو ماڳ آ، سپ جو تنهن ڏي پنڌ،
تنهنجي رَتُ ۾ ٿيجُ، ناهہ اسان جي ان مان.

---

هيٺي ويٺي ڪوڙَ جي، ڏسي ڏيل نہ ڏرُ،
ايڏو ناهہ نيرُ، سوپ سدائين سچ جي.

---

سرها سُورهيہ سچ جا، ارهي اوڪ نہ تِن،
ڏُڪَ ـ ڏٻڻ ڪان پنڌ ۾ ورچي واٽ ونن،
جهاڳيا جهونجهارن، مرڪي ڏونگر ڏيهہ جا.

---

جهڙا ڪيڙا ڍوند جا، تهڙيءَ پيڙَ نہ پَوَ،
پيڙا آ تہ پتنگ جي، باهہ نہ جنهن کي پَوَ،
سوچ انهيءَ جي چَوَ، جنهن سان لوچ نہ لوئجي.

---

لوءِ نہ هيئن لوبانُ، ٿي نہ مجاور موت جو،
خوشبو آهي زندگي، اوچو تنهن اسٿان،
پنهنجو جيءُ جهانُ، ور ور واس سڳنڌ سان.

---

روز ڏنا مون ماءُ، ڪارا ڪنجرا موت جا،
ويندي ڪنهن جو ڪَنَ تي، ڪونہ پيو پڙلاءُ،
ڪنهن کي سانت سماءُ ! هُل هلاچو جنڊڙي.

---

ٻيلهہ انهيءَ سان ڀهڳٽيون، ڪارو اُٺُ، سوارُ،
ٿم ٿم ڏيئا ڏيهہ ۾، اڳتي اندوڪار،
پر جي تو وٽ پيارُ، واڳ نہ ان جي وس ۾.

---

تون ئي ٻاڳُ نياڳُ، ڍُهلا ! تون ئي ڏاڪڙا،
تون ئي سانگ سهاڳ جو، تون ئي ڏيهہ ڍهاڳُ،
جيءُ جهنجهوڙي جاڳُ، اُٿُ ! نهوڙي ننڊ کي

---

در در ديپڪ راڳُ، گهر گهر آگ الاپ جي،
آهي وچ اُلاوَ مان، مارُو ! تنهنجو ماڳُ،
ويندو ڏيهہ ڍهاڳُ، ايندي مند ملار جي.

---

پارا توتي پوهہ جا، رانول! ڪجھ تہ رجُ،
ڪانو مٿي سجُ، آيو آڌ جهان تي.

---

كانهي كاري رات جي جهونجهڙكي ۾ كُهَ،
كوبہ پرينءَ جي پار جا، كون پچائي پَهَ،
اوشا اڄ بہ اُرِهَ ، پورب ۾ پڌرا كيا،

سرتا هيءُ سماجُ، گوندڙ گرڙي رتُ جي،
آزاديءَ جي آڙ ۾، كنهن كانئر جو كاڄُ،
ساريءَ كاريءَ كٺُ ۾، اندر پنهنجو عاڄُ،
سپني ۾ سؤراجُ، كيئن پوان كهڙو هيو !

سرتا ! ساري سٿ، تاجي پيٺو كوڙ جو،
ٻاهر چؤكا چِٺَ، كچا ڏاڳا جندڙيون.

پونجيءَ پنجا ويكرا، سوگهو سڀ جو ساهُ،
كائي ماٺهوءَماهُ، پيئي پرهئي رتُ. قڙا.

رڻ پومي، اڌ رات، تارن تڙكا لاش تي،
جنهن جو نانءُ نہ ٿانءُ كو، ذات نہ كائي پات،
موت كئي آ مات، كيڏي جانني جندڙي!

سانت سهائو پك، رڻ پوميءَ تي راتڙي،
آڌيءَ رات الك، سڏكو لويل لاش جو.

رڻ پومي اڌُ ٻانهن، منڊي جنهن جي چيچ ۾،
ڏرتيءَ سانڊي دانهن، كُهُ ڄاڻان كنهن مگ جي!

ڳاءِ اپومي گيت، ڳاءِ تہ اپرن انبرين!
جركي تنهنجي جيت، تنهنجي آڳ اُلاوَ ۾.

پڙك وري پنيث. كيئي سال سُتو رهين،
كڙكُ دلين جي ڏڙك تي ولھ ۾ كر واڄٿ،
شعلا شعلا واءَ ۾، چٽنگون چٽنگون پٿَ،
ڍاٽي نكرن ڍٿَ، ڄركي تنهنجي چاڻ سان.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

هي جو هڏڙن مُٺِ، هيٺا هٿ ڊگها ڪري،
کهرا، ڪيسي ڪڙڪٽا! تنهن تي ڦير نہ پٺِ،
ڪائي جوڳيءَ جُٺِ، آهي تنهنجيءَ تاڙ ۾.

---

تو وٽ سهسين سٿَ، انگ اگهاڙي ڏيهہ ۾،
پٽ پٽيهر ايترا، جن جي ڪانهي ڪٿ،
نيٺ تہ هيٺا هٿَ، چنندا توکي چيڳڙا !.

---

پل تون ڪوڙُ ڪماءِ، مون وٽ سودو سچ جو،
جوئنا ! هن جهان ۾، نيٺ نہ تنهنجي جاءِ،
ترسي آ تولاءِ، ڪن پل آگ عوام جي.

---

ساڳي آگ عوام جي، ڏيهن ٻين بہ ڏٺي،
چيٺي لاءِ چِڻي ، پورا! تنهنجيءَ پِٽِ تي.

---

پڙڪي آگ عوام جي ، پونءِ سڄي پنيٺ،
جرڪي جاڻ پڳهاريا، سپ جا ڳچيءَ ڳٺَ،
سارا پڌر پٽَ، ڌرتيءَ ڌوتا رتُ سان.

---

واجهہَ نہ وجهہ تون وَڏِ ڏي ، رت وهي تہ بہ رڙهہ،
پوئينءَ ويرَ بہ وڙهہ، ويريءَ ساڻ وجود جي.

---

ٻوجهہ نہ چاٽي ٻاجهہَ ڪا، ڪانئر ٻاجهہَ نہ مڱُ !
ساپا ! تنهنجو سڱ ، ڪاريهر جي ڪڙم سان.

---

هيءُ نہ آدم زاد ، پڳ پڳ جهڙيون پيٽيون،
جن جي لوُٽ ڪَسُوٽ سان، ٿر پر سپ برباد ،
پيڙي پونجي . وادِ ، پاليا ڏيهہ . ڏڪاريا.

---

پرٺُ نہ ساريءَ پونءِ تي ، مرٺ نہ ماڻهوءَ وس،
پيرون، ٻوٺ ڦلوڪٽا، ٻُڪ نہ چاڻيِ بَس،
ڏوٿي ! ڏوٿي! ڏس، ڪئن هيءَ آڳ اُجهامندي.

---


E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

تو در دانگيءَ مٿ، ڀڪي پئي ڀاجهري،
جڏهن اٿلي اڌ. ڪِچي ، ڇا ڇا هيج نہ هٿ !
سائي سونهين سٿ، جنهن جي آڳر ان ڪٽا.

ڪنهن ڪنهن آڳر ان ڪٽا، پونءِ نسوري ٻڪَ،
ڪهڙا ڪهڙا مون ڏٺا، ڏوتيئڙن جا ڏڪَ،
سنڌ نہ سنيري سُک، ايري سِجَ لهي ويا.

در در دانُ نہ پنُ، ماني ڪاني مڱ جي،
ٻڪ نہ متجي ٻيڪ مان، ايري اُلري چنُ،
ڪيئن ڪيو تو ڪنُ، ديس لڄايئہ ڏاسڙا !

در در هير نہ هٿَ، ٻُڪَ پرم جي آ پلي،
اوبر ڌارئي ديس جي ، منهنجي لاءِ اُبٿ،
وٿُ بہ ڪنهن جي ڪٿَ ! سيڪجهہ آ سؤمان ۾.

پايل منجهہ پروُڻَ، پونءِ پواني ٿي ڪنبي،
پڙڪيو جي پونچال ڪو، رڳي نہ پوندي رُوڻ،
ٿيندي ڌرتي ڏوڻَ، ٻڏندا ڏونگر ڏاڍ جا.

ڌرتيءَ لاءِ ڌڪار، ڪنهن ڪانئر آندي هتي؟
ڌرتي سڀ جي ماءُ آ ، ماءُ نہ ماري ٻارَ،
آندا ڪنهن انڌڪار، پاءُ ڌڪاريو پاءُ کي.

جنهن تنهن ڪرت ڪپار ۾، ٻڙڪ نہ باقي ڪوءِ،
لُڙُڪُ نہ لاڙيو لوءِ، پيڙا ساري پي وئي.

ايري سج لهي ويا، ڏيهہ اهوئي ڏُٿَ !
سانگيئڙا سڀُ ٻُٿَ، ٻڙڪ نہ باقي سنڌڙي.

سک نہ سنبري سنڌڙي، ايري سج لٿا،
آيا جنهن تنهن جوءِ مان، ڪري جاڙَ جٿا،
هي پنهنجو اتهاس آ، ڪهڙي ڪوڙَ ڪٿا،

مهريءَ هيٺ مٺا، ٻڙڪ نہ باقي سنڌڙي.
ڪاهوءَ مٿان ڪيترا ايري لٿا چنڊ،
او اونداها ڪنڊ، سنڌ نہ سنبري سوجهرو.

ايڏو اونده منڊ، جڳنو هڪ بہ نہ جيئرو،
تارا سڀ تڙجي ويا، چاري ناهي چنڊ،
هي اونداهو ڪنڊ، تڙڪي شل ڪو ترورو !

ڏوڙ انهيءَ جي ديس تي، جنهن وٽ ڪنگ رڙن،
هيئون هاري هنجڙا، سَرَ جي لاءِ سڪن،
اڏري ڪو، تہ اُڏام ۾ ، ان تي سينگ سڄن،
جنهن وٽ موجون ڪن، جر تي ڪوجها ڪانئرا.

ايرا سيرا ڏيهه جا، پرڏيهي ڏي ٻن،
لانو نہ جنهن جي لوڻ، سان، چانو نہ جنهنجي چڻ،
جيڪي جن نہ ڪن، سي ڪئن ڏاتي ڏٺ جا!

سي ڪيئن ڏاتي ڏول، ويئي تي جن جي ودي،
ڪوٽيءَ جهڙا ڪونئرا، پنهنجا پيارا ٻول،
ڪيئن جهلي تو جهول، ورتئہ ٻيڪ وٽاءَ جي.

ڪانئر سڀ چمار، سورهيہ گهڙي هڪڙي،
سنڌڙيءَ تي سؤ وار، سِرَ گهوري سرها ٿيو.

سپنا سڀ پڙپانگ ، نجهرا ننڊ نهوڙيا ،
جو جاڳيو تنهنجي مٿان، نِوڙيا ڪيئي نانگ،
هڪڙو سِرُ، سَوَ سانگ ، سوريءَ جا ساٽيهہ ۾ !

ساهہ ويا سينوارجي ، اندر سڀ جا اَڏ،
ڪوبہ نہ تاتي ڪيتڪي ، مُگري . ٻوءِ مُگدَ،
پوءِ بہ سرهي سَڏَ، آرائين ڪي آئڙي !

سوچي ساري سٿ تي ، ايري آئي سٿ،
هي نہ منهنجا مٺَ، هيءُ نہ منهنجو مامرو.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سڪر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

پهرا منهنجيءَ پريت تي، اوچا ڪوٽ ڪمڙيون،
ساروٽيون ساٽيهه جون ، ڳوڙهن منجهه ڳڙيون،
آڏيءَ اُبُ آريون، اڪڙيون باک اُڪنڊيون.

---

اڪڙيون سجُ . ايار ، آڏيءَ آريون اُبَ ۾،
ساجن منهنجا تو سوا، سونهين نہ سنسار،
هيئون تنهنجو هار ، پايا ٻي ڪي ڪئن پرين.

---

اڪڙيون چنڊ . چڪور ، آڏيءَ اڏريون ، اُبَ ۾،
آيا آڏو ڪيترا، ڪارا هانوَ ڪنور
هر هر توڙي هورَ، ور ور توکي وائسان.

---

اڪڙيون ڏيل . ڏيئا ، پرنديون رهنديون پات ۾،
نيٺ تہ ايندين اوچتو، وڇڙيءَ واند پيئا،
تنهنجي لاءِ ليئا، رهندا منهنجي رات ۾ !

---

اڪڙيون منهنجون مشعلون، اڳيان جُڳ اُجهام،
ساپيا ويري سونهن جي، مون سپني جي سام،
نوان سج سلام، ايري ايندين اوچتو !

---

ڪَهندي ڪاريءَ رات ۾، مارو! تي نہ ملُور ،
آءُ ڏسان تو اُبِ ۾ ، نهريون نهريون نُور،
دور نہ آهي مُور، سپنا تو کان ساپيا.

---

ڪيڏو ڏور ويا ، سانگي جي ساٽيهه جا،
تن جي ڏيهه . ڏهاڳ ڪان، ڏونگر ناهه ڏيا،
هئہ هئہ هانوَ هَيا، ڪئن جاليُئہ هن جُوءِ ۾ .

---

ڏيهي ڏور ويا، چني ڳنڍ ڳنڍير جا،
ساري تن جون صورتون ، لڙي لڙڪ پيا،
هئہ هئہ هانوَ هَيا ، ڪئن جاليُئہ هن جوءِ ۾ .

---


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

ڏاڍو ڏور ويام، لوئيءَ ۾ لائون لهي،
سڏ پڙاڏا وائڙا، ويندا ڪونہ وريام،
تن جي لاءِ ڪيام، ڪيڏا پنڌ پهاڙ جا !

ڪارونجهر جي ڪور تي، مور نہ ڪاڏي موٽ،
هاءِ، چريءَ کي چوٽ، ڏيهي ڪالهہ ڏئي ويا.

ڳوري تنهنجي ڳال ، ڪيئن ڪچان، ڪنهن سان ڪيان،
ڏرتي ڏُوتيءَ ويس ۾، سرتي پاڻ سنڀال !
سوڍي ، سچ مثال! راڻا راتاهي مئا.

ماري تنهنجا مورڻي، ساري واريءَ وات،
جن جا اوچا ڳاٽ، ويري تن جا واسرا.

ساري جنهن ساٿيهہ کي، پيو سُور سرت،
تنهن ڏي ڳهير نہ ڳهٽ، ڪائي وات نہ واسرو،

ڪوئي ڪوئي رَک ۾، چمڪيو چٽنگ سمان،
اڄ بہ دودو ڏوڙ ۾، بي ڏڙ درياهہ خان،
اڄ بہ ڪنهن هانو ۾، هوشوءَ جو هيجان،
اڄ بہ بلاول تو وجهي، ڳهاٽي ۾ ڳهمسان،
اڄ بہ سامهون سينگ جي، ڪوئي مڙس مهان،
ٿيندي سنڌ سڄان،ويندا ڏينهن ڏڦيڙ جا.

سنڌ نہ سنيري ماريئي، ڪيئي سال ٿيا،
جيسين ڪالهہ پيا، منهنجي پيرين پيڪڙا.

پاسي رهہ پڇتاوَ ڪان ، پنهنجي پيڙا ماڻ،
ڳهاٽي ۾ ڳهڙ هاڻِ ، تہ سياٽي سرهو ٿئين.

ڏاڍو ياد پئينءَ ، سانجهيءَ ويري سانوري،
ڪيڏو ، دور وئينءَ، چُڻِي چاٽَ چهاوَ جي !

آئينءَ اوچيءَ كــــــــــوٽ جي، ڪئن تون پِٽ ٽپي ،
منهنجي جيءَ جهپي، روُيا تنهــــــــــــــنجي رَات جو.

---

اوندهه انڌوڪارُ، راتيون ڪاتيون ڪُــــــــــــــــڪ ۾،
چـــــوڏهينءَ چند وهاڻـــــــــــــــــي ! آڏيءَ ڏي آڏار،
ڪولي ڪولي اوڇتو ، پهچي تنهنجو پيـــــــــــــــار ،
پرجهي پهريدار ، جهانڪي مون ڏي جــــــــــهانوريو.

---

ڏيـــــــــــهه ڏنـــــم جو ڏڪ ، ڏوران ڏس نہ ڪـــامڻي،
مينديءَ رتا هـــــــــــــتڙا، ســـــــهلائي ڏس سُـــــــڪَ،
ســـــــرتي سنـــــــــدر ـ مُڪ ، سُرڪي آءُ صليب تي.

---

آءُ پيـــــــــــــــاري اوڇتـــــــــــــــو ، ڏيــــــنم اڃي ڪو ڏَڏُ،
هيئن نہ هيري ـ وَڏُ، جيئن جلي تي جنــــــــــــــــــدڙي !

---

ڳوڙها ڳنڍ اُڪــــــــــــــنڊَ جا، منان مُــــــــــور نہ ڪَڍ،
ڏڪ ۾ ڪو ڪو ڏَڏُ ، ســــــــــــــــڪ ۾ ساٿي ڪيترا.

---

هولي جهولـــــــــــــــــــي ڏڪ جي، ريتـــــــــو رَتُ ڳُلالُ،
پاڳَل سارا پيئڻا ، ڪُوڙا مَــــــــــــــــــــــــپَ ڪَلالُ،
هيل تہ سارو سال، گـــــــــذريو گوندر گـــــــــــــود ۾.

---

آيــــــــــــــو ڇـــــا آڪــــــاڙ؟ اڪڙيون ڇو هئن آگميون!
ڦڙ ڦڙ مون لئہ ڦاڙ ، پرپ نہ تون بـــــــــن پريـــــــــتڻا.

---

هونـــــــــــــــئن بہ هــــــــرٽيءَ هيڻ، ڳهرا هيئين ـ ڳهائڻا،
پر جي تن ۾ ويڻ، ســـــــــــــــــارو جيءُ جهنجهوڙجي.

---

اهڙو ڪو انڌير ، سرتيون ، جهـــــــــــڙو سنـــــــــــڌ ۾ !
پرُ نہ پائي پيــــــــــــــــــــر ، پَـــــــــــــــــرُ ڪيائون پنهنجو.

---

تنهنـــــــــــــــــجا ڏڻ ڏراڙ ! آڏيءَ جـــــــــــــــو اڏ تي ويا،
ڏونگر پيئہ ڏورڻا ، ڪيڏا پـــــــــــــــــــــــــــــنڌ پهاڙ!
جيءَ اندر جا جـــــــــــــاڙَ، پوڳيئہ تنهنــــــــــــــڪي بانورا!

پيچ پنيءَ کيڏانهن ، اؤجهڙ کاهِيُوَ، اونيو!
چو نہ ويَئُہ تيڏانهن ، هُو جي وڻ وٽکار جا؟

---

نر ناريون سپ سانورا، دوها دوها ديس،
ون مٿايو ويس، منُ اهوئي مارُوئو.

---

ٻڙ جي گهاٽيءَ چانو ۾ ، منڙائوءَ جو ترُّ،
جهڙو ساريءَ سنڌُ سان، پٽ ڏٽيءَ جو وَڙُ،
او لوڙائو لَڙُ، آءُ اسان جي آسٽين.

---

آهہ اسان جي آسٽين ، بنا چپر چانو،
سچل، سامي، شاهہ جا جهڙقڙ جهڙا نانوَ،
کورَي کاٽا هانوَ، آءُ تہ ٿانيکو ٿئين.

---

رات وسيهر ونگ ، ڏينهن کُپُرَ جئن کاٺو،
آءٌ ٿَکو هان ٿَر ڏٽي ، چوري تنهنجا چنگَ،
ڏات نسورا ڏنگ ، موٿائي وٺُ او ميان!

---

الا ! ائين نہ هوءِ جو هي ٿر ٿميو رهي!
لُوءَ نہ لهسي لوءِ ، پرجو گرجو بادلو.

---

ٿر جي رونجهيءَ ريت تي، شال وسين سانوڻ !
ڏونگر سان ڏانوڻ ، ڏائين کاري اُبَ جا.

---

وس وس ساريءَ سنڌ تي کارا کارونڀار،
کونيٺ ڀنيٺ تو سوا، ڄر ها سارا ڄار،
ور ور کر وسکار، کوري کاٽيءَ ڀونءِ تي.

---

وس وس اتر اُبَ ، وس وس ، وس وس مينهڙا !
اچ اچ، اچ اچ وڏ ڦڙا، ڀر ر کارا کُبَ !
تنهنجي لاءِ اُتاولا، ٿر جا ٿوهر ٿُبَ،
کارونجهر جا کُبَ، ورسائج وٽکار سان.

---

راڳي رتوچاڻ ، چوندي ناهين چاهه مان،
جنهن ۾ ٻهه ٻهه ٻاجهه جي، تنهن کي کوپ نہ کاڻ،
ايري ڏات اُلاوَ جيئن، آخر کنهن اهڃاڻ،
سرچي کيئن سُڄاڻ ، انڌا ! هن انياءَ سان.

---

منهنجي دنيا ماک ، شعلا تو مون کي ڏنا،
نيٺ تہ کنگرا کوڙ جا، کرندين ، ٿيندين خاک!
پوءِ اهائي کاک، پوءِ اهي ئي کاپڙي.

---

ٻانهون دانهون ڏک جون، سڏکا سڏکا لڳَ،
ڏرتي تنهنجا ڏڱ، ريٿي سپ راهي ٿيا.

---

ڪالهہ بہ تنهنجي ڪڍَ، سارا سانگ سپاهه جا،
اڄُ بہ تنهنجي ٻانورا ، آهي ساڳي اڍِ،
جيڏا ڏرتيءَ وڍِ، تيڏو اپرين انبرين.

---

آءٌ نسوري آڳِ، ڄرڪان جرڪان سج جئن،
ڏات تراروں تروراِ رُوميون رتُ جون راڳِ،
مانجهاندي جا ماڳِ، لرزن منهنجيءَ لونءَ ۾.

---

مان نہ پٿائي بيت، ساميءَ ويس سلوڪڙا،
ڪُورا منهنجا ڪيت، ريج انهن ۾ رتُ جا.

---

جنهن بہ ڪرنگهو ڪُبُ سان ، وينا تنهن بہ نہ وَس،
سرل، سجيلا، بي پوا، گيت نہ تنهن جي گَس،
ڏات اهائي ڏس، جنهن ۾ لهرا لونءَ جا.

---

لهرا پهرا پيار جا، وينا وسَ وڏا،
پر تون جيءَ جڏا، گونج نہ پرکي گيت جي.

---

گونج بہ ڪائي ڪونج ، ڪُرڪي پنهنجي ڪُڙم لاءِ،
گَيت ڪئي جو گونج ، مارو پرتا پاڻ ۾.

---

مارو پرتا پاڻ ۾، ماڻي مند ملير،
ٻرڪي تن تي ٻاجهه مون، چِٽُ هيا جي چير،
اَڄ سي ڪندون ڪير، وَيڙان وِهُ نڪري وئِي.

ارتي ڏرتي آتري، مارو نيٺ مليا،
منهنجا گيت ڪليا، روئي منهنجي رَتُ تي.

ارتي ڏرتيءَ آتريءَ، پاتو ڪنهبو ويس،
دهڪيو منهنجو ديس، گيتن گونچ ڦلاريا.

ڳهلا ! ڳاڙهيءَ ٻاڪ سان ايندي مندَ. ٻدلَ،
رات وئي رانول ، آيو آيو سوجهرو.

چاڙهيو توڙي چنگ تي، پونءِ پوانيءَ رنگ،
سرسوتيءَ جو سنگ ، پوءِ ٻہ چارڻ چِتَ ۾.

ڪائي اک ڪَڪُوهہ جيان، ڪائي اک ڪَٽاهُہ،
پنهنجو پنهنجو چاهہ ، پنهنجو پنهنجو پريتڙو.

ٻوهہ ٻہ پنهنجا ڦوهہَ، سُجَ نہ وانجهي سونهن ڪان،
ڪونہ لڪايا ڪنجري، ڪاريءَ اک ڪَڪُوهہ،
توڙي لهسيو لوهہ ، تہ ٻہ جوپن جرڪي منڌ جو.

منڌ ٻہ جهڙو مڌُ، پيتي ڪان پرتي پلي،
اندر ٽيندءِ اڌُ، وچڙي ويَئہ جي وائڙا !

ڪو ڪو ماڻهو مون ڏٺو، جهڙو چوڏهينءَ چنڊُ،
هر ڪنهن مند نہ منڊُ، هرڪا اک نہ آئڙي.

تو تہ گهٽي گجگوڙ ، پر چا ڄاڻين چيڳرا !
اکڙيون آهيڙيون ميان، پريت وڏا پنجوڙ،
جي نہ نپائين توڙ، وچ نہ ويجهو ورهہ ڪي.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

جاڳ ۾ تنهنجي جيءَ سان، ننڊ ۾ توسان نينهن،
تو ۾ مند نہ مينهن ، رس نہ آيون راتڙيون.

---

ڪيئي ڪانگ لنوي ويا، آتڻ پو ۾ اداس،
آءُ اسارا، اوچتو، سات نہ ڏيندو ساسُ،
تولئہ منهنجو ماسُ، آڏيءَ رات اُباٽڪو.

---

چنڊ وسايون چوچڙيون، ڊنڊ هُئي يا ڊاندِ،
گهر ڪان نڪري گندري، آئي کهڙيءَ ڪانڊ،
لونءَ لونءَ جنهنجي لانڊ، تَڙَ تي آ سو تَڙَ - ڏٽي.

---

ڪينجهر وينجهر رات جو، هريون هيري ڪُڻ،
چاٽ ڪري چڻ چڻ، تارا اُپريا اُپ ۾.

---

بانهن ولڙين واسُ، گهرا ڳاٽ ڳراتڙيون،
واسي ويئي مينڌرا، مومل تنهنجو ماسُ،
جيسين تو ۾ ساسُ، تيسين سڳ سڳنڌ جا.

---

هيءَ روپهري روءِ، جنهن تي جرڪيون جهومڪيون،
رڻ جهڻ جنهن جيءَ جهانءِ سان، جهونجهڪڙي ۾ جُوءِ،
ڪائڙ جي خوشبوءِ، جهڙي ڦوڳ ڦلار ۾.

---

جهڙا ڦول ڦلار ۾، تهڙي سرتيءَ سونهن،
هر هر واءُ ورونهن ، هيٺ ڪلهي ڪان ڪنجرو.

---

ڪهڙي لوڪ لڄا، نِچُ نَچي هيءَ نينگري،
جنهن جا سانگ سرير جا، ڏرتيءَ لاءِ ڏڄا،
اپري انگ سڄا، آچو ڦول ڦلار ۾.

---

چوريءَ چوڙيون ڪڙڪٽيون، اؤجهڙ، ٻانهن - مروڙ،
لڄ ڏنوي تي ڏڄ ڪي ، ڊپ نہ چاهي ڊوڙ،
جيءَ پئي جهنجهوڙ، اڪڙيون پوريون اوچتو.

---

سَرَ تي نِوڙيون سومريون، جهپا ڏين نہ جهل،
جهوڪ جهومڪ پاپڙيون، جهرمر جهرمر ڳل،
جهرڪي پيا جهاڄ ۾، ڪائي انگ اُٿل،
چاچا پيارا پل، وارياسي جي واٽ ۾ !

سَرَ ۾ چمڪيو سجُ، جهڳ ڪري جئن جهيرڻو،
نڪري آيو نڪُ، تنهن تي ترندو هنجهڙو.

پر تي بيني پيلڻي، سَرَ ۾ سُرڪيو هنجُ،
روهاڪيءَ کي رنج، ڪهڙو جو اڏري ويو؟

لاب ڪري تي لهڪندي ، وينگس ڪٽڪ ـ وني،
سونا سنگ بني، سج روپهرا ترورا.

پٽ پٽيهر ريت، چِرر چر هرڻِيءَ پيرڙا،
سانجهي، سج سُريت، ترَ تي ويٺي ٽانهري.

ڳهٽيءَ جهڙو ڳاٽو، ڏرتيءَ جهومر جهانءِ،
پٽ پٽ متي پانءِ، چمڪي ٿو ڪجهہ چنگ مان.

ور ور ڪري وچڙيون، چمڪيون چؤنري تي،
پائي ڪارو ڪنجرو، ٽاريلي ٽڙڪي،
تاڙي پئي تانگهہ مان تتر ـ ڪرڙيءَ کي،
آڏيءَ وات وسي، تہ سينڌي سان سرهي ٿئي.

چؤنري ماٿان چنڊ ، اپري آيو اُپَ مان،
ڪچ ۾ ڪائي ڪامڻي، من ۾ سارو منڊ،
آڏيءَ رات اکنڊ، سرهو ساٿ سرير جو.

ساري رات سرير جي،جر سان چاڻ سجاڻ،
اڪڙيون آس اکنڊ جي، اجرا نيڻ ـ نياڻ،
ڌرتي سرتيءَ ساڻ، سرڳ سجايو نرڳ ۾،

دور پرھ ۾ پولڪا، ڪوھ مـــــــــــتان ھو ڪنج،
جھڙا قوڳ قلار ۾، جـــــــــــــھڙا سَرَ تي ھنج،
رات رچايا رنج، ٻھڪي نڪتيون ٻھــــــــــڳٽيون.

ڏيئا منجھ ڏھر ، چـــــــــــوئنري چـــوئنري چمڪيا،
آڏيءَ اتر واءَ جي، تر ۾ آھـــــــــــــــــي ٿَھَـــــــــر،
تو بن پوھ پھر، سَوَ ساروٽـــــــــــيون ســـــيءَ ۾.

ڪڻ ڪڻ منجھ ڪھــــــــــــاٽيون، ڊولا مارو ڊٽ،
مور نہ تنھنجو مـــــــــــــــــــٽُ ڌرتي تي ڪو ديسڙا.

چم چم ڪري چيڳڙي ، راســــــــــــــوڙي جي رات،
پايل آندي پارڪر، گيـــــــــــــــــــــت ڏنا گجرات،
منھـــــــــــنجي من جي مات، ڪنھن ڄاتو ڪھڙي ھئي.

سَرَ تي ســــــــــــــانجھي سانوري، ڇَرَ تي ڇايا ـ ونَ،
رمتي رويا ريت تي، پويــــــــــــاڙيءَ ۾ پـــــــــن،
سڻ وسايا سنَ، رائـــــــــي رانئـــــــي راتــــــڙي.

پونءِ سمـــــــــــــــائي لونءَ ۾، سانجھيءَ سانگ ڪيا،
پوئين پير ويا، مـــــــــــوتي وڳ وتـــــــــــــاڻ ۾.

آڏيءَ جـــــــــــــــي آڪاس ڪـــــــــي، نُوري نيري ڇَٽَ،
اڇٽي ناھ نڪٽ، مون ڪي تون جئن جـــــــــــندڙي.

مـــــــــــورا نـــــــــــيري اپ ۾، تـــــــــارا تارا پير،
ڇئو تون آھين ڪير، ڪاري ڪجـــــــــــلي ڪامٽي.

ڪارونجھر ۾ ڪـــــــــــــــوڪرا، آڏيءَ اپ اننـــــت،
ساوٽنگا ســـــــــڏوونت، رمتي رويــــــــا روھ ۾.

آئين تون اڌ رات جـــــــــو، چـــم چـــــم ڪندي چير،
پوئين پھر بہ مـــون ڏنا، پرتي تنھنـــــــــــــــجا پير،
بــــــــــاک ڀنيءَ جا پيـــــــــــر، پائي آءُ اسان گري.

# غزل

ميلي ۾ تون تنها تنها ، ڪنهن کي ڳولين تو؟
اک ۾ ڳوڙها، هٿ ۾ گجرا ، ڪنهن کي ڳولين تو؟

سرسوتيءَ جي مندر پرسان بينو واجهائين،
ڪنهن لئہ ترسي تنهنجي وينا،ڪنهن کي ڳولين تو؟

تنهنجون اکڙيون پو ٻہ اجايون، تل ترايون سَوَ،
هرٽيءَ جهڙا منهنجا هردا، ڪنهن کي ڳولين تو؟

سانجهيءَ ٽاٽي ڪارا ڪٽچي آکيري آيا،
پرڙا ڪولي پيار ـ پکيئڙا ، ڪنهن کي ڳولين تو؟

ساري جيون ـ مايا سپنو، تنهن ۾ سَوَ سپنا،
او سپنا سپني جا سپنا، ڪنهن کي ڳولين تو؟

پير پٽيءَ تي ناهين تنهنجو، ڪهڙو تنهنجو ماڳُ؟
رستي مان نڪتا سَوَ رستا، ڪنهن کي ڳولين تو؟

او رڪوالا!ڪوٺين چو تو هيءَ جيون جي رَکَ،
آٽي اگنيءَ جهڙي آشا ، ڪنهن کي ڳولين تو؟

اونهاري جو سج تہ ناهي، آهي ازل جي اَڳ،
هاءِ ، چڏي چَن چانورڙا، ڪنهن کي ڳولين توَ؟

دانهون تو درياهہ ڪري ٻڌُ ڪُن ڪُن جا ڪڙڪا،
بيڙيءَ ٻيڙيءَ او ٻوڙا، ڪنهن کي ڳولين تو؟

ڪاري رات ڪَتيءَ ڏي ڪُرڪي ڪائي ڪونج اُڏي،
پيارا! تون ٻہ تڪيندي تارا، ڪنهن کي ڳولين تو؟

وسنــــدو رهنـــدو آهـــي سانـــوڻ تـــو وٽ ســـاري رات،
ڳـــوڙها ڳاڙهـــي نيـــڻ نماڻا، ڪنـــهن ڪـــي ڳوليـــن تـــو؟

ڪوبہ نہ ايندو ڪوبہ نہ ايندو، ڪو بہ نہ ايندو تنهنجي دُوار!
بنـد ڪـري ڇـڏ هـي دروازا، ڪنـــهن ڪـــي ڳوليـــن تـــو؟

اڻ ـ ٽيڻـــيءَ ڪـــي چاهيـــن تنهنجـي ٽيڻـــيءَ سان نہ پوي،
ڏس ٽيڻـــيءَ جا ٽوڻيـون ٽنيا ، ڪنـــهن ڪـــي ڳوليـــن تـــو؟

هي متـرا جا منـدر، هـــي سانجهـــيءَ ٽاڻي جمنا گهـــاٽ،
من ۾ سنـڌوءَ جا سَوَ سپنـا ، ڪنـــهن ڪـــي ڳوليـــن تـــو؟

برنـــدا بـــن ۾ آيــو آهيـــن، ڪنهـــن جـــي لاءِ ڪــــوي،
ڪنهن جي بنسي؟ ڪهڙي راڌا، ڪنهن ڪي ڳوليـــن تـــو؟

شايـــد تـــــون ئـــي پاڳـــل پوري پـاڳـل خـانـــي ۾،
پاڳــل ڳڌجـي توتـــي ڪلندا، ڪنـــهن ڪـــي ڳوليـــن تـــو؟

هـــار هنـــدوري ۾ ڪيــــرايو، جيڪـــو منـــڌَ مئـــــيءَ،
موتـي موتـي ٿـي ويو پيـــارا، ڪنـــهن ڪـــي ڳوليـــن تـــو؟

خاڪ اڏاڻـــي ڪـــاڪ ڪـــري پئـــي ، پوئيـن پهر اياز،
ڪهـــڙي مومـل منهنجا راڻا، ڪنـــهن ڪـــي ڳوليـــن تـــو؟

ساري رات ستي ڇڪيا ٿي جلي جلي رڪ ٿي،
پيج ـ پنيءَ جي ماڪ ـ ڦڙي ٿي هاٺي سار لڌي!

ويهي ڪهڙا ڳهاوَ اڪيليان، وڄ وڄ موٽي ويڄ!
تون تہ چوين ٿو، من بہ مڄي هي ويندا ڦٽ ڇٽي!

ڪوٽ اندر جا ڳِڙڪي آهي تنهن وٽ بيهي چند،
سوڙهيءَ پير ـ ڪڙيءَ جي هينان، منهنجي پيڙ چمي،

دم روڪي درياهہ ڏنو ۽ سير وسي ٿي وئي،
آئي ساهڙ ساهڙ چوندي، ڪائي جيءَ جلي.

آءُ ڪلا جي ڪالي ٽوڪي، پنهنجي پيٺ ڏيان!
ساري جڳ جا پاپ ڏئان مان پنهنجو رت ڏئي.

سنڌڙي ٽوڪي ساري ٿي ۽ ٽوڪي سنڌڙي سار،
دلڙي ٽوڪان ڏار نہ آهي، ڏار نہ ٿي سگهندي.

باغي آهيان باغي آهيان ، تنهنجو آءٌ سماج،
توسان وڙهندي رهندي منهنجي هر هڪ رت ڦڙي.

ڪيئي ڏاڙهونءَ جا گل آندم ڪاڪ ڪڪوريءَ تان،
سنڌڙي، منهنجي مومل! مون ڪي تو ئي ڏات ڏني.

حيرت آهي، منهنجا مارو مون کي ويڻ ڏين!
آءٌ اهو جو آيس تن جا ڪيئي ڪوٽ پڄِي.

بادل برسي برسي بس ٿيا، نڪري سج ڏٺو ـ
سوريءَ تي منصور چپن تي آندي مرڪ مٺي.

ٺاريءَ ٺاريءَ ٿي ٺمڪن ٿيون ڪيئي مينهن - ڦڙيون،
جهڙ جي جهاڳ هٿائي نڪتي چوڏهينءَ چاندوڪي.

اوءِ اتر جا واءَ نہ لٿ، تون پيرا پيارن جا،
مارڳ ٿن ڪي موهي ايندو، ورندا ويراڳي.

سانجهہ لٿي آ جهانجهہ وڄي ٿي، ڪوئي اڇٽو آهي،
ڪونج ڪئي آ گونج، هوا پي آهي هيج - ڀري!

وارياسي ۾ پينگي پونگي، اوسي پاسي سڄ،
سانجهيءَ ٽاڻي ٿنهن ۾ اڄ هيءَ ڪهڙي جوت جلي؟

چنڊ! پرينءَ کي پرچائي ڏي، مونسان ڪيئن رُٺو!
تون ئي چئہ مون ساريون راتيون ڪائي ننڊ ڪئي!

روح اسان جو رمجهم رمجهم ، اڪڙيون آڳ - الا،
رڳ رڳ مان ويراڳ وسائيندي آ ٿنڊ ٿڌي.

آءُ پٿائي، آءُ ميان، مان تو ٻن جيئان ڪيئن!
يار! اسان سان ڪاڪ ڪنڌيءَ تي ڪائي گهار گهڙي!

ڏس تون، مونسان تنهنجيءَ سنڌڙيءَ ڪيڏا ڪيس ڪيا،
پوءِ ٻہ انهيءَ جي لاءِ وڙهي مون پنهنجي جان ڏني.

جنهن لاءِ تون واجهائين ويٺو آڌيءَ رات ”اياز“
سو ايندو ، سو ايندو، پيارو توڏي پاڻ ڪهي.

ڏرتي، چمڪي، واري اُڏري، رائو، ڏينهن تتو!
هرڻي هونءَ به مرڻي، پر جي ماري رُڃ رڳو!

جڳ جڳ جو جادو آ تنهنجو سانجهي ويلا لاڙ!
تل ترائي تي اُڏري جي ڪونج وجهي پاڇو.

پٽ پٿيهر پير اسانجا، ترچا ڪنڪر ڪوهَ،
ڪيچ اسان سان پيچ نه پائي، آ پنيور پلو.

چپ چميءَ لاءِ اپريا، سامهون آهي چوٽينءَ چنڊ،
ڪهڙو سندر سپنو آهي جيون جو سپنو!

تنهنجي ڇاتي آتي آتي ، نيڻ به تنهنجا نيند،
دانهون دانهون تنهنجون ٻانهون، پيار پلين ٿي ڇو؟

جو ڪلهه هو سو اڄ ناهي، آ وقت به واڳونءَ واتُ،
ان مان جو پل پيار بچايو، سوئي جي سگهندو.

ديوارون ديوارون دنيا ، جنهن ۾ دم گهٽجي،
پوءِ بہ ڪوئي ناهي، ڏئي جو ٽيڙوءَ لاءِ ٽپو!

ڇا ڄاڻون سُک ڪهڙي پنڇيءَ جو پاڇو آهي؟
ڏُک ڏرتي آ، ريتي ريتي آهي سڀ سپنو.

اڏري ڄاڻين يا نہ، پکيئڙا! پرڙا ڪجهه تہ پکيڙ،
پڃرو آهي، جيسين سمجهين پڃري کي پڃرو.

آءُ اڏامون، سامهون لامون، سامهون ڪيت ڪجيون،
آءُ، اتر ٿو آرانيا ڏي، ڪلهه ڪان مينهن وٺو!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

آيـا روپُ نئـــــون کو ڏاري وڻ ٽـــڻ، پاڻ پتون،
پـــرڏيهـــيءَ ســان پيار ڪري مون پنهنجو ڏيهه ڏنو.

اوءِ، اســــان ڏي چـــنڊ نہ آهــڙا ليـئا پاءِ مــتان!
چــرڪ پـري، جـــاڳي نہ پـــوي، آ سپرين هاڻ ستو.

جام پري ڏي جـــام اسانـــــڪي او ســــهڻا ساقـــي!
چئن، چڪيءَ مان مون کي اڇٹو آهي نہ ڪـــــي ايندو!

ڏينم سبوءَ مان، ڏينم تہ جهومان، ڏينم تہ جهونگاريان،
لاک لـــڳائي بـاک ڦـــٽي آ، ڏيـــنم اهـــو ڳاڙهو!

گهٽ گهٽ تي مٽ کولي جــــهوميا ميءَ جا مـــتوالا،
هو اوپـــــر ڪـــان آيو پنهنجو ســــج پـــري پيالو!

پيئو جيئو، پڳ پڪ پيئو، جڳ جـــڳ جيـــئو يـار!
جنهن بہ نہ پيتو، سو تہ ڪئي جو ڪـــيتو جڻ ڏئي ٿو.

هي متــــوارو، جــــيءَ جيــارو، شــــاعر شيــخ اياز،
پيـــاروءِ! هـــاڻ هـــلڻ هـــارو آ، ورڻـــو ناهه ويو.

اڪــيون آرزوئــون، اڪـــيون الـــتجائـــــون،
اڪــيون يـــار تـــنهنجون صدين جون صدائون!

نہ ڄاڻان ائـــــين ڇـــــو اڏيءَ آڏ ويهــــي،
اســـانجــــا اڪـــيچار ڪـــونڌر ڪـــــنائون!

نہ مـــعلوم سرمـــست ڪـــنهن حـــال ۾ هـــا!
لتـــاڙي ويــــــا هـــو خـــدايون خـــدايون.

ســـجاتـــئہ نـــہ سائـــل خـــدا خـــوش رڪئي،
وڄــــون تا ڪـــري ديـــس توڪـــي دعائــون.

اســـان ڏي بـــہ آڻـــيو ميـــان هــــيءَ مينا،
گــــهڙيءَ لاءِ گهنــــگهور آهـــن گهٽائـــون.

اهـــو ڇنـــگ چـــارڻ امــــانت اتــــــئي،
متان سِر سوا ٻيون ڪـــرين ڪــي صدائون!

وســــي پيــنگ پنــــيور ۾ ســـال ســــارا،
اياز اڄ ڪيون ڪنهن پنهونءَ جون پڇائون؟

گھر گھر گھنگھروءَ گونج نئين،
هــونءَ تـــہ نـــاچو آهي هــڪ.

پيــٽ نـــہ پينـــگا پـــاڻ اهــي،
مســـــجد منــدر ۾ نـــہ پيٽــڪ.

واريءَ تــــي وڻ، اڳـتـــــي اپ،
ٽيڙوءَ هيـتــــــان رات تہ ٽـــڪ.

پــــيُءُ اســـان ســـان پڏرو ٿيُءُ،
لـــوڪ لـــڄارا، آءُ، نہ لــــڪ!

وجھي ويــــل نہ ورٽي آهـــــيِ،
آءُ ســـــري جـــي لاءِ نہ ســــڪُ.

ڪڪريون منهنجو ويس مـــيان!
آءُ اگهـــاڙو، ڪـــير چـــوي!

ناهـي سهـــــــسين سرڳ سمان
تنهنـــجو پـــــاڙو ڪير چوي!

ڏينهن ڏني جو هيءَ نـــــــهار!
اهـــڙو ڏاڙو ڪيـــــــر چوي!

چنڊ ڪنيءَ جو ڪانڌي نـــاهين،
ســـڄُ ڪهـــاڙو ڪيـــر چوي!

ڪنهن کي سســـئيءَ سار اياز،
ههـــڙو هـــاڙهو ڪيـــر چوي!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

آءُ پنيءَ جو پاڻي آءُ!
ڪيسين اڃ سياڻي؟ آءُ!

ڪيڏو ڪانڪي آهي من!
تو لئہ ٽيڙوءَ ٽاڻي، آءُ!

آءُ اسان جو اکڙيون اگهُہ،
جهوريو آ جهوراڻي، آءُ!

تو بن کهڙي ڦوڳ. ڦلار!
ماڻا مند نہ ڄاڻي، آءُ!

ساوڻ رهڻو ناهہ اياز،
برسيو آهي هاڻي، آءُ.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

چوڙي زاهد هيءَ گهل گهل!
رات ڏئــو هــو مـــانءِ نہ ال!

دير و حرم کـــان دور ڊڪـاءِ،
مـــيخاني وٽ گهوڙي جهل!

چاندوڪيءَ ۾ چار گـــهڙيون،
پيءُ اســان سـان پاڻ نــہ پـل!

پنهــنجي ذات ائـين آ جيــئن،
واريــاســي ۾ ڪـــائـــي ول.

آءُ پـــڪيءَ جــــــا پــاچا ڏس!
سولـــي آهـــي ، پــرولي سل!

تـــون تــــہ اجــان گڏ آهين اياز،
آيا ڄـــو هـــــيئن ڳوڙها ڳل!

جهونجهڪڙي جو آيو سڏ،
ڳاڙهي جي ڳٽ ڳٽ سان ڳڏ

مڌ ڪان پنهنجو پان پلي،
ايڏو پاپي جيوَ نہ پڏ،

پيءُ اڙي! تون جيءُ جڙي،
جيسين هيٺو ناهين هڏ.

ڪارو ڪارونپار تہ ڏس!
آهي ڇا ماٺهوءَ جو مڏ!

موت پراٺو پنجو آهي،
جنهن ڪان ڪوبہ ڇڏاءُ نہ ڇڏ.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

اي دل نہ ڪاءُ ڏوڪو،
ساغر وڇان ڏسي تو،
اڄ پيءُ هي پروڪو،
هيءَ ڪائنات ڪوڪو

گهر گهر،گهٽيءَ گهٽيءَ ۾،
اي ميفروش! تنهنجو،
تون گهنڊ ٿو وڄائين،
هر هنڌ آهي هوڪو

اڄ رات شبنمي آ،
هن وقت ڪابہ ناهي،
چو جام ۾ ڪمي آ،
مون تي ميار لوڪو.

هي ناز جون نهارون،
شايد جٽاءُ ڪن اڄ،
تون اڳ بہ آزمايون،
اي عشق ڪاءُ ڏوڪو.

هي تندُ تيز طوفان،
سوچو تہ ناخدائو،
مان پار ڪيئن پهچان،
آهي بہ آسرو ڪو.

تيسين اياز هن ڪي،
جيسين ڪلي نہ جاني!
پورو پسي نہ سگهندين،
ڪو جيءَ ۾ جهروڪو.

ڪائي ڏيل نہ ڪائـــــي ڏاک،
سهڻي سهڻي پنهنجـــي ساک،

ڄرڪي ٿو ڄڻ ڪويل ڪنٺ،
باهہ لـــڳي وئي، نڪتي باک.

ايري، سهسين سونـــا ويس،
پاتـــا واريءَ تي ويــــــساک.

ٻئي جي کهنبي کي ڏي ٻن،
پنهنجي لوئي، پنهنجي لاڪ.

سرلو پنهنجو سنـــــگُ اياز،
هن جون اڪڙيـــون ڪائي آک.

وري عشق بازي، اڙي دل اڙي دل!!
اُئين ئي مجازي، اڙي دل اڙي دل!

وري روپ روپا، وري گج ـ ڪـــــاوا،
نئين دل نوازي، اڙي دل اڙي دل!

سدا سانگ تنهنجا، نوان نانگ تنهـــجا،
گهرين چوٽ تازي، اڙي دل اڙي دل!

محبت ڪرين پر، نہ ڳالهيون نہ ڳوڙها!
نہ آهون نہ آزي، اڙي دل اڙي دل!

ٿيا روڪ توتي ، نہ سونا نہ سيــــــنا،
عجب بي نيازي، اڙي دل اڙي دل!

سدائين پئي شيشہ گر جي ڳلــــــــــي ۾،
ڪرين سنگبازي، اڙي دل اڙي دل!

پلو ٿئي اياز اڄ پلـــئہ پاتي توڪان
نئين دل گدازي اڙي دل اڙي دل!

هي پريو پنيور چا ڪافي نہ آهي؟
اي چري! ڪنهن ڏي وڃين ٿي ڪيچ ڪاهي!

سانوٽيون گذري ويون، تو دير لاتي –
آءُ پر اڄ رات ڪا رمجهم نہ آهي.

شهر سارو ڇو ڪري ٿو سنگبازي؟
ڏس تہ ڪوئي عشق جو ڪافر تہ ناهي!

دور هوندي دور ناهين، مُور ناهين،
هونءَ تنها مئي ڪشيءَ کي ڪير چاهي!

رات پنهنجي تات آهي اي اياز،
چنڊ سارو منڊ وينو ٿاهہ ناهي.

تون ناهين تہ هي چنگ، چڙو، چنڊ نہ ڏي ساءُ،
اي سير ـ مئي! آءُ هــــــلي آءُ هــــــلي آءُ!

ڪا رات نئيــن ريت نئيــن آڻ اســان لاءِ،
جئـــــن پريت پراڻي نہ ٿئي، وار نئون واءُ!

مانِ جاڳ بہ هان ، آڳ بہ هان، راڳ بہ آهيان،
سچُو بہ سندم سنگِ، پٿــائي بہ سنــدم پاءُ.

تون سچ بہ آن ، مچ بہ آن، جـــيءُ جلي سنڌ!
ڄرڪاءِ ڄيون ماءُ، ڪڏهن سوچ نہ سرچــاءُ!

ڪر جان بہ قربان مــــــڙي موت نـــ چارڻ!
انسان تي ايـــــمان رک ، چنگ ڪٽـــي آءُ.

مــون سنـــڌ ڏني هند ڏني ســـچ چوڻ لاءِ،
هڪ شيخ اياز آهي ڄٽيو ٻيو نہ ڪٿي ماءُ..

هي سين نہ ڏيندي چئن، اٿي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا!
هي شايد ساڳيو رمتو آ ، اڳ جيئن اجايو آ پيارا!

جنهن وقت چراغ شام ٻري، ۽ ميخاني ۾ جام ٻري،
تنهن وقت اسان جو پنڌ پري، پنهنجو ٻہ پرايو آ پيارا!

جنهن وقت اسان جي تند ٽپي ۽ ساز ٽپي آواز جهپي،
تنهن وقت پلي ڪو ڪنڌ ڪپي، ڪو آيو، ڳايو آ پيارا!

ڏس ڏس ماڻهوءَ جي مٽي مون ڳوڙهي ڳوڙهي سان ڳوهي،
ڪهڙو نہ لسايو آ پيارا، ڇا جام ٻڻايو آ پيارا!

آ چوڏاري مهراڻ متو، جنهن جو نہ پهي جنهن جو نہ پتو،
هي روح جزيرو حيرت جو،جنهن منجھ سمايو آ پيارا!

ڪنهن ڪاريءَچڳ تي رات ڪٽي،ڪنهن ڳاڙهي ڳل تي باک ڦٽي،
ائن وقت ڪٽيو ، ائن عمر لٽي ، سپ سانگ سجايو آ پيارا!

هي ڪارو ڪارونپار تہ ڏس، هو ڏورانهون ڏهڪاءُ تہ ڏس،
مون ڪيڏي جر جي جهاڳ مٿان، هي ديپ جلايو آ پيارا!

هيرا تہ ڏسو ڪنڪر نہ هڻو، ايندو نہ وري هو وڻجارو،
ڪجھ ڏات ڏسو پوءِ بات ڪيو، هي شور اجايو آ پيارا.

هيءَ پنهنجي ڪرڻي پرڻي آ، پر سنڌ اياز نہ مرڻي آ،
آخر هيءَ رات گذرڻي آ، تون ڇو گهبرايو آ پيارا...

ساري شهـــر وسايا پٿر جـــن سان چڪنا چـــــور هيو،
پوءِ بہ هن تي نعرا ماريـــا ، مڙس تہ ڪو منصــــور هيو.

وستيءَ وستيءَ نگريءَ نگريءَ گيت اسان جي گونج ڪئي،
چانڊوڪيءَ ۾ چنگ وڳو ٿي ، رات پرينءَ جو پـــور هـــيو،

ڪالـــهہ وفا جي ويرانــــــــي ۾ ڪهڙي هرڙِي اج مئي!
سچ ازل جي اک لـــڳو ٿي، ان ۾ ايـــڏو نـــور هيـــو.

دريا دريا هـــن جو من هو، صحـــرا صحرا نيـــــڻ هئا،
پل جو پانڌيئڙو آيو هو ، وڃڻـــو هـــــن کي دور هيـــو.

ڏينـــــهن تتـــي جو آيـــو آهين، اڳ ۾ آئين چو نہ اياز،
چـــپري ڇپـــــري ڇانو هئي، جنهن وقت نمن ۾ ٻور هيو.

آيو آهين دنيا لاءِ،
چو ٿو سوچين عقبيٰ لاءِ.

ڏرتي مريم جهڙي ماءُ،
آتي آ ڪنهن عيسيٰ لاءِ

ٻڌ تہ سهي ، تو اي سقراط،
زهر تہ پيتو پير چالاءِ.

هئہ هئہ چاڙهي پنگ . چڪي،
ملان نڪتا موليٰ لاءِ.

سوريءَ ڪفر چڙهايائون،
دين وڪيائون دنيا لاءِ.

رات اسان جي در خيام،
آيو مئي جي معنيٰ لاءِ

رومي ساري رات رنو،
حافظ ٿهڪ ڏنو چالاءِ.

ايندو آ هر رات اياز
مئخاني ۾ توبهہ لاءِ..


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

جهڙي ڪوڪ ڪوي سوچي،
تهڙي ڪانهي ڪـــويل کي!

ڏس تون تنهن جا پاپ نہ پُڇ،
جنهن وٽ ڪوئي گيت هجي.

جيڪو ٻاجهــــــاري ٻولي
تو لئہ آٽي جهول پـــــري.

تنهن جـــو آڏرياءُ ڪجاڻ،
ورڪا تيــــــندي آ ورلي.

جنهن وقت جڳ جڳ جو جادو
پل جو پانڌيئــــــــڙو آهي؛

موتي وجــــــــٽو آهي ماڳ،
تــــو وٽ پنهنجا گيت چڏي ـ

تنهن کي ڪيــئن چپايئہ ڪنڊ،
موتيا مگرا جـــــــــو آچي.

جنهن جو من گهنگهور گهٽا،
تنهنکي ڪو پياسو پرڪـــي،

سانـــوڻ روز نہ وسٽو آهي،
بيهي ڏس ڪـــجهہ بادل کي!

سيـــــــلانيءَ جو سنڪُ اياز،
توسان آهي ڏينـــهن ہہ ـ ٽي.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

پوئين پهر پرينءَ جـــي چڳ،
ويڙهي ويئي ســـــــارا دڳ.

مان ۽ منهنجي تند تنـــــوار،
تو ۾ چا هي جوئا جـــــڳ.

چارڻ سو جو چنگ ســـــوا،
لاهي سپ لاڳــــــــاپا لڳ.

رمجهم رمجهـــم راتڙيون،
وارياســــــــــي تي آيا وڳ.

کونہ ڇڏينـــدي ڪاري نند،
ڪوڙو چنــــــد، ستارا نڳ.

تنهن ڪي کهڙي ڪاڻ اياز،
نڪتي منڊ ڇڏي مـــــارڳ!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com
Web : http://www.msnusers.com/abdullateefansari

مان تہ ٻڏي هان تنهنجي ٻول،
ناتو تون نہ ڍلـــــو ڪر ڍول.

سانوڻ سنـــــڪ اڏامـــي آءُ،
پاڙِ اسان سان پنهنـــجا قول.

ڪاري اس ملـــــير مٿـــان،
ڪارا ڪوهہ، ڏڪيءَ جـــا ڏول!

هيرا ڪنڪر ڪٿ سمـــــان،
جيون چو نہ سميٽيئي جهول.

ماڻڪ اوتيو ماڻڪيــــــــون،
آڌيءَ رات مٿـــان انــــمول.

شال وسئـــــي ڪوءِ ڪلال،
رات گذاري ويـــــندي رول.

ڪنهن کي سسئي سار اياز،
ڏاگها ڏور هئيـــــن ۾ هول.

اهڙا پارا آندا پوهه!
سيءُ نه لاٿو ڪنهن به ستوههُ،

ڳاڙها ڳيرو! تون ڪيڏانهن؟
ڪيئي روجهه رلايا روهه.

ايري اُلهَي ساڳيو سج،
سامهون ساڳيا ڪارا ڪوهه.

چو هي گل گل گيت ڏنا،
مونکي پانڌ پري پابوهه.

سرتيون پرتيون ساحل ڪي،
آءٌ، گهڙو ۽ چوليءَ چوهه.

آءُ ڪرائيءَ ڏانهن ڪڙا،
تون ئي لچڪي ويندين لوهه.

سوريءَ تي سرويچ اياز،
ها، پر سنڌڙيءَ کهڙي ڏوهه؟


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

پنهنجا ڦٽ پراڻا ها،
يا هي ويڄ اياڻا ها.

چنڊ پري هو رات چڪور،
اڏري، اڏري ساڻا ها.

ميخاني جي ساري جان،
ساقي! تنهنجا ماڻا ها.

دير و حرم کان ڪيڏو ڏور،
پٿائي تنهنجا پاڻا ها.

پيڙا جا پڙلاوَ هئا،
گهايل گيت اڏاڻا ها!

ڪا جو هن تسبيح ڇڳي،
تارا داڻا داڻا ها.

چانگا چندن . واس هوا،
ڪاڪ ڪنڌيءَ تي راڻا ها.

تو ۾ هيڏو هٺُ اياز،
هن جا نيڻ نماڻا ها.

رات آئي وئي ، تون نہ آئين ڪهـــــي،
ماڪ ۾ مينڊرا ، ڪاڪ روئيندي رهي.

مينهن موتي ويا، ڏينــــــهن ايري لٿا،
تون نہ آئين ڪهي، وهہ لڳي ٿي وهي.

سانورا! تو سوا چانورا چـــــا ڪبا؟
لوءِ تنهنجي لڏي، لوءَ لڳـــندي رهي.

او وڄان مان وڄان، ڪيئن پيرو پڇان،
سڄ ويندو لهي ، پيـــــــر ويندا ڊهي.

ڪنهن بہ اورار بيهي نہ ڇــاتو پرين،
تون نہ ميهار آهين، نہ تو وٽ آ مهي.

سر اياز اڄ ڏنو، ڪنهن نہ ڄاتو تہ ڇو!
رتُ اڏيءَ تان اُڏيو ، سنڌ ڏسندي رهي.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سڪر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

بي موت مئا تو لاءِ ڪئا، انسان هزارين مان نہ رُڳو.
هن دنيا ۾ اي ديس! هئا نادان هزارين مان نہ رُڳو.

جي راهہ ازل ڪنهن ورتي آ، هن پونءِ ڪئي ٻي پرتي آ،
هيءَ ڌرتي توڪي پرتي آ، مهمان هزارين مان نہ رُڳو.

اک ساري رات نہ جهپڪي آ، ۽ شبنم شبنم ٽپڪي آ،
جي باک ڳهري ٿي بڪُ تہ اي زندان هزارين مان نہ رُڳو.

تو ساري ڪوٻہ نہ سڄ . مئا هو رڄ مئا جي اُڄ مئا،
ڇا پاپي پرڪي پُڄ مئا، ارمان هزارين مان نہ رُڳو.

ڇو چنڊ اسان ڪي رات . ٺري ، ڏي چانڊوڪيءَ جو زهر پري،
آ ڪيڏو پويون پهر پري، حيران هزارين مان نہ رُڳو.

تون چئہ نہ ڪچان، تون چئہ نہ لچان، پر توکان هڪڙي ڳالهہ پڇان،
تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين، اعلان هزارين مان نہ رُڳو.

هي دؤر اياز گذرڻو آ، ۽ پنهنجو وارو ورڻو آ،
ڪو ٻارڻ نيٺ تہ ٻرڻو آ، امڪان هزارين مان نہ رُڳو.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

نہ تڙ تي تماچي ، نہ گنـــــدريءَ گذارا،
اسارا اسارا ، ڪينجهر جا ڪـــــــنارا.

اتر. واءُ اوتي ، جتي عطـــــــــر توتي،
هيا هنج! تنهنجـــا اتـــان ئـــي اڏارا.

ڳنڌي وار ڪنهن لاءِ ائينءَ ڳهـــيلي؟
چري! چاڳ ڪهڙا! ڪتي چـــاهہ وارا؟

جڏهن ڪان وئين تون ورهہَ راس آيون،
نہ گهر تي گهٽائون ، نہ سَرَ تـــي ستارا.

اجان رج مان رڙ اچي ٿي اچـــــي ٿي،
متان ائين سمجهين مئـــــا مور سارا.

وڏا وڙ ڪيا نـــــــڙ، پلي آئين چارڻ!
جڏا جـــــــــــيءَ جاڳي پيا او جيارا!

اڙي هي امارا مئـــــي ناهين مڪلي،
اياز اڄ وتاسين پٽر جـــــــــا پنارا.

پري جام پنهنجا پـــــياڪو اچو،
ڏکيو هوش جو نـــاهہ، ڏاڪو اچو.

اچو رُتَ ڦري آ، پروڪو پيـــئون،
وري چنڊ پاتو لياڪـــــــــو اچو.

ٽڙيو آهي ڏاڙهون، ڪڙيو آ بسنت،
ڦٽو ڦٽ، ٽُٽـــــــــو آهہ ٽاڪو اچو.

ائين تار ترٽو پيـــــــــــو ساٿيو،
نہ آهي ڪٽي ناخــــــدا ڪو، اچو.

ڪيو آهي سينگار ســوريءَ اياز،
دلين ۾ ڦيو آهي ڌاڪـــــو، اچو!

ڪڏهن نہ اهڙا جهڙا هيل،
مون وٽ باڪ پنا رابيل.

آئي سٿ صفحي تي يا،
ٻوڙي سانوڻ ـ رُتَ ۾ ٻيل.

آءُ ونين ۾ منهنجي ويهہ،
وري نہ اچڻي آ هيءَ ويل.

هي گهر تي گهنگهور گهٽا،
در تي مڏ جا مٿ سويل.

پيري پيري ڪويل ـ ڪوڪ!
هئہ هئہ تنهنجي ڦٽ اڪيل!

برڪا بيني هاٽي ڏس،
ڦلواريءَ جا تيل ـ ڦليل.

سارين ٿو هن وقت اياز،
ڪهڙا ماڻهو، ڪهڙا ميل!

ڪيئي جادوءَ جهڙا جيءَ،
پر ڪا اهڙي، جهڙي هيءَ!

تنهنجي هاٺي هنج ـ اڏار،
لاهه نہ لوئي سر تي سيءَ!

مينهن ـ ولوڙا، چاڙهو چنڊ،
رات بہ جهڙي ڏوڏيءَ ڏيءَ.

ماڳر ساري ٿانگر ـ واس،
لوئي ناهه مڇيءَ جي ليءَ.

تڙ تي نوريءَ ٿانگهہ اياز،
ڪينجهر ڪونہ وسايو ٻيءَ.

ڏرتي ڇاڇـــــــــا دان ڪري وئي!
اوڪ ڏئي انسان ڪري وئـــــــي.

آئي تنهنجي سار تہ سپريـــــــــن،
سوريءَ کي آسان ڪـــــــري وئي.

طوفانـــن ۾ ڪــــــڏندي ڪشتي،
ساحـــــــل کي حيران ڪري وئي.

عشق ڪرشما ڏيـــــــــڪاريا دل،
ڪفر مٿان ايمـــــــان ڪري وئي.

رُڃ بہ ايـــــــــڏي اُڃ ايـــاري،
ساغر تي احسان ڪـــري وئـــي.

درد وڏايــــــــــــــا ڇاڇا رشتا،
دل دل جو درمــــــان ڪري وئي.

سرهـــــــــــي بوءِ بسنتـــــي آئي،
سانجهيءَ کي سنسان ڪـــري وئي.

ڪنهن جي ڪنهن جي ڪاند ڏنائين،
بين وڄي بيــــــــــران ڪري وئي.

ڇاڇا جام ايـــــــــــاز پياريئہ،
سڀ کي سرڪ سڄاڻ ڪـــري وئي.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

آئُ تہ هان واريءَ تـــــي وڻ،
تون بہ پنهنجو ٻُـــڻ جو ٻڻُ.

ڏونگر جهڙو ڏيـــهہ نہ ڏس،
آءُ پنهونءَ جو پيرو کـــــڻ.

آءُ کتيءَ جي هيٺان کـــتِ،
آءُ اتـــــاهون آ آتـــــڻَ.

ڏرتيءَ جا ڏاڙيـــــل ڏراڙ،
ڏوڙ اڏائي نکـــــــتو ڏڻُ.

آئي تنهنجي سار پريــــــن،
ســـاري رات رنو ســانوڻ.

کلهہ تو جي کلونت کنا،
تن لئہ تاتيئہ اڄ آســـــڻ.

نئون ڦلاري ناهين ايـــاز،
او ڦلـــواري چڻ، چڻ، چڻ!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

جي پنهنجو نـــور نچوئي ويا، ۽ تنهنجي جوت جلائـــي ويا،
سي لڙڪ مٽيءَ ۾ لـــوئي ويا، پر چاچـــا موتي پائي ويا.

ســـــــــي وڻ وڻ لوڏي واءُ ٿيا، سي پن پن ۾ پڙلاءُ ٿيا،
جي بن بن بين وڄائي ويا، جي تـــــــن من واري ڳائي ويا.

مون ڌرتي تنهنجا ڏگَ ڏٺا، مون تن جا لويل لـــــــــگ ڏٺا،
جن وڙهندي وڙهندي جان ڏني، سي وارا ويـــــــر وڃائي ويا.

اڄ ڪوبہ ڳچيءَ ۾ ڳٽ نہ آ، ڪو مــــڙس انهيءَ جــو مٽ نہ آ،
جي سارا ڪوٽ اڏائي ويا، ســـي گهوٽ اسان کي گـــهائي ويا.

مون اڻ ٽيٽـــــــــــا انسان ڏٺا، مون سوريءَ تي سؤمــان ڏٺا،
اي ڌرتي چاچا ڪونـــــــدر ها، جي پنهنجا ڪنڌ ڪپائـــي ويا.

مون ويندي تن جا پير ڏٺا، مون چاچا مڙس مـــــــــتير ڏنـا،
جي ڪيئي سج اپاري ويا، جي ڪيــــــــئي سج سمائي ويـا.

مون ڪاتيءَ هينان ڪنڌ ڏٺا، مون ســـاٽا ساٽا سَـــنڌ ڏنـــــا.
مون چاچا مائيءَ لال ڏنـــــــــا، جي لوئيءَ لڄ بچائي ويـا.

سي جيءَ جيارا ماڻـــــهو ها ، سي سڀ کان پـــيارا ماڻهو ها،
جن ساھ ڏئي ويساھ ڏنــــو، جي دل ۾ درد دکائـــــي ويا.

ڪلھ رات مســــافر آيا ها، جـــــن پنهنجـــا جيءَ جلايا ها.
ٿي چاچا جرڪـــــــا جاڻ ڪري، هو ڪيڏا مچ مــــچائي ويا.

چاچا نہ وسيهر ونگ هئا! پر نانگا يار نسنگ هيا،
جي تنهنجو روپ نکاري ويا، جي تنهنجي سنڌ سجائي ويا.

چا نعرا ها چا نينهن هيا! هو مڙس هيا يا شينهن هيا،
جي ڏونگر ـ ڏيل ڏکائي ويا، گجگوڙ کري گرمائي ويا.

آ کنهن کنهن ماڻهوءَ منجهه مٽيا،پر مون کي اهڙا مڙس وٽيا،
جي سارو جڳ جرکائي ويا، پر پنهنجو پاڻ پلائي ويا.

جن پاسو ورتو کوڙ کنان،هي مڙس نہ ويندا مُور منان،
جن واسي واس کيا، جي سارو سچ ٻڏائي ويا.

هو بادل بادل آيا ها، جن جل ٿل پال پلايا ها!
اي کيت کڙو، او شال تڙو! هو پنهنجا مينهن وسائي ويا.

ويا پريت ڏئي هو پاڻيارا، اچ کينجهر تن جا کاٽيارا،
چا راڳا تن سان رچ کيا، جي تنهنجي اچ اُجهائي ويا.

هو پيار. پتنگا کامي ويا، ۽ کيڏو دور اڏامي ويا،
پر تنهنجي منهنجي ڏيئي ۾، هو پنهنجي جوت سمائي ويا.

اچ چوهه انهن جا چوليءَ ۾، اچ ٻول انهيءَ جا ٻوليءَ ۾،
اي ڌرتي! تنهنجي جهوليءَ ۾، جي سورهيہ سيس چپائي ويا.

هي چوٽيءَ چوٽيءَ تي مشعل، هي جهوليءَ جهوليءَ ۾ گل ڦل،
ويا سانول چاچا سڳ چڏي! چا جنڊڙيءَ کي جرکائي ويا.

چا سمجهي تن کي جيءَ جڏي، آ تن جي ڳاڙهي ڳالهه وڏي،
ها چاچا ارڏا کند اڏي! جي توکي ميندي لائي ويا.

هي برهه بہ کوئي بڙ آهي، چا جانني ان جي جڙ آهي،
مون ان ۾ کيڏا ڏار ڏٺا، جي چانو کري من پائي ويا.

اي آري! تــــــنهنجـــي آڏِ هئـــي، پر ڏونـــگر ڏاڍا ڏاڍِ ڪيـــا!
هي تنهنـــــــجا پيارا پيــــر هيــا، جي پنهنجو پنـــڌ پڄائي ويا.

ڪئن توکي ڪاري ٻات مڃان، تي ڪري چٽنگ چمــڪات اڃا،
آ ٿم ٿم ٿم لاٽ اڃا، جا جوڳِي ڪالـــــــــــــهه جلائي ويا.

هيءَ جان ته اڇٽي وچــــــــــــــٽي آ، پر مرندي مات نه مڃٽي آ،
مون اهڙا سَوَ ساونت ڏٺا، جي پـــــــــــــنهنجو هٺ هلائي ويا.

ڏس! ٻاک پلـــــــــــــــــيري آئي آ، ڏس سنڌ مٿان سرهائي آ،
چو تن جي لاءِ اياز رُنيــــــــــــــــن، جي مارو ماڳ مٿائي ويا...


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

مينهن وسي ٿو ، هٿ تہ پٽِ،
مرٽو آ تہ ٻہ ماٺي وٽ.

واءُ. ولوڙا، كارا كن،
ونجھ ٻہ كھڙا وانجھي وٽ!

نينگرڙا هي پوپٽ آهي،
هن جا پرڙا هيئن نہ پٽِ.

وسٽو آهي، هانءُ نہ لاھہ،
چورا! ٻج ٻہ ٿي كي چٽِ.

تانگھ نہ منهنجي تڙكي لاءِ،
آءُ گهٽا سان منهنجي گھٽِ.

ٿانداٽي جي ٿم ٿي ٿيءُ،
ويٺي كاري رات نہ كٽ.

ٿي كو جهندو جهولُ اياز!
ڳٽ ڳچيءَ جا سارا سٽِ.

دهــــــــــرا داوَ ، اسان اٿموٽ،
ڳـــاڙها ڳاٽ، ڳچيءَ جي ڳوٽ.

نيزا نيزا لــــــــــوڪ . نهار،
آيو آنهه نغــــــــــاري چوٽ!

کهڙي کوهه . ڪُنـئيءَ جي لاءِ،
تون هي ڪيرائين ٽو ڪوٽ؟

ڇاڇا جوڪا تنـــــهنجي جاٽ!
اونهي ڪڏ، اتاهان ڪـــــوٽ!

ريٽو ريٽـــي ، ڳــيڙوءَ ويس،
آيو آنهه پـــــــــــٽائيءَ اوٽ.

مرندين مڙهه سان ڪوڻ اياز1
اڄ، اڄ مـنهنجا ڳاڙها گهوٽ!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

هيءَ کـــــهڙي موڙهي مت لوکو!
ڏرتي بہ تہ آ جـــــــــــنت لوکو!

هي کهنبا ويس کتيــــــــريءَ تي!
اڄ پريت وجـــــــائي پت لوکو!

هي پـــــــير پٿـــيهر جـــهڙا ها،
جي پنڌ پيـــــــــا پربت لوکو!

ڪو مانجهاندي جو مـــــــاڳ بہ آ؟
آ ساري واٽ اُتـــــــــت لوکـــو!

ائن ڪير سڏيندو ســــــوريءَ ڪي،
ڪنهن ڳالهہ مٿان آ ڳـــت لوکو!

ڪنهن مينديءَ رُتَ جي ريت ڪئي،
هئن لالُ لهـــــــو لت پت لوکو1

هي پيار . ڪٽا تورا بـــــــ گهٽا،
ڪئي اهي پني پورت لوکـــــو!

هي ســــپنا منهنجيءَ جهوليءَ ۾،
هيءَ آڏيءَ رات اٽـــــــت لوکو.

ڪجهہ شاهہ ڏني، ڪجهہ شيخ ڏني،
هن سنڌڙيءَ ڪي صــورت لوکو!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

كنهن كيئن چيو، كنهن كيئن چيو، پر وائي سڀ كي وات هئي!
هيءَ كاتر سريلي آڳ هئي، هيءَ كاتر پري برسات هئي.

هي آڏيءَ آيل سپنا ها، جي جاڳ. جلايل سپنا ها،
چا رمجهم رمجهم روپ هيا! چا برکا رُت جي رات هئي!

چا چٽگون چٽگون چنگ هيا، چا تن ۾ آڳ. امنگ هيا،
ٿي چاچا ڄرکا جيءَ ڏنا، چا تَوَ كي پنهنجي تات هئي.

كنهن كونه سجاتو ڳاتي كي، هن ڌرتيءَ جي مڌ ماتي كي،
هو كير هيو! كيڏانهن ويو! كا پيد پري هيءَ بات هئي!

جي دل جا داوَ سڃاڻين ها، تون ڄاڻين ها تون ڄاڻين ها!
جا مات هئي سا جيت هئي، جا جيت هئي سا مات هئي!

تون هونءَ ته جهونا ساز ڏنا، پر چا نه نوان آواز ڏنا!
تون چاچا گيت اياز ڏنا، چا ڏاتر تنهنجي ڏات هئي.

پلي آس ٿر مان نہ آ ٿوهرن،
پٽائي ڏسين ٿو وڄون ٿيون ورن؟

اتر ڏانهن ٻڪرال ٻهڪا ڪيا،
ڪري ونگ آگم اجهو ٿا وسن!

پون ٿا نوان ڳنڍ ڳنڍير ۾،
پٽن تي وري ڪَرَ ڪنيا ڪونپٽن.

جهلن ٿا پيا جيءَ جي جهولڻا،
چلن ٿا، مٿاهان چمر ٿا چلن!

ٻنا ٻوڙَ وسنديون ٻڪر ٻُوس ِتي،
ڳٽي وقت ڪان تيون گهٽائون ڳُڙن.

سوين ڪيت تنهنجا سوين مارويون،
نہ زيرون نہ زنجير جن کي جهلن!

پڳائون ڪڙا ڪوڙ جي ڪوٽ جا،
پليا ڪونہ پيرن مٿان پيڪڙن!

ٻہ ٽي ڏينهن واهيت ڪندا هي وزير،
نہ چؤگان رهندا نہ چاري مٿن.

ڏنئي سُڌ اهڙي سوين سيڪڙو،
مٿن تي مڙي ويا، پيو پيا پيئن.

ڪٽي چنگ چارڻ اُچارڻ لڳا،
اهي ٻول، ڪلهہ ٻڙڪ ٻاقي نہ جن.

سوين سڏ تن جا پڙاڏا هزار،
اپي ڪان لمي گيت ٿا گونجن.

ڏنو ڏيهه آ ڏرت، ڏاڍو ڏکار،
ڪرين ماڙ ڪائي تہ مُوذي مرن!

سڄو ڏيهه ڏاتا ڪري جي ايا،
لکين عيد جا چنڊ ايري پون.

نہ جهانگي جهڄن ڪنهن بہ جهوريءَ هتي،
نہ سانگي ڪنهين کي بہ سُنگي ڏين!

ڪتيريون متيريون چپر ڪٽ تي،
ڏئي حال احوال، ڦاٽا سبن.

وهن ائٽ ، ڀهڙا ڪڻي ٻائڙيون،
اسر ويل نوڙي گهرن ۾ گهرن!

سدا مامتا جي رکين لاج تون،
سدا چڻنگ ٻارين وساڻل چلهن!

نہ مارنگ تن جا اُجهاميل ڏسان،
نہ آونگ تن جا ايوڳا لڳن.

ٻيي لاءِ ٻولا ڪتي ديس جي،
نہ لولا لڇائن، نہ لوليون لُڇن!

نہ پورهيت ٻڌن پيٽ کي هيئن پٽيون،
نہ هاري ڪڏهن رَتُ سان ريج ڪن!

جڏهن رات ٿئي ، ننڊ جي گود ۾،
سڄو وقت مارو ستابا سمهن!

سدا هير تن جو هندورو ٿئي،
سدا امن آزادگيءَ ۾ اتن!

ڪڏهن سنڌ جي سينڌ ميري نه ٿئي،
ڪڏهن موڙ تنهن جا نه مرجهائجن!

وسي پٽ تنهنجا پلارا سدا،
پلي ديس پرديس سارا وسن!

اسان سنڌ وارن ازل کان اياز،
ڪنهين لاءِ مندي سمائي نه من.

هتي لوءَ جي كانـــــــــ پوندءِ لكا،
اڏي ويهـ منهنجي پڏر ۾ پـــــــكا.

وري سار دل تي تري آئـــــــــي آ،
وڏاسين اوهان لاءِ اكيــــــن جا اَكا.
ا
اُكيرؤن اُكيرؤن، كٿيريون تہ ڏس!
اڙي ڏيهـ تنهنجا اجايا ڏكـــــــــا!

هلو، پٽ پاسي وســـــــايون وليون،
ڏناسين، ڏناسين، ولهـــــن جا وكا!

اياز اڄ كراچيءَ ڏني ڏينهـــــن ٿيا،
ڏسي كير ايڏا مئـــــــيءَ تي مَكا!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

ٽئي شال ڪوئي پـــــليءَ جو پلو ڙي،
وري پٽ پاســــــــي هلو ڙي هلو ڙي!

رڳو هانوَ جو ڏيہ، سو ڪـــــــيسيتائين؟
نہ ڪا آهي پيٽي نہ ڪو پرجهــــلو ڙي!

سڄو سُور آهيان، پلا ڪيئن نہ دانهيان!
اجا ٻيڄ ڳايان؟ گهٽــــــين ٿو ٻلو ڙي!

ڏسان شال ٻيهر اُني جـــــــون اڏارون،
ڏنو ٻُٽَ منهنجي ولر ڪي ولـــــــو ڙي!

اسان جو انهن سان اڪين جو امـــيريون،
پهي! ڪيئن آنـــدءِ پرينءَ جو چلو ڙي!

اياز اڄ پيا ياد ورهـــــــــين ـ وڇوڙيل،
اکين جي اڳيان ڪو ٿلي ٿـــو ٿلو ڙي!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

سڪـــي پـــيا ڪـــي ملين تہ چئجان، چاندني تو سوا نہ ٿيندي،
اڄـــين تـــ مـنهنجي اماس ۾ آءُ، چو تہ ٻي رات ڪانہ ايندي!

ڪڏهن ٻہ توتـــي ڏُوار دل جا، نہ ٻوتـــبا تـــون پـــلي هلي آءُ،
ٻہ لـــڙڪ آلا ڪـــڏهن ٻہ هوندا، متـــان چئين آجيان نہ ٿيندي!

نہ ديپ دونـــهاتجي ڪڏهن هـــي، للات جي لاٽ شال جرڪي!
پـــرهہ پري آ، پتو نہ آهي، تہ رات ڪـــــــيسين ڏهاڳ ڏيندي!

پکي پروڪـا اچـــان نہ آيا، اڪـــير تـــن جي هـــــري رهي آ،
اداس سَـــرَ تي هوا انـــــي جي، چئـــي پئـــي ڪا اڏار ايندي.

پرار تي ڪـا پـــڪار آهـــي، مـــگر اڃـــان تـــڪ تـــار آهي،
ڪتـــي اســـان جـــي اڪـار آهي، اياز ڪيڏانهن ناوَ نيندي؟

هن انڌي ديس انـــــــڌيري جي،
تون سورين ڳالھ سويري جـــي!

ڪو ڏوبي . گھاٽ تہ ڳولـــي ڏي،
ٿي اؤجر هن من ميـــــــري جي.

هوءَ هل هوا مان جھپــــــــٽي آ،
مون ڳالھ ڪئي مس ڳيـــري جي!

ڪجھ وقت ڪڪائيـــن سار هئي،
هن اکڙين جي آڪــــــيري جي. –

اڄ وڄ وراڪا ڏئي ســــــــاڙي،
هر هرڪر هن آهـــــــــيري جي.

جو جاءِ جوالا تـــــي ڳـــولي،
اي دل تون پنـــهنجي ديري جي؟

تون پٽَ پــــرين، پر تنهنجي پڳ،
ڇا ڪندِ هئي ڪانـــــڌيري جي!

ڇا جر ۾ جاڻ ايـــــــاز هئي،
ڪنهن جيءَ . جلي جي جيري جي!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

مان ٻارتہ ناھيان اي جيـــجل،
جو چنڊ ڏسان آئينـــــــــي ۾!

ڪا ارتي آتر ويـــــــــــــلا آ،
جا گھاوَ وجھي ٿي ســيني ۾.

ھو برڪا برڪـــــــــــا اڇٽو آ،
پر ڪھڙي مـــاس مھيني ۾؟

ڪو ساحل ساحل سپنو ھان،
مان ساري رات سفـــيني ۾.

ھي ديس ٻري ٿو نفرت سان،
ھي ديس ٻري ٿو ڪـــيني ۾.

ٿو امرت لاءِ ايـــــاز ڏسان،
مان پنھنجو خون پسيني ۾.


سھيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

هيءَ هرڪر رين ـ بســـيرن جي،
تيِ ويندي ساک ســـويرن جي.

جي واڳ وٺين ها ڏاگهن جـــي،
چو ڪاڻ ڪدين ها ڏيرن جـــي.

او شال! عقابن سان اٽڪـــان،
مان واهر تي واهيرن جـــــي!

آرات لڙي هو اچڻـــــــــــــو آ،
تون چوڙ نہ پايل پيـــرن جي.

مون مرڪي پنهنجو پـاند ڏنو،
رُتَ آئي ٻاڙهن ٻـــــيرن جي.

ميهار ملڻ جي ويـــــــــلا آ،
ڪر ڳالهہ گهڙن ۽ گهيرن جي.

تي ساري سنڌ اياز نـــــچي،
چا چم چم آندئي چـــيرن جي!

اي قوم ٻڌايا ٿي قصا، ڪلـــــــــــهہ مون توکي تقديرن جا،
اڄ باغيءَ باغيءَ جي سرَ تي تو تاج ڏسن تــــــــعزيرن جا.

ڪو ڪيئن نہ ڊوڙي مقتل ڏي، آ رَتُ ۾ خوشبو مينديءَ جي،
ڪو ڪيئن نہ موٽي زندان ڏي، تا زلف ڇڪــن زنجيرن جا!

هو ڪوڙا ڪانئر ڪڙڪن تا، ۽ لاش هوا ۾ لڙڪــــــــن تا،
پر ڳاڙها جهندا ڦڙڪن تا، چا رنگ ڏنم رهگـــــــــيرن جا.

اڄ لال لهوءَ جي سرگم تي، ٿي ڌرتي منهنجي رقص ڪـــري،
منهن هيڊ ٿيا غدارن جا، بي شـــــــــــرم وڏيرن پيرن جا.

هي ماٺهو وهہ جو ڍڪ ٿيا، جيئن لڪ لڳي تـــيئن رُڪ ٿيا،
اڄ آزاديءَ جي نعري سان، سڀ درد ويــــــــــا دلگيرن جا.

هر دوکي جي ديوار ڊٺي ۽ ان جي سر سان سر نہ مــــــلي،
اڄ ڊوڙي هر ڪو ديوانو ٿو ڪولــــــــــــي بند اسيرن جا.

اڄ هر ڪنهن جو هي رايو آ، تو نينهن اياز نــــــــيايو آ،
تو ڳاتا گيت بغاوت جا، تو لاٿا زنــــــــگ ضميرن جا...


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

جيجل کهڙي ٻيجل آندئي هيءَ تنبي جي تان؟
سر جي سٺ ڏئي ٿو آڇي هر کو دهرا دان!

منهنجا گيت گهٽيئڻ ٿي ڪانئڙ، هاڻي ڪيئن ڪندين؟
گرجي گونجي هن ڌرتيءَ جي ستر لک زبان!

مل مان ٿا مزدور اچن يا واڳهه ڪڻن ٿا وڪ،
چيتي جيئن ڪجهه چيتا آيا، ڪيڙي ڪيت ڪسان.

گونگا ماڻهو ٻوڙا ماڻهو، ماڻهو ٻوٽ ٻڌل،
للڪارون للڪارون ٿي ويا، لُڏي ويا ايوان.

گهنن گهنن گهڻ ڌرتي گونجي، جنتا جاڳي اڄ،
ڏنن ڏنن ڏن ڏگ پيا ڪن آزاديءَ اعلان.

جهنن جهنن جهڻڪار اچي ٿي، ٿا زنجير ٽٽن،
ڪنن ڪنن ۾ واجٽ آيا، زوم پيگا زندان.

چنن چنن مان آڳ اڏاڻي، پهتا اپ اُلا،
تنن منن مان ڄرڪي نڪتا، آپي جا اپمان.

پنن پنن ۾ ٻٽ اچي ٿي پهرين، پوءِ اياز،
ٻنن ٻنن کي ڌونڌاڙن ٿا تيزيءَ سان طوفان.

# ڇيڄ

ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين، ڪانگ لنـوين وو،
آءُ پـــرين ، آءُ پـــرين ! سانـــگ ڪري ڪـو،
ڪانگ لنوين وو !

آءُ پـــــرين اپ مٿان آهه لـــــــڱهه . لـــس،
ڄاڻ وتـــــو مـــــينهن، ڏنـو وڄُ وراڪـــــو،
ڪانگ لنوين وو !

آءُ پـــرين ڪٽـــــــڪ ڪيا سنـــــگ سنـــهرا،
ڪـــــــيت ٿيا ڪاڻ، سچو ســــــونُ ڀـــري ٿو،
ڪانگ لنوين وو !

آءُ پريـــــــن واءُ وري انُ اُجـــــــــــــاريو،
مند مٿـــان مند اچي، تون نہ اچيــــــــن چو؟
ڪانگ لنوين وو !

روز منـــــي لات ڪـــري، مــــات ڪـــري من،
پڪ لهـــــي لڪ ڏيئي نيـــــــنهن . نياپـــــو،
ڪانگ لنوين وو !

هاءِ پريـــــــن ! هاءِ پريـــــــن ! دير ڪئي تو،
ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين، ڪانگ لنوين وو.

# آزاد نظم

هيءُ ڏڱاٽو خان،
انهيءَ جو
پيءُ به هاري،
پٽ به هاري
پوک اهائي ساڳي ساري
ساڳيءَ جوڙيءَ تي پاجاري
ساڳيا هر ۽ ساڳيا ريجا
ساڳيا ٻيجا
ٻيج به ساڳئي ٽيج به ساڳي.
چوٿ به هڪجهڙي وڏ ياڳي
ڳوٺ به ساڳيا
موٺ به ساڳيا
پير. ڪڙيون ۽ ٽاٽا ساڳيا
نينگر لاءِ جمعاٽا ساڳيا
جنهن ڌرتيءَ کي وينو کوٽي،
تنهن ڌرتيءَ ۾ آخر موٽي!
ها، پر سانجهيءَ ٽاٽي،

گهوڙي کي جنهن وقت پلاٽي،
سنج وڄائي
ڏاڍيان ڳائي،
گهوڙي جي هٽڪار هوا ۾


E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

پرتي پرتي پر ڦهلائي
۽ ساري لالاڻ شفق جي
ڦهلي ڦهلي
نور وهائي نيسارن ۾،
هن ۽ گهوڙي جي تارن ۾،

پانيان ٿو تنهن وقت ٻنهي جا
نيڻ صدين جا سيڻ لڳن ٿا.....
ها، هي ساڳيو ماڻهو آهي
جڳ گذري ويا، بدليو ناهي،
توڙي هيءُ ڏڱاٽو خان،
انهيءَ جو پيءُ
انهيءَ جو پٽ
اجان پي بدليو ناهي،
ماڻهو ساڳيو ماڻهو آهي!

# لوليون

لوليون،
او ابا!
لوليون ! لوليون !
شال دولهہ ٿئين، شال دودو ٿئين،
شال سورهيہ ٿئين، سنڌ تي سِرُ ڏئين!

لوليون،
او ابا!
لوليون ! لوليون !

پيڻ تنهنجي بہ شل سورمي تي جئي!
مارئي تي مري ، مارئي تي جيئي!

لوليون،
او ابا!
لوليون ! لوليون !

سو اسان مان نہ آ ، جو جيئي جُٺ ۾،
گهاءُ تو کو ڏنو ، پيءُ کي پُٺ ۾،

لوليون،
او ابا!
لوليون ! لوليون !

ديس سڀ جو پرين، واس جنهن جو وٽي،
رَتُ جنهن جو رڳين، تڄ جنهن جي ٽٽين،

لوليون،
او ابا!
لوليون ! لوليون !

سنڌ جي سڌ تي شال گهوريو وڃين،
ڪاڪ وهندي رهي ، تون ڪکوريو وڃين!

لوليون،
او ابا!
لوليون ! لوليون !

لولي لال !
جيئين شال !
پنهنجي ياءُ پنهنجيءَ ماءُ،
پنهنجي پيءُ سان شل جيءُ،
لولي لال !
لولي !
ساريءَ ڌرتيءَ تي آ سڀ کان سندر تنهنجو ديس،
ان ۾ اجرو، من ۾ اجرو، ون ۾ اجرو ويس،
لولي لال !
لولي !
تنهنجيءَ ڌرتيءَ ڪالهه نپايا دودي جهڙا ڏِڳَ،
منهنجي ٿڄ ۾ ساڳي آهي، ساڳيا تنهنجا لڳَ،
لولي لال !
لولي !
توکي آهي ٻاروتڻ ۾ ڀاڳيءَ جهڙي پيڙ،
تنهنجي ڌرتي سڳ سڄاڻي، ڏاريا ڪهڙا سيڻ!
لولي لال !
لولي !
هي سکر کان سون مياڻيءَ تائين ساڳيو ساءُ،
سڀ ڪي تنهنجو جَرُ جياري، سنڌو سڀ جي ماءُ،
لولي لال !
لولي !

سچل جي سونهاري ذرتي ، سامي؅ جو ساٽيهہُ،
تنهنجا پاڳ پلارا ، تنهنجو پٽ ڏٽي؅ جو ڏيهہُ،
لولي لال !
لولي !
سنڌ ۾ تنهنجي اهڙي جيجل ، جهڙي جيجل آءٌ.
جي تون پنهنجي پونءِ چميندين، هرنڌئہ مون لئہ هانءُ،
لولي لال !
لولي !
ان جا ڳوڙها ، منهنجا ڳوڙها، ان جي مرڪ ۾ ائين،
تنهنجون اڄ اجايل چڳڙون، آڻن مون تي جيئڻ،
لولي لال !
لولي !

لولي لال !
جيئين شال !
جيئي سنڌ ، تنهنجي سنڌ،
جيئي جند، تنهنجي جند
لولي لال !
لولي !

منهنجي ڇاتي ڇولي وو!

لولي وو! لولي وو!

لالڻ منهنجا لولي !

اهڙي ٻولي ڪابہ نہ جهڙي ٻاروتي جي ٻولي وو!

لالڻ منهنجا ، لولي !

سنڌڙي جهڙي سينڌ نہ ڪنهن کي، تنهنجي ڌرتي ڏولي وو!

لالڻ منهنجا ، لولي !

هيءَ جا ڌاري ڇٽَ ، انهيءَ جي ٽوٽي ٽوٽي پولي وو !

لالڻ منهنجا ، لولي !

جنهن ۾ پٽ ڌٽيءَ جو واسو ، آءٌ انهيءَ جي گولي وو!

لالڻ منهنجا، لولي !

مون جهڙي ڪا جهولي وو !

لولي وو! لولي وو!

لالڻ منهنجا ، لولي.

# گیت

روئڻ سان رهن ها جي سپرين، مان نيٽين نير نہ روڪيان ها!
مان ڳوڙها ڳاڙهي ڳايان هـــــا،
مان وڪ وڪ وار وڇــــــايان ها،
وَرُ واريـــــان ها گهرُ گهوريان ها،
مان ســـهسين سانگَ رچايان ها ـ

روئڻ سان رهن ها جي سپرين، مان نيٽين نير نہ روڪيان ها!
اڄُ دور ويــــــا ڪالهہ پرسان ها،
گهنگهور گهــــــتا تي برسان ها،
مان سارا چارا ميـــــــــتيان ها،
مان بدلي بڻجي برســـــــان ها ـ

روئڻ سان رهن ها جي سپرين، مان نيٽين نير نہ روڪيان ها!
هي ويراڳـــــــــي جي وجڻا ها،
جي ڪنهن جي مورُ نہ مـــجڻا ها،
هڪ رات رهي ويا دورُ ڪَـــــهي،
پينر! سي پـــــــــيري ـ پجڻا ها ـ
روئڻ سان رهن ها جي سپرين، مان نيٽين نير نہ روڪيان ها!

آءُ ٻہ او پرديسي! مون کي تنھنجي سار ســــــــــــتائي،
سانجھ سويري پل جو پنڇي تو لئہ پر ڦھـــــــــــلائي،
اڏري ڏکري ڏکجي ، ڀجري لئہ واجھــــــــائي،
ڳالھيون تنھنجون ڳائي ـ

آءُ ٻہ او پرديسي! مون کي تنھـــــــــــــنجي سار ستائي،
ھاٽي تير تکا جو تاٽي ، کلھ جا کان ھــــــــــلائي،
منھنجو ھيئون ھرٽيءَ جھڙو، ڳهُور ڳھــڙيءَ جي ڳھائي،
تن مـــــن کي تڙڦائي ـ

آءُ ٻہ او پرديسي! مون کي تنھنجـــــــــــي سار ستائي،
تنھنجو منھنجو سنگ سجن. ائين ھردي کي ھـــرکائي،
ساوڻ ـ رُت ۾ جيئن پيھو پيھـــــــــــــو پيھو لائي،
وڻ وڻ ۾ واجـــھائي ـ

آءُ ٻہ او پرديسي! مون کي تنھنجـــــــــــي سار ستائي،
تنھنجا سندر نيڻ ائين جـــــــيئن رات انڌيري ڇائي،
من ڪويل جي ڪـــــــوڪ، انھن ۾ پيھي ڇاڇا پائي!
پري پري پھـــچائي ـ

آءُ ٻہ او پرديسي! مون کي تنھنجي سار ســــــــــتائي،
تون ساييا ، تون سپنو آھين ، توکي ڪـــئن ڪو پائي!
تنھنجو ٻہ ناتُ ٻہ ٿاتُ اھو جو پيـــــئندي پياس وڌائي.
ڪئن ڪو اُڃ اُجھائي!

آءُ ٻہ او پرديسي! مون کي تنھـــــــــــنجي سار ستائي،
ڪھڙي آءُ ڪويتا آٽيان، پنھنجي لڄ لـــــــــــــڪائي،
تنھنجي پريت امر ڪيو جنھن کي، سو ڪئن پاڻ پڏائي،
توکي گيت ٻڌائـــي ـ

آءُ ٻہ او پرديـــــــــــــسي! مون کي تنھنجي سار ستائي،

ڏي ڏي ڏي ڏي ڳاڙهي ڳيت

پل پل آهي پيالو اوءِ!

پيءُ پيءُ پيءُ پيءُ کهڙي پوءِ!

انڌياريءَ تي مڌ جي جيت،

آڌيءَ رات اجالو اوءِ!

پر پر پر پر کهڙي پوءِ!

چن چن، چن چن گل گل گيت،

مند ڪيو متوالو اوءِ!

چن چن، چن چن کهڙي پوءِ!

ناهه ڪوبہ شوالو اوءِ!

جيءُ جيءُ جيءُ جيءُ کهڙي پوءِ!

پيءُ پيءُ پيءُ پيءُ کهڙي پوءِ!

هي گهناؤنيون گهڙيون،
آگ آگ آسمان،
مورُ، ريت تي رڙيون ـ
مينهن آءَ!
مينهن آءَ!
مينهن آءَ!

رول هئن نہ رُج ۾،
آ مسين ڪلِي زبان
هن اواڪ اُج ۾ ـ
مينهن آءَ!
مينهن آءَ!
مينهن آءَ!

ڄرڪندڙ مليرِ تي،
ٿاڪ ٿاڪ آ اُلاءُ،
ڳم ۽ ڳنڊير تي ـ
مينهن آءَ!
مينهن آءَ!
مينهن آءَ!

آءُ وڄ واچ آءُ!
ٿا سهي سڱهون نہ تاءُ ـ
آءُ، آءُ ، آءُ، آءُ!
مينهن آءَ!
مينهن آءَ!
مينهن آءَ!

مان توکي گيت ڏيان اي ڌرتي!
تون مونتي زنجير وجهين!
هي گيت گلابي جهڙ ڦڙ جا،
هي گيت شرابي جهڙ ڦڙ جا،
ها سانوڻ جا من پانوڻ جا،
هي آگم آگم آنوڻ جا،
هي گيت اُجايل مورن جا،
ريتيءَ تي ڪنڌ ڪنورن جا،
هي گيت سونهريءَ سنڌوءَ جا،
تنهن نيري گهريءَ سنڌوءَ جا،
جا سپنا آهي سانجهيءَ جا -
هي گيت پتڻ تي مانجهيءَ جا،
هي گيت تکن طوفانن جا،
هي گيت اٿل انسانن جا،
هي گيت روپهري ٻانهن جا،
۽ دوريءَ جا ۽ دانهن جا،
گهنگهور گهٽائن جئن جوانيءَ جا،

پرشور هوا جئن جوانيءَ جا،
هي گيت رسيلن رنگن جا،
يا جهولا مست اُمنگن جا!
هي گيت نڪورن ٿانون جا،

۽ لانون جا ۽ چانون جا،
هي گيت رُسڻ جي راتين جا،
۽ اتِ اُڪنڊين باتين جا،
هي گيت برهه جي باندين جا،
۽ سهٽين جي سيراندين جا،
۽ وارن ڪارن ڪارن جا،
هي گيت سڳنڌي سارن جا،
هي گيت جدائيءَ جهوريءَ جا،
۽ لونءَ لونءَ ڪنهن جي لوريءَ جا،
۽ هر هر هنجون هارڻ جا،
هي گيت اڪارڻ ڪارڻ جا،
ڪنهن وقت هوا ڪان هلڪا ها،
هي گيت جهڙاليءَ جهلڪا ها،
ڪنهن وقت اهي ڳنڀير هيا،
ڪنهن اونهيءَ نئن جو نير هيا:
هي گيت ڏياٽيءَ ڏرتيءَ جا،
۽ داٽي پاٽيءَ ڏرتيءَ جا،
هي گيت لهوءَ جي لُڙڪن جا،
هي گيت سلهاڙيل سڏڪن جا،
هي گيت اُڏاٽل ڳيرن جا،
۽ آنڌيءَ جي آڪيرن جا،
هي گيت بڪايل ٻارن جا،
۽ مستقبل جا تارن جا،

درماندن جا، مزدورن جا،
۽ کيتيءَ کيتيءَ کورن جا -
زنجيرن جا، زندانن جا،
۽ لوھ ۾ لڳين انسانن جا-
۽ سوريءَ تي سرواڻن جا،
ھي گيت امر اھڃاڻن جا،
ھي گيت کليل ميدانن جا،
۽ جندڙيءَ جي جولانن جا -
ھي گيت اجهل آزاديءَ جا،
۽ ٻانهن ٻيل آزاديءَ جا،
جو ڪيري ڪوٽ غلاميءَ جا،
ھي گيت انھيءَ ھر عاميءَ جا،
مون توکي چاچا گيت ڏنا!
چا شبنم شبنم گيت ڏنا!
چا سپنا سپنا گيت ڏنا!
چا سندرتا جا گيت ڏنا!
مان توکي جيت ڏيان اي ڌرتي!
تون مون تي ٿي زنجير وجهين!

تون جو مون کان پوءِ اچين،

کينجهر کان کارونجهر تائين منهنجا گيت ٻڌين،

مون کي ياد کرين! ـ

سنڌڙي ساري ڳارهو کهنبو تي ويندي تيسين،

۽ جي ان تي منهنجي ڦلڙيون ڦلڙيون ڏات ڏسين،

شال اهو سمجهين! ـ

ڏات وڏي شيءِ ناهين،

پر سچ وڏي شيءِ آهي،

۽ جو سچ مچائي

سو مچ وڏي شيءِ آهي!

”او آرائين!
تنهنجي جهوليءَ ڪهڙا گل؟“
”موتيا سائين!
ـ نند ـ پئيءَ نوءَ ورنيءَ ڳل.“
”او آرائين!
تنهنجيءَ جهوليءَ ڪهڙا گل؟“
”دوها، سائين!
ـ پيار لٽايا جيڪي پل.“
”او آرائين!
تنهنجيءَ جهوليءَ ڪهڙا گل؟“
”ڳوڙها، سائين!
ـ هن ڌرتيءَ جا لڙڪ اجهل.“
”او آرائين!
تنهنجي جهوليءَ ڪهڙا گل؟“
”پيارا، سائين!
واءُ سرءُ جي جا ڇل ول.“
”او آرائين!
نيٺ تہ ڪڙاندا ڳاڙها گل!“
”ها، ها، سائين!
نيٺ تہ ٽڙاندا ڳاڙها گل!“

اي ڪينجهر تنـــهنجي ڪنڌيءَ تي،
ڪوئي تہ تماچي اچڻـــــــــــــــو آ!
۽ نورا پـــــــــــــــائي نوريءَ کي
تي لهرون لهرون نچڻـــــــــــــــو آ!

مون ڪالهہ پتڻ جا پار پـــــــــــڇي،
تن لاءِ بتيـــــــــــــــلو ناهيو آ:
طوفان لڳا، سڙهہ ڪونـــــــــــ چڙهيا،
ان ڪيڏو سيـــــــــــــــنو ساهيو !

اڄ لام نوائـــــــــــــــي نيري جي،
تن لاءِ ستارا تـــــــــــــــوڙيان ٿو،
تا جهرمر جهرمر هار لـــــــــــــــڳن،
جي گيت نوان مان جوڙيـــــــان ٿو.

اي ڪينجهر توتي ڳـــــــاڙها گل،
جو واءُ ڦـــــــــــــــلاري وڃڻو آ -
هن سونهريءَ جي سر ســـــــــر جي
سو سونهن اجـــــــــــاري وڃڻو آ.

اي ڪينجهر! تنهنجي ڪنڌيءَ تي
ڪو ميلو نيٺ تہ مـــــــــــــچڻو آ!
ڪا نوري نيٺ تہ نـــــــــــــچڻي آ،
ڪوئي تہ تـــــــــــماچي اچڻو آ!!

ڪامهه ۾ ڪنگور نہ ڇاڻي،
ان جو وڍ هزارين واڪا
تي ويندو.
دنيا جو دستور نہ ڄاڻي.
شاعر ان جا لونءِ لياڪا
تي ويندو.
هيءَ جا گهايل ڇاتيءَ آهي،
ان جو موت حياتي آهي.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

سرديءَ ۾ سنگينيون آهن،
ورديءَ وارا بوٽ اچن ٿا،
اؤنا پير ، پري کان پڌرا،
منهنجي چائنٺ تي ترسن ٿا،
هيسيل هانوَ، اُڀرا الڪا!
سارا ياتيءَ ڏک ڏک ڪن ٿا ـ

ءِ هو در تي
ٺڪ ٺڪ ڪن ٿا!

”مون ته چيو هو هو توکي بابا.“
ءِ پوءِ ٻوڙا لڙڪ لڙن ٿا،
”اهڙا گيت لکين ڇوٿو تون،
جو توتي زنجير وجهن ٿا،
توکي ديس دروهي ڪوني،
ڪوڙا ڪانئر ٻڪ ٻڪ ڪن ٿا “ـ
ءِ هو در تي

ٺڪ ٺڪ ڪن ٿا.
ٺڪ ٺڪ ڪن ٿا.

هن ديس سڄي کي سائي آ،
هر شام افق تي ليمي جئن،
ڇا هيڏي هيڏي آئي آ!
۽ ان جي ڪاريءَ ڪان ڪان ۾،
ڇا وحشت! ڇا تنهائي آ!
ڪو ديو ڦِري ٿو ڌرتيءَ تي،
جنهن منهن ۾ پاتي ڇائي آ،
۽ ڪنڌ ڪرنگهو ماٽهوءَ جو،
تنهن رڙڪي ، راڙ مچائي آ،
جو پٽڪو آهي پيانڪ آ،
هر ڄاٽوءَ جي ڪپائي آ،
ڪا جهاتي ناهه جهروڪي ۾،
ڇا هيبت هن ڦهلائي آ،
آ مڙهه جي ماٺ هوائن ۾،
هر شام هتان جي ڪائي آ،
پر توسان ڳالهه اجائي آ،
هن ديس سڄي کي سائي آ، ـــ
هر سپني ساپيان ۾ ان جي،
ڪا هيڏي هڪجهڙائي آ،
سپ اڏري ويا وهلور وڳر،
ڪا ڪونج نه موٽي آئي آ،

سچ ٺاريءَ ٺاريءَ ڪپجي ٿو،
ڇا ڪان ڪان جي ڪارائي آ،
هر وقت پيو راڪاس رڙي،
تو ڪهڙي آس لڳائي آ؟
ڪو ڪنڌ ڪرنگهو آهي ڇا،
جنهن ۾ ڪا سگهه سمائي آ،
سي ڳاڙها قول ڪٿي آهن؟
تو جن لئہ جهول وڇائي آ،
ڪنهن باک . ڦٽيءَ جي سپني ۾،
تو ڪيڏي عمر گنوائي آ!
پر توسان ڳالهہ اجائي آ..........

چڱو ڀٽائي آءٌ هلان ٿو۔

مان تنهنجـــو احسان وساريـــــان،
سو ناممڪن آهـــي سائـــــــين!
تون تہ اڳهيءَ جو آڌر آهيـــــــــن،
رهندي تنهنجـــي سار ســـــدائين.

ساحل تي بيهوش هيس مـــــــان،
مونکي لهرون لـــــــوڙهي آئيون،
جي مون سان تنهن وقت ڪيئي سي،
ڪيئن ڀلايان آءٌ ڀـــــــــــلايون.

تون مون کي ٻي جندڙي بخـــشي،
ساهہ وڌو تو، سرت ڏني تـــــــو،
مونسان ساريون راتيون جاڳـــــي،
ڏيکاري آ ڀيچ ـ ڀني تـــــــــو.

پر هاڻي ڏس هو وانئڻيــــــــون،
جن ۾ ڪو سپنو ســــــرجي ٿو،
گهنگهور گهٽائون پرجن ٿيـــون،
پرشور سمندر گرجي ٿـــــــو...

هو چاتي چوليءَ چوليءَ جـــــي،
هو لوليون لهر هـــــــندوري ۾!
پر چاچا تارن ـ تڙڪا هــــــــا،
هن ڪنڌيءَ هيــــــٺان ڊوري ۾.

۽ چاچا وينجهر واءُ جـــــــــڙيون،
ڪلهہ منديون تنهنجي واريءَ تـــي،
مان توسان پاڙيندو رهـــــــندس.
جي ٻول ڪيم بيــــــــتاريءَ تي.

اڄ مونکي بيهر وجٽو آ،
طوفانن ۾، طغيانين ۾،
هن رت جي ريت نرالي آ،
ٿي شور وجهي شرنائين ۾ـ

هو ساحل ڏاڍو ڏور سهي،
پر ان جا سڌ ٻڌان ٿو مان!
هي ڪشتي جا تو جوڙي آ،
اڄ ان تي دور وجان ٿو مان ـ

چگو ٻڌائي آءٌ هلان ٿو...


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

اي ننڊ نڪاري آءُ نہ تـــــــــون،
هي گيت اڌورو آ اجـــــــــــان،

اي لهرون لهرون ننڊ! اجـــــــان،
مان پنهنجي ٻيڙي جوڙيـــــان ٿو،
۽ تنهنجي ڪاري ڪنـــــڌيءَ تي،
ڪجھ عرصو لنگر ڪوڙيان ٿـــــو.

هي تنهنجا ڪارونيار ڏســــــــي،
هر ڪنهن جو هانءُ ڏهلجي ٿــــو،
پر وقت اٻهرو وانـــــــــجهي آ،
جو ڪنهن جي جهل نہ جهلجي ٿو.

هي سپنا سپنا سڙھ منهنجـــــــا،
ٿو پرکي تن جي ست ڏســــــان،
جا مهلت آ غنيـــــــــــــمت آ،
هر ڪنهن کي وڄڻو آهي هـــتان.

هي وقت اٻهرو وانجهـــــــــي آ،
جو ڪنهن جي مور نہ مڃڻـــو آ،
۽ ٻيڙن ـ ٻوڙ هوائـــــــــن ۾،
جو مونسان گڏجي وڃـــــــڻو آ.

اي ننڊ نڪاري آءُ نہ تـــــــون،
هي گيت اڌورو آهي اجــــــان،

جنهن تي بہ ٿيو، جنهن وقت ٿيو، جنهن جـــــــاءِ ٿيو،

سو مون تي ظلم ٿيو آهي،

ڪا ٻانهن وڍي ، مون دانهن ڪئي، جو ڪانهن ڪپيو،

سو منهنجي ڪنڌيءَ جو آهـــــــي.

ڪوئي بہ ڪٺو، جيڪو بہ ڇرو، جنهن تي بہ هلـــــيو

سو منهنجي رَتُ ـ رتيو آهـــــــي.

جنهن وقت بہ ڪو، مون گيت ڇيو، هن ڌرتيءَ جـــــو

جڻ ڪوئي قـــــــرض چڪو آهي.

تو ڪيڏو ڦهر ڪيو آهـــــــــي
هن بند دريءَ جي شيشِي ســان،
جي هي گلدين رکيو آهــــــــي!

تون روز وجين ٿو ماڪ اگهي،
هن بند دريءَ جي شيـــشي تان،
پر گل گل جي تون گهُور ڏٺي؟

هي گل گل ڪائي اک آهـــــي،
هن بند دريءَ جي شيشي مـان،
جا دور ڏسي ٿي پونرن ڪـــي!

ڪو ان ۾ لڙڪ رهيو ناهيــن،
۽ بند دريءَ جي شيشي جـــان،
گلدان پيو بي جان لڳـــــــي.

تون کولي ڇڏ هي بنـــد دري،
ڇا هير لڳي ٿي مـــــاڪ پري.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

ڏينهن جهڪيو هو ڏاڳـــهي جيان،
جهَرڪي هئي سانجهيءَ جي جهُل،
گهر ڪان ٻاهر ڪيتـــــــــــيءَ ۾،
چا نه هئا ڪس ڪس جا گـــــــل ـ
مون تن جي ڳاڙهاڻ ڏســــــــي،
سج ـ لٺي ۾ ووڙيو هـــــــــو،
ڪالهه ڪکوريءَ ڪُڪريءَ تــي،
مون ڪو تنبو کوڙيو هـــــــو.
پو هو ڪـــــــــــانئر آيا ها،
ڪولي مون لئه هٿ ڪـــــــڙيون،
ڪيئن وساريان اي ساٿـــــــي،
آءٌ اهي گهنگهور گهڙيــــــــون.

ائين لڳو هو جڻ ڪنهن ڪـــــڏ،
پنهنجو وات پٽيو آهـــــــــي،
۽ مونکي ڪنهن واڳوءَ جيـــان،
ڏيئي جهڙپ جهٽيو آهـــــــي.

ڪالهه ته ڳاڙها ڪس ڪس گـــل،
ڪنهن نشي جي نيند هئـــــــا،
اڄ اهي تا ڪٽنڊ لڳـــــــــن،
منهنجيءَ ريتيءَ رَتُ هاڻـــــــا.

سانجهي ياد ڏياري تـــــــــي،
لهندي ســـــج جي هٿ ـ ڪڙي!
جنهن ۾ قيـــــــد ڪئي وئي آ،
ڪائي سرجڻهار گـــــــهڙي!

هي واريءَ پنڌ نہ ڪٽڻـــــــــو آ...
اي رڻ جي رات انڌيـــــــري ۾،
هي منهنجو سپنو ٽٽڻـــــــــو آ.

ڪنهن وقت وهائو ڳائـــــــي ٿو،
۽ چارو چمڪي، پــــــــيرن ۾،
ڪو ڏيڌ ڏئـــــــــــي ڊوڙائي ٿو،

ڪنهن وقت گهٽا جي گهاٽيءَ ۾
هي ڪارو نيپ پهاڙن جــــــيان،
آ پنهنجي چوما چاٽـــــــــيءَ ۾.

ڪو ڏائڻ جڻ ٻچڪارڏئــــــــي،
ٿو چپ چمي ڪنهن ڏائڻ جــــا،
۽ ڏاڍ ڪري ٿو، ڊار ڏئــــــــي..

تنهن وقت گهٽا ۾ گهُوريان ٿو،
۽ جاچي پنهنجون لال لڦـــــون،
مان آرتيون اکڙيون پوريان ٿـــو.

۽ ڊرڪي ڊرڪي سوچيان ٿـــو،
هي واريءَ پنڌ نہ ڪٽڻـــــــــو آ...
مان چو لالڻ لاءَ لوچيان ٿـــو!...


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

ڪلهه پيهي ڪنهن نم جي هيٺان،
مون سوچيو . آءٌ بہ وڻ آهيان،
مون ۾ بہ نموريون وهہ جهڙيون،
جي چچرن وينا نوريئڙا!
تو چانو ڪيان مان ڌرتيءَ تي،
پر مونتي اپ جا آرانيا!
هن ڪلراٺي ڌرتيءَ تي مان،
ٻيو ٿي نہ سگهان ، توڙي چاهيان،
ڪلهه پيهي ڪنهن نم جي هيٺان،
مون سوچيو . آءٌ بہ وڻ آهيان..


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

تو سچ لهي جڻ ڏاڪــــــــــونءَ ۾،
ڪنهن ريٽو رَتُ ڀريو آهــــــــــي!
۽ هرڪو ڏڪ ڏڪ پيـــــــئي ٿو،
ائن جيئي ٿو!
ٿي رات اچي هر تــــــــــارؤن ۾،
ڪنهن تاري تير هنيو آهــــــــي،
پر هرڪو لوچ چپائي ٿـــــــــو،
۽ ڳائـــي ٿو!
تون تون ناهين! مان مان ناهيان!
تون ڇا آهين؟ مان ڇا آهـــــيان؟

ڪتا ڀونڪن
ڀاڳيا ڀونڪن
چور بہ ڀونڪن ٿا!
ڪيڏي آ اوناڙ هوا ۾!
هر هر هيئين . ڦاڙ هوا ۾!

جار چرڪن
چارا چرڪن
تارا چرڪن ٿا!
ڪير اويرو آيو آهي؟
هن وستيءَ ۾ ڇا ٿو چاهي؟

هي شهر بہ جهڙو بابـــل آ ـ

گهر گهر ۾ گهنڊ گناهن جا،
دل دل ۾ چڪلا چاهـــن جا،
محراب اهي منبر بہ اهـــي،
جت گوڙ لڳا گمراهن جـــا.
آ ٿورو فرق، اهو هـــــــي آ،
هت جو بہ فرشتو آيـــــو آ،
پو ڏوهي آ بي ڏوهـــــــي آ،
هن کوهہ اندر لٽڪايـو آ. ـ
هي شهر بہ جهڙو بابـــل آ.

ملان پنهنجي عمامي ۾
سوچي، ڏاڙهي نوچي،
سرمد ڇاتو سوچي؟
دليءَ جون ديوارون سوچن؛
چندڙ قطب مينار مٿان آ،
ڌرتيءَ تي دستارون سوچن،
مجري مجري جي پايل ۾،
ڇم ڇم جون ڇنڪارون سوچن؛
قلعي قلعي اک نہ جهپڪي،
رات لڙي للڪارون سوچن؛
هٿِ هٿِ خوني خنجر سوچي،
تارؤن ۾ تلوارون سوچن؛
دارا جي تقدير نہ سوچي،
هونءَ تہ سڀ درٻارون سوچن -

سرمد ڇاتو سوچي؟
هن عريانيءَ جي جامي ۾،
لونءَ پئي ڇا لوچي؟
ملان پنهنجي عمامي ۾،
سوچي، ڏاڙهي نوچي -
سرمد ڇاتو سوچي؟

تون ديوانو آن مصور!

هيءَ ڪائي تصوير تہ ناهي،
چئہ هي ڇاهي؟

سو تہ ڏسان ٿو سچ لٿو آ،
رَتُ ـ ورنو آ دل جهڙو آ،
پر هي ڪنهن جو لاش پيو آ؟

ڇا هيءَ جهانسيءَ جي راڻي آ؟
چتر تہ ناهي ، ڳُڙ داني آ!
رَتُ آ! پرلئہ جو پاڻي آ؟

هي ٽيپوءَ جو ڪنڌ پيو آ،
ٽيپو ساڳيءَ جاءِ مئو آ!
۽ هي ڇاهي؟ ۽ هي ڇو آ؟

هي تہ مسدس حالي آهي!
ڳاڙهي رَتُ ۾ آلي آهي،
۽ هي ڳجهہ نرالي آهي ـ

ڇا ڪا ڳجهہ بہ پڙهندي آهي؟
هيڏي ڇهنب تہ ڪنهن جي ناهي!
ٽيپوءَ تي پنهنجا پر ساهي،
تي راڻيءَ جا نيڻ ڇباڙي!

۽ جڻ لهندي سچ ڪي تاڙي،
تي نظرن سن چيري ڦاڙي!

تون ديوانو آنهہ مصور!
هيءَ ڪائي تصوير تہ ناهين،
چئہ هي ڇاهي؟

سر هيٺ ڌڙ مٿي،

شِو ناچ ٿو ڪري،
ٻل ٻانهن ۾ نہ پر،
ٻهہ ٻهہ ڪيو ٻري،
چا هٿ ٿو هڻي!
چا پير ٿو ڌري!
انڌو ڏسي نري.

نٽ - راج هيل ٿو،
ڪو مسخرو لڳي!
تاندؤ تہ نانو ۾،
آ ڪل وڏي ڪڳي،
هئن دهل جنگ جو،
ٿو ڪو ٻڌو اڳي،
ٻوڙا پيو نڳي.

نوٽ : نٽ - راج (شؤ) جڏهن ٿاندو ناچ ڪندو آهي، تڏهن ڄر جي چڪري ۾ هوندو آهي. هن جون چار ٻانهون هن جي ننگن ڪلهن وٽان وچڙن وانگر ڦهليل هونديون آهن ۽ هن جي گوڏي وٽان مڙيل هڪ ٽنگ مٿي ڪچيل هوندي آهي. هن جي منهن تي ديو - لوڪ جي گنيرتا ۽ پنهنجي ٻل ۾ پروسو بکندو آهي. اهو ناچ تباهيءَ جو ناچ هوندو آهي ۽ انسان ذات کي جنگ جي آڙاهہ ۾ وچڙائي ڇڏيندو آهي.

هيڏانهن گرڻ ، هوڏانهن گرڻ،
ڪو لاش پيو آ واريءَ تي،
۽ ان جي لوهيءَ توپ اڳيان
بندوق پئي آ ڌرتيءَ تي،
۽ جنگي تمغو تو جرڪي
ڪو ان جي خاڪيءَورديءَ تي،
۽ ان جو ماس ڳري ويو آ،
۽ بوٽ پيو آ پيرن ۾،
تي شام، هڏائين پڃري ڪي ،
ويا ڪانو ڇڏي واهيرن ۾،
تو ڳُهري هن ڪي حيرت مان
ڪو پيلو گل ڪانڊيرن ۾!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

قاسي گهاٽ،
اوچي ٻاٽِ،
باغيءَ کي آنڌائون،
هو آڪاش،
۽ هي لاش
ڪئن نہ لهن ٿا لائون!
ٿوري دير -
پرسان ٻير،
ڏوڻ ڏئي ڇاڻيائون،
هو پڇندو
نوريئڙو
تنهن کي ڦوڙ هنيائون،
۽ پو هيئن ڇيائون،
ڏاڍي ٻک لڳي آ،
ٻير نہ ٻہ ٽي کائون!
ٻير نہ ٻہ ٽي کائون!

## (جيل ۾ بلئڪ ـ آئوٽ)

جيئن ڪوليءَ تي چند ڪـــڙي ٿو،
ڪوئي جهونو ڦـــــٽ مڙي ٿو،
جو بہ هٽي ٿو ٻيڙيءَ سوٽـــــو،
تنهن تي چوڪيدار چـــــڙي ٿو،
ڪنهن جو من ڪجهہ وينو لوچي،
ٽيٽيءَ ـ اٽٽيٽيءَ تي سوچـــــي،
بمباريءَ جي ڀَـــوَ ڪان بجلي ،.
آهي روز وسائي ويــــــندي،
پر هو چوڏهينءَ چند ڪـــڙيو آ،
(رات تہ ناهين ڏينهن ـ ڏٺـــو آ)
ان ڪي چونہ وسائي ٿو ڪــــو،
ان ڪي ڪير وسائي سگهـــندو؟


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

## (ساڳيءَ ڪوليءَ ۾ هڪ ٻيءَ قيديءَ ڪيو)

هي قابيل،
هو هابيل!
ساڳيءَ ڪک جا ٻئي رهواسي،
هڪڙو ٻئي جي رت جو پياسي،
توکي مصحف پڙهڻو آهي،
دور ستارن جي ڏاڪڻ تي،
جنت تائين چڙهڻو آهي؛
مون لئہ دوزخ کولِي کولِي،
مون کي ڏاڍي ننڊ اچي ٿي،
ٻاهر وڃ
ڏٽيءَ کي مڃ
پڙهين جو پڙهہ،
قلوبان ڪڙهہ،
وسايان چڏ تہ اهو قنديل،
ها ها ها ها !
هي قابيل،
هو هابيل!

پهريون پهريون
لفظ خدا جو ڪن فيڪون!
شاعر موسيقار مصور،
سڀ ۾ ساڳيو جوش جنون
ڪن فيڪون!
ذات خزانو آهي
پل ته وراهي
موتي هيرا،
نيلم نيرا!
پل ته ڪري سينگار صدين جا،
روڪ نه تن کي
ٽوڪ نه تن کي
هي جو سرجڻهار صدين جا
تن کي تون پنهنجي ساڃاهه جي،
ڄاڻي واٽي،
اهڙي ٻڪ نه ڏي اي ڌرتي!
ايڏا ڏک نه ڏي اي ڌرتي!

چاچا نہ سمندر ســـــــرجي،

ٿا بيت انوکا سپجــــــــن،

جنهن وقت گهٽا ٿي گرجي،

چاچا نہ ســمـــــــندر سرجي.

پا ويريون ويريـــون وايون!

هي جيءُ جڏهن ٿـــو پرجي،

چاچا نہ سمندر ســـــــرجي،

پوءِ اڏما آلڙ آلـــــــــــڙ،

پو چاچر ۾ چا ترجــــــــي!

چاچا نہ سمندر سرجــــــي!

هو ڪري ٿو ڏينهن رات،

فاعلاتن فاعلات

۽ اڏامي ٿي حيات،

عمر ڪي ڪهڙي ثبات!

ناهه ان کي تانگهه تات،

ديس ۾ ڇا جي نجات،

ديس جو واڳونءُ وات،

جا اسان وٽ آهي ڏات،

لونءُ جي ڪاندار لات.

موت سان ٿيندي نہ مات،

تو گهڙي تنهن لاءِ گهات،

جو تہ ڪانئر ڪائنات،

فاعلاتن فاعلات

فاعلاتن فاعلات

سچل، سامي ، پـــــــٽ ڏٽي،

جنهن ۾ ڪائي قرب ڪـٽي،
آءٌ انهن جي پير۔ پٽِــــــــــــي،
چوتہ اهو هـــــــــيءَ ڏرتي آ،
چوتہ چپر مان چانـــــو چٽي،
هونءَ تہ مون ۾ ”آءٌ“ گهٽي،
هونءَ تہ مون ۾ ”آءٌ“ گهٽي،

آ ڪيڏي پيڙ پهاڪـــــــــي ۾،

هن جهوني ڦٽ جي ٽاڪــي ۾!
اي ڌرتي ڇاڇا دانهن ٻـــــــڌي،
مون تنهنجي واڪي واڪي ۾!
۽ تنهن جي گهايل مرڪ ڏنـــي،
مون پنهنجي لونءِ ليــاڪي ۾!
۽ تنهنجي پيتل لڙڪ ڪـــــيو،
ڪو ناتو چٽنگ چئـــاڪي ۾!
جڻ مون پنهنجي تصـــوير ڏني،
اڄ پٽ ـ ڏٽيءَ جي خـــاڪي ۾!.

ڪالهه پوتار
مڇن جا وار
تہ ٻہ ۔ ٽي اڇا ها!
سوچي ڪوئي سگهہ،
ازل جو اڱُ
ڪئي هن ها ها ها:
پنڌرهن سؤ ٻہ نيٺ،
لهي هو هيٺ
وڏا هي پيسا ها!
هوءَ هاريءَ جي ڌيءَ
الا هي سيءَ!
پيا ڪلهہ پارا ها.
جي تو ناٽي ۔ ڪڏ
تہ سپ جا سڏ
چئي ويا ڏاها ها.

ڪالهہ سنجاب ۾ سڄـــي ويڙهيل
ڪار مان ڪائي نــــــازنين لٿي.
ڪڇ ۾ ڄڻ سِمور جو ڪتـــــــڙو،
ٻج تي هٿ ، ڏَج ۾ نرمـــــــــي -

روپ شو. ڪيس ۾ رڪـــڻ جهڙو،
رنگ ۾ هڪ بهـــــار بوند. ڀنل،
پير جهڙا پدم، اڪيون پونـــــــرا،
وائڪي وڪ، لهر جئن چنچـــــل.

ٿهلندي هڪ دوڪان تي آئـــــــي،
وائڙا منهن نهار سان جهــــاڙي،
ميز تان ڪيڪ جيئن ڪنيائين ٿي،
تہ ڏٺائين تہ ڪو پـــــــيو تاڙي.

هيٺ فوٽ. پاٿ تي ٻڪئي نينگر،
ٿي ڪيا بيک لاءِ ســـــــانباها،
اک جـــــنهن جي چپي چپي آلي،
وار جنهن جا ٻڦو ٻڦو اٽيـــــــا.

رحم دل ۾ پري لهي آئـــــــــي،
ءَ چيائينس آنــــــــڪي ڏيئي،
هان، متان چرس جي وٺين گولي!
پوءِ ڪلندي، مٿي چڙهي ويـــئي.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

## ( مزدور جي ٻار جو گيت )

طـــــــرو وڏو ابا جو
چرو وڏو ابا جـــــو
رئو وڏو امـــان جو
تئو وڏو امان جـــــو
پيٽ وڏو سيٺ جـــو
پيٽ وڏو سيٺ جـــو

هٿ چڳا ابا جـــــــا
نٽ چڱي امـــان جي
ٻيچ چڱي امـان جي
چيچ چڱي امـان جي

پيٽ ٻرو ســيٺ جو
پيٽ ٻرو سيٺ جـــو

ڳيا ڳيا روٽـــــــــلا
ڪسي ويو ديـــس جا

بک ٻري ديـــس جي
نک ٻري ديـــس جي

پيٽ ٻرو سيـــٺ جو
پيٽ ٻرو ســـيٺ جو


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

نيٺ اهو ســيٺ جو
پيٽ وڏو ڦاٽنــدو ـ

ڇرو وڏو ابـــــا جو
مرو وڏو ابا جــــــو

پيٽ وڏو سيٺ جو
پيٽ وڏو سيٺ جو

نوٽ : مٿئين نظم ۾ هر سٽ يارهن ماترائن جي آهي. فارسي عروض جي لحاظ کان ان ۾ چار وزن آندا ويا آهن ـ مفتعلن فاعلن، مفتعلن فعولن، مفاعلن فعولن ۽ مفاعلن فاعلن. سٽن ۾ مختلف وزنن جي اچڻ، نظم جي ترنم کي وڌايو آهي. قافيي ۽ رديف جي پابندي بہ هن نظم ۾ انوکي آهي ۽ ان جي ترنم کي وڌائي ٿي.

# ( ٽري پار جو گيت )

آ گدري جي ٿارۓ امان!

اڄ پورو ناهين چنڊۓ اسان کي بک ٻہ ڏاڍي آ!

ڏاڙهونءَ ڪڻ چوڏار امان!

هي تارا تارا منڊ ـ اسان کي بک ٻہ ڏاڍي آ!

ڏٿ ٻہ ڏونرن ڏارۓ امان!

تون پينهين خالي چنڊ اسان کي بک ٻہ ڏاڍي آ!

هي چنڊ امان! هي منڊ امان!

پر سڀ ڪان ڳورو جنڊ امان!

هي تنهنجو ڪورو چنڊ امان!

تون تہ چوين ٿو،
” تنهنجو پٽ ، تنهنجي ڌيءَ!“
آءٌ چوان ٿو
” ڪهڙو پٽ ، ڪهڙي ڌيءَ؟“
هي جا سنڌ سياڻي آهي
( تون تہ چوين ٿو نياڻي آهي )
ان جي هر ابهم جي اؤسر
آهي منهنجي غم جي اؤسر؛
هي جو سارو ديس ڏکيو آ،
انگ ـ اگهاڙو ، پيٽ ـ بکيو آ،
ان جا پٽ انهيءَ جون ڌيئر،
ان جون مائر ان جا پيئر،
سڀ سان منهنجو ناتو بابا!
تنهنجو منهنجو سڀ دولابا.
جو بہ جيئي جو جايو آهي،
پنهنجو آهي پرايو ناهين،
تون تہ چوين ٿو،
” تنهنجو پٽ ، تنهنجي ڌيءَ!“
آءٌ چوان ٿو
” ڪهڙو پٽ ، ڪهڙي ڌيءَ؟“

## ( ڪيوبا جي انقلابيءَ چي گئويرا جي موت تي ـ )

جنهن آزاد گذاريو آهي،
تنهن لاءِ موت تہ ڪا شيءِ ناهين،
وڪ وڪ تي پنجوڙ ڏسي، ڇا
شينهن ڪڏهن گجگوڙ ڇڏي آ؟
ڪنهن بہ عقابي چنبي پَوَ ۾
آڪيري جي اوٽ وتي آ؟
ڏرِ جو ڏي گدڙ لاءِ آهي،
جهرڪي جهڙپ ڏسي ڏرندي آ،
جنهن آزاد گذاريو آهي،
تنهن لاءِ موت تہ ڪا شيءِ ناهين.
ساري عمر غلاميءَ جي ڪان،
آزادي پل جي بہ چڱي آ ـ
۽ تون پنهنجي پوري جندڙي،
جنهن پل ۾ پرپور پري آ،
سو پل سگهہ صدين جي آهي،
ان جي سپ ڪان عمر وڏي آ،
جنهن آزاد گذاريو آهي،
تنهن لاءِ موت تہ ڪا شيءِ ناهي.

## (ويٽنامَ جو سائگان تي حملو)

ڪوڪرا ڪن پيا
سامراجي ڪتا،
شير جمهور جا گرجندا ٿا وڃن،
اي وطن! هيءُ خبر
سچ جهڙي مگر
هت ته ڪارا ڪڪر پرجندا ٿا وڃن؛
واءُ ۾ وڍُ آ
پوءِ به هي ڏڍُ آ،
ڏاڍ جي آڏ ڏاري وڌي آهه ڪن؛
ڪوڙ ڪيڏو ڪڏيو!
سچ ناهين لڏيو،
سچ جي ناوَ تاري وڌي آهي ڪُن.
سامراجي گدڙ
هونءَ ڪيڏا به پڙ
شير جمهور جا اڄ ڏسي ٿا ڏرن؛
بي وطن بي ڪفن،
لاش تن جا متن،
ائٿمي ڏند ٿا جانسن جا ڏڪن،
سوڀ هر سچ جي
آس جي آرسي،
هانءُ هارين متان اي وطن! اي وطن!
ڪوڪرا ڪن پيا
سامراجي ڪتا،
شير جمهور جا گرجندا ٿا وڃن...

( دانانگ تي ويٽ ڪانگ جي حملي جون خبرون پڙهندي، هؤچي منهه جو هڪ نظم ياد آيو. ان ياد جيڪو مون تي تاثر پيدا ڪيو، اهو هيٺئين نظم ۾ چٽيو ويو آهي. )

ڪنهن به آزادگي
ناهه روئي وتي -
تون ٺئين تل تي،
رات تارن پري.
جهاڳ جُهڙ جي ته ڏس!
ڏات ڇا ٽمڪندي!
آگ جي راڳ جي
تيءُ ڪائي ڄيي!
مشعلون مشعلون
تي وجي شاعري؛
سمنڊ جي شور ۾
وير وانگر وڌي،
تون پهاڙن مٿان
ڪڙڪندڙ گُرج تي!
گيت جي جيت آ
جيت جمهور جي.
دؤر ڪنهن ديس ۾
سرخ پرچم ڪٽي،
شير ”دانانگ“ ڏي
ڪالهه آيا وڌي؛
سامراجي ڪتا
چيرجي، ڦاڙجي،
ڍير ٿيندا ويا؛
تي ڌنوي ڌرتتي،
۽ ڳجهون ٿيون لمن

ڏونڊي تي ڏائجي.
گيت قولاربا،
امن ايندو وري،
شهر ٻهه ٻهه ڪندا،
ڇهڪندڙ زندگي؛
ٻار جي ٽهڪ ۾
امن جي آرسي،
ماءُ جي مهڪ ۾
امن جي تازگي ـ
امن ايندو وري!
امن ايندو وري!

---

خواب هرڪو ڏسي
تن حقيقت ڏني،
موت سان داوَ ۾
جن رکي زندگي؛
نيٺ جيتي ويا،
هار تن جي نه ٿي.

---

اي وطن مون ڪئي
دل ـ جلي شاعري،

چنگ جي چٽنگ ڪا
ڪجھ نه آهي دکي،
خواب جرڪي پيا،
ڪا حقيقت ٻري،
آگ جي راڳ جي
تون نه ٿي ڪا جهي!
تون نه ٿي ڪا جهي!
تون نه ٿي ڪا جهي!

---

كالهه اهي كؤنپل نه هيا،
ڏس ڏس ٽاريءَ ٽاري تي
هي جي راتو رات ڦٽا!
كالهه اهي كونپل نه هيا،
كالهه هيا ڦلواريءَ تي
وڻ وڻ چڻ چڻ ۽ جوڙا!
ڏس هي ماڪ رنو آهي!
ڏس هي مرڪن ٽا ڪرٽا!
ڏس هو پوهه پنو آهي!
شال، سياٽي جهول پري،
جي به لريءَ ۾ لوچي ويا،
تن کي ڪوئي ياد ڪري!

چٽندڙ پن، وچوڙيل يار،
ڳالھہ تہ ھڪڙي ناھي!
جوھيءَ ولڙيون، سرھا وار،
ڳالھہ تہ ھڪڙي ناھي!
چوڏھينءَ چنڊ، پرينءَ جا پار،
ڳالھہ تہ ھڪڙي ناھي!
گيت تني تو سڀ جي تارَ
ڳالھہ تہ ھڪڙي ناھي!
سڏ پڙاڏو توڙي ڏار
ڳالھہ تہ ھڪڙي ناھي!
چٽندڙ پن، وچوڙيل يار
ڳالھہ تہ ھڪڙي ناھي!
ڳالھہ تہ ھڪڙي ناھي!

اجان ڪيسيتائين رهون دور دور؟
سرۡڪان رهي دور ٿو جيئن بسنت،
نہ ڪامھ نہ ڪونپل نہ پارا نہ ٻُور،
اجان ڪيسيتائين رهون دور دور؟
جيئن دور آڪاس آهي اننت،
ائين دور رهندين تہ ملندين نہ مُور،
اجان ڪيسيتائين رهون دور دور؟
گھٽوئي گھرن تي گھٽائون گجيون،
هلي آءُ هاڻي تہ نڪري بہ نُور،
اجان ڪيسيتائين رهون دور دور؟
ڪٽي پاند پنهنجي گلابي گھڙيون،
سدا دل چوي ٿي تہ ايندين ضرور
اجان ڪيسيتائين رهون دور دور؟

ديوار ڊهي ته مان ملان توسان،
ڪا واجهہُ نہ آ ، ڪا وٿِ نہ آ،
مون جيڪو تنهنجو روپ ڏٺو،
هت ريک بہ تنهنجي ڪٿِ نہ آ!
ديوار ڊهي ته ملان توسان!
تو سڌ اچي هر پت تپي،
تون آيو آن پڙاڏي جيان،
مون آهي تنهنجي جهانءِ جهپي.
ديوار ڊهي ته ملان توسان!
هي ڏؤرا تولئہ تا ڏورن،
ءِ منهنجا هت هتوڙن جيان،
ٿا پٿر پٿر کي پورن
ديوار ڊهي ته ملان توسان!
هر پورُ پگهر ۾ آلو آ،
آ ٿامي جهڙو سچ تتو،
پر مون وٽ جيءُ جهڙالو آ....
ديوار ڊهي ته ملان توسان!

مون تہ لڳائي سپني ۔ ول،

گھول ڪڏھن ڦٽندا ڇا ڄاڻان!

مان توکي ھي گيت ڏيان ٿو،

ھا تون منھنجي مرھم مل،

گھاوَ ڪڏھن ڇٽندا ڇا ڄاڻان!

ما ھي اؤنا ٿانو ڀڃان ٿو،

تون بہ وھُ ڪان پاڻ تہ پل،

ڪيپ ڪڏھن ٽٽندا ڇا ڄاڻان!

وڄڻو آھيان، ڪجھ ترسان ٿو،

ھان ھيءَ منھنجي گھوڙي جھل،

ڏينھن ڪڏھن ڪٽندا ڇا ڄاڻان!

ڪنول ڪنول تي تنهنجا ڳل،
ٿيندي ماڪ مهل.
جهرٽا جهرٽا گيت هوا ۾
جهونجهڙڪي ڪي ڪهڙي جهل،
ايندي ماڪ مهل.
رات سرءُ جي ڇا روڪيندي!
باک ـ ڦٽيءَ ڪي ڪونپل پل
ڏيندي ماڪ مهل.
آءُ تہ سارو سپنو آهيان،
مون ڪي ساڀيان ڏي سانول،
نيندي ماڪ مهل.
ايندي ماڪ مهل.
ايندي ماڪ مهل.

تون ايندي آن،

تون ايندي آن،
۽ سنجها ـ سُوني مندر ۾
تون ديپ جلائي ويندي آن
تون ايندي آن،
تون ايندي آن،
۽ لاهي ڪٿ ڪٿوريءَ تان،
تون سرهو مٽ پريندي آن
تون ايندي آن،
تون ايندي آن،
۽ ڪينر لاهي ڪيري تان،
تون تاڙي تند ڇڪيندي آن،
تون ايندي آن،
تون ايندي آن،
۽ منهنجي آتي اڄ ڏسي،
تون سپ ـ سواتي ٿيندي آن،
تون ايندي آن،
تون ايندي آن،
تون پيرو ڪونہ پڳو آهي،
ٽاٽو نہ ڪڏهن ٽاريندي آن،
تون ايندي آن!
تون ايندي آن!

”جتي برج بادل ڪڏي ڳاءِ تون،
اتي آءٌ هوندس ، نہ گهٻراءِ تون!“
چيئہ هي بہ ويندي،
تہ ”هو برج آهي،“
اُتي روز ملبو، تہ ترساءِ تون!
”وڃان ٿي تہ ڇا جيءَ ۾ جاءِ تون!“
مگر مون چيو،
”لهوءَ جي نديءَ جو
”ڪٿي پارُ ڪونهي،“ نہ پرڀاءِ تون!“
تڏهن تون چيو هو،
”نہ ٿيندو وڇوڙو،“
”جتي برج بادل ڪڏي ڳاءِ تون،
اتي آءٌ هوندس نہ گهٻراءِ تون!“

ماٺهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن،
پڃرا پکين جا
ڳوڙها اکين جا
سارون اڏارون پرڙا پتوڙن
ماٺهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن،
تاريون ٺهوڪن
ڊيلون نہ ڊوڙن
سانوڻ ـ جهڙيءَ جا سپنا نهوڙن
ماٺهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن.
تارؤن ترن تا
واڳون ورن تا
تا ڪُنَ ڪيڏا وانجهي وڇوڙن!
ماٺهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن!
ڪنهن لاءِ ڳايان،
امرت وسايان؟
تا وهُ نئينءَ لاءِ واسينگ ووڙن
ماٺهو اياڻا دلڙيون نہ جوڙن ـــ

# پرولیون

” هر هر انداري اؤجهــڙ ۾،
ساري رات انهيءَ جو ليئو“
” ڇا سکي ، ساجن ؟“
” اون هـــــــــون، اون هون،
اي سکي ، ڏيئو.“

” سانوڻ رُتَ ۾ هن جا سڏڙا،
پانءِ نہ مونکي اوڙو پاڙو ـ“
” ڇا سکي ، ساجن ؟“
” اون هون، اون هون،
اي سکي ، تاڙو..“

”جهڙ ڦڙ ميگهہ ملار انهيءَ سان،
ان جي آئَي پائَي جل ٿل ـ“
” ڇا سکي ، ساجن ؟“
” اون هون، اون هون،
اي سکي ، بادل.“

” ساري رات امر جوتيءَ سان،
جيءُ جڙَي ٿو منهنجو وينجهرُ ـ“
” ڇا سکي ، ساجن ؟“
” اون هون، اون هون،
اي سکي ، ڪينجهرُ.“

” جنهن بن ڪانہ سرَي اي سرتي!
جيءَ جيءَ تي جنهن جو جارو ـــ“
” ڇا سکي ، ساجن ؟“
” اون هون، اون هون،
اي سکي ، سنڌو.“

” هن سان پريت نہ لائي ڪوئي،
پريت ڪري مون پيڙا ورتي ـ“
” ڇا سڪي ، ساڄن ؟“
” اون هون، اون هون،
اي سڪي ، ڏرتي.“

” نگريءَ نگريءَ ۾ هن جهڙو،
مون تہ ڏٺو ڪو ناهي نَيهي ـ“
” ڇا سڪي ، ساڄن ؟“
” اون هون، اون هون،
اي سڪي ، ڏيهي.“

* اردو شاعريءَ ۾ ههڙيءَ صنف کي ” دو سخنو “ چيو ويندو آهي. ههڙيون پروليون، جي ٺيٺ هندستانيءَ ۾ آهن، امير خسروءَ سان منسوب آهن. اردو ادب انهن پرولين کي اپنايو آهي، ۽، انهن سميت، امير خسروءَ جي هندستاني شاعريءَ کي اردوءَ جي اوائلي شاعري تسليم ڪيو آهي. هنن پرولين جو فارم لڳ ڀڳ امير خسروءَ وارو آهي، پر انهن جي مواد ۾ جدت آهي.

# وایون

تانگھہ نہ تاڙي تانگھا تَڙ،

اؤتڙ اؤتڙ آءُ ميان!

راهہ انوکي سپ کان چوکي، پيرا پيرا ناهين ڪَڙَ،

اؤتڙ اؤتڙ آءُ ميان!

سڄُ سنهرا ، نيرا گهرا، جر تي پوپاڙيءَ جا پَڙَ،

اؤتڙ اؤتڙ آءُ ميان!

ڪيئي گونگا گيت هوا ۾، سانجهيءَ ويلي گونگا ٻَڙَ،

اؤتڙ اؤتڙ آءُ ميان!

اؤتڙ ٻوڙي اؤتڙ تاري، اؤتڙ اؤتڙ پنهنجا تَڙَ،

اؤتڙ اؤتڙ آءُ ميان!

ڪاري ڍنڍ اڇيرا بَڪَ،
چر تي چوهڻ، چمر جا پاڇا!

گجري! توتي گج تہ آ پر،
جهڙ ۾ جهڙا ڪارا ڪڪَ،
چر تي چوهڻ، چمر جا پاڇا!

ماڱر ڪيئن مٿايئہ مانجهي،
هاڻي کهڙا مڪڙيءَ مڪَ،
چر تي چوهڻ، چمر جا پاڇا!

اپ ۾ ڪائي چٽنگ نہ آهي،
سانجهي سُنجهي ويـنـي رَڪَ،
چر تي چوهڻ، چمر جا پاڇا!

پيلا پن پسي ڪويل ڪوڪي،
واءَ سرءُ جي ۾ هيءَ چڻِ چڻِ،
ويندا ونَ،
پسي ڪويل ڪوڪي،

ڪالھه هيو هي وڻ وڻ ويٺا،
گونگا بن،
پسي ڪويل ڪوڪي،

ميگھه ـ ملارو، ميگھه ـ ملارو!
ماندا من،
پسي ڪويل ڪوڪي!

عشق اسان وٽ آرائين جيئن آيو جهول پري،
ڪوئي ڪيئن ڪري!

موتئي جهڙي مرڪ پرينءَ جي، مگرو مات ڪري،
ڪوئي ڪيئن ڪري!

ڏاڙهونءَ ڦوهه ڦلاريا منهن ۾، ٻهه ٻهه يار ٻري،
ڪوئي ڪيئن ڪري!

جنهن جي ڇڳ چنبيليءَ ول جيئن، سرهي سيج پري،
ڪوئي ڪيئن ڪري!

جنهن جا نهنا نيڻ ائين جيئن، رڻ ۾ رات ٺري،
ڪوئي ڪيئن ڪري!

پل پل تي تو پيار ڪمل جئن، ڪومل هٿ ڌري،
ڪوئي ڪيئن ڪري!

تنهنکان ڪيئن جدا ٿي جيئون، سرتيون! ڪيئن سري،
ڪوئي ڪيئن ڪري!

اڪڙيون ڪيئن آليندي‌ون يار، سارا سور سليندي‌ون يار!
اڪڙيون ڪيئن آليندي‌ون يار!

ساوڻ پنهنجا سانگ ڪيا جي، پوءِ ڪيئن پاڻ سليندي‌ون يار!
اڪڙيون ڪيئن آليندي‌ون يار!

رُت جي ريت نرالي آهي، پرجي پرجي ايندي‌ون يار!
اڪڙيون ڪيئن آليندي‌ون يار!

تات پرينءَ جي،رات پرينءَ ريءَ، تارا ڪيئن نہ تڪيندي‌ون يار!
اڪڙيون ڪيئن آليندي‌ون يار!

سارَ. سمرٽي سرندي رهندي ، ڳوڙها ڪونہ ڳٽيندي‌ون يار!
اڪڙيون ڪيئن آليندي‌ون يار!

ساري ساري، پار پرينءَ ڏي، اڏري اڏري ويندي‌ون يار!
اڪڙيون ڪيئن آليندي‌ون يار!

ديس ڇڏي پرديس وڃي ٿي ، دلڙي ٿي ديواني ڙي!
دلڙي ٿي ديواني ڙي!

من سوري ٿو ڪنهن جي مالها، ڪير ڳچيءَ جي ڳاني ڙي!
دلڙي ٿي ديواني ڙي!

سارَ اٺي ٿي پيار پرينءَ جا، ساري تن ۾ تاني ڙي!
دلڙي ٿي ديواني ڙي!

نينهن نديءَ جيئن چوليون ماري، لهر لهر مستاني ڙي!
دلڙي ٿي ديواني ڙي!

چوڏهينءَ چنڊ بہ اهڙو ناهي، جهڙو منهنجو جاني ڙي!
دلڙي ٿي ديواني ڙي!

ڪوبہ نہ روڪي، ڪوبہ نہ روڪي، نينهن نہ آ ناداني ڙي!
دلڙي ٿي ديواني ڙي!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

سانوڻ ڪئن اڪيلو آئين، ساجن ڪي ٻه ته آڻ!

ساجن ڪي ٻه ته آڻ!

موتئي جي مهڪار هوا ۾، سار پري سرهاڻ،

ساجن ڪي ٻه ته آڻ!

برکا رُت جي باک ڦٽيءَ ۾، لڳو لڳهه لالاڻ،

ساجن ڪي ٻه ته آڻ!

بادل تي سَوَ سانگ رچايا، آءٌ ٻه ڪنهن ج ڪاڻ،

ساجن ڪي ٻه ته آڻ!

هئہ هئہ ڏاڙھونءَ جھڙا ڳَلُ!

هئہ هئہ جوين جاڙَ ڪَيَءِ!

نچڻي ٻيهر اچڻي ناهي، هئہ هئہ پايل جھڙا پل!

هئہ هئہ جوين جاڙَ ڪَيَءِ!

سارو ڏينهن ونو هو سانوڻ، ٻينا سانجهيءَ جو بادل!

هئہ هئہ جوين جاڙَ ڪَيَءِ!

ڪنهن جي واٽ وني وينو آ، ڪاريهر جي ڪنهن ڪي ڪَل!

هئہ هئہ جوين جاڙَ ڪَيَءِ!

تون تہ ڪنڌيءَ جو ڪانڌ ميان!

هاءِ ڪنڍيءِ ۾ منهنجو مَنُ!

چرڪي ترڪان، ترڪي چرڪان،توڪي ڪونہ ڏسان،

هاءِ ڪنڍيءِ ۾ منهنجو مَنُ!

ور ور تنهنجي ڍَر سان چوليءَ چوليءَ منجهہ چلان،

هاءِ ڪنڍيءِ ۾ منهنجو مَنُ!

هيئون بہ منهنجو توتي هرڪي، توڪان ونءُ بہ وڃان!

هاءِ ڪنڍيءِ ۾ منهنجو مَنُ!

تون به نه آهين ڪونه،

وڄان نه مان ڪيڏانهن وڃان!

مسجد جا مينار اسونهان، جن کي ڪوبه پتو نه،

وڄان نه مان ڪيڏانهن وڃان!

پيالي پيالي اُج ازل جي، ڪنهن وٽ مَڏُ. چڪو نه،

وڄان نه مان ڪيڏانهن وڃان!

ڪارونڀار ڪتين جا، جن جو ذرتيءَ سان ناتو نه،

وڄان نه مان ڪيڏانهن وڃان!

سوڪو موت حياتي اوڪي، سوچان ٿو مان چونه....

وڄان نه مان ڪيڏانهن وڃان!

سوريءَ تي منصور ڏسي جي روئندي به ته چا!

هاڻي سچ جو ساع نه ڏيندين

پڇتائيندين

پاڻ پيو لوئيندين به ته چا!

جي گوندر ۾ گل ڪوماڻا،

اوءِ اياڻا!

سار انهن جي سوئيندين به ته چا!

ويل اها آهي واهر جي

بادل پرجي

روز نه ايندا، پو ايندين به ته چا!

روئيندين به ته چا!

روئيندي رات گذاري ڙي، مون روئندي رات گذاري ڙي!

مون روئندي رات گذاري ڙي!

پنهنجو پيار پکيئڙي جهڙو، ماڻهو ماڻهو ماري ڙي،

آءُ اجايل گهايل گهايل، سامهون ساري واڙي ڙي،

سارو ڏيهه ڏمرجي آيو ، مون جي تند تنواري ڙي،

جنهن جا گيت هوا کان هلڪا، پونءِ انهيءَ تي پاري ڙي،

هاءِ برو پنيور نہ ڄاڻي، ڪير انهيءَ ۾ آري ڙي،

تون مونکي سنگيت ڏئي، هيءَ سوري چو سينگاري ڙي،

مون روئندي رات گذاري ڙي!

بٿ تي بوند اُني ، او منڙا! بُٿ تي بوند اني ـ

تارا ڪڻ ڪڻ ، وڻُ وڻُ چڻ چڻ، پرتي رات روني،

او منڙا! بُٿ تي بوند اني ـ

چاچا آٽي من جي پاٽي، ڪويل ڪوڪَ ڪُنِي،

او منڙا! بُٿ تي بوند اني ـ

پنهنجا ساري ، هنجون هاري، هرڪا مينهن مُنِي،

او منڙا! بُٿ تي بوند اني ـ

اؤني اؤني واٽ ولهيءَ جي، سانگي سنگ سُني،

او منڙا! بُٿ تي بوند اني ـ

سج لٽي جو سانگيئڙا او شال ورن او شال ورن!

شال ورن او شال ورن!

ڏينهن لهي ويو آ ڏونگر ۾، هي تہ اجا ٿا پنڌ پُڇن!

شال ورن او شال ورن!

پرتي ڪارا ڪوهہ الو ميان!،ور ور نيرا نانگ سُجهن!

شال ورن او شال ورن!

جن جي ويندي سانجهون وانجهيون،نجهري نجهري نيڻ ٽمن!

شال ورن او شال ورن!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

سهندو ڪير ميار، او يار!
سنڌڙيءَ تي سِرُ ڪير نہ ڏيندو!

جهول جهلي جنهن وقت پٽائيءَ،
ڪرندا ڪنڌ هزار، او يار!
سنڌڙيءَ تي سِرُ ڪير نہ ڏيندو!

نيٺ وڍيندڙ وڍجي ويندي،
ڪرندي نيٺ ڪٽار، او يار!
سنڌڙيءَ تي سِرُ ڪير نہ ڏيندو!

نيٺ تہ ڊهندي ڪيسين رهندي،
دوکي جي ديوار، او يار!
سنڌڙيءَ تي سِرُ ڪير نہ ڏيندو!

گهڙا ڪٽي گهڙنديون سَوَ سهٽيون،
مرندا سَوَ ميهار، او يار!
سنڌڙيءَ تي سِرُ ڪير نہ ڏيندو!

سِرَ جي سئن هٽي ڏس چارڻ ،
ٻيجل تي ٻيهار، او يار!
سنڌڙيءَ تي سِرُ ڪير نہ ڏيندو!

ڏونگر ايڏا ڏاگهہ ميان!

مان تہ پنهونءَ جي پانڌيئڙي ڙي!

منهنجا پير پٿون اي پهڻو!

اَرَهيءَ کي ڏيو آڏَ ميان!

مان تہ پنهونءَ جي پانڌيئڙي ڙي!

موٺان ڪيئن مُنيءَ جي من تي،

وِرهہ وِڌي ڪا واڙِ ميان!

مان تہ پنهونءَ جي پانڌيئڙي ڙي!

جل جل مشعل، جل جل!

ويري واءُ انڌيرا آتڻ، سيءَ سياٽا جل ٿلُ!

جل جل مشعل، جل جل!

نجهري نجهري نيڻ اجهاٽا، ڳوڙها ڳوڙها ڳل ڳلُ!

جل جل مشعل، جل جل!

اڄ ته پنيرڪي تائين جرڪي، شعلا شعلا پل پلُ!

جل جل مشعل، جل جل!

سنڌو ديس جي ڌرتي توتي، پنهنجو سيس نمايان.....

مٿي ماٿي لايان!.....

ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين، توکي چشمن چايان!......

گيت به مون وٽ منهنجي ماتا ، بيت به تنهنجا پايان!.....

جيءُ جيءُ جيجل! جيءُ جيءُ جيجل! توکي ڪيئن لنوايان!.....

سارا سڌَ پڙاڏا تنهنجا، وائيءَ ۾ ورنايان!.....

سُر سُر چڻ سانوڻ ۾ سنڌو، لهر لهر لهڪايان!......

رمجهم رمجهم راڳ انهن سان ٿر بر باهه لڳايان!.....

ڪالهه مليران مهڪ اتي جا، نگر نگر ڦهلايان!.....

ڏُٿُ به پنهنجو ڏيهه به پنهنجو، مارو شال ملايان!.....

تنهنجيءَ مٽيءَ منجهه ملان جي آءٌ امرتا پايان!.....

سنڌو ديس جي ڌرتي توتي ، پنهنجو سيسُ نمايان!.....

انڌو اُڀ انڌاري ڌرتي، ڏيئا ڏيئا ڳاٽ اسان،
ليئا ليئا لاٽ اسان،
چوڏاري چمڪاٽ اسان،

زندان جون ديوارون ڳوليون ڪالھ ڇڏي گھر گھاٽ اسان،
چوڏاري چمڪاٽ اسان،

ور ور تي واسينگ ڏناسين، ڪونہ ڻياسين ڪاٽ اسان،
چوڏاري چمڪاٽ اسان،

گيتَ گلابي، جھڙ جھڙَ وايون، واسي جن سان واٽ اسان،
چوڏاري چمڪاٽ اسان،

ڏيئو ٻار! ڏيئوٻار!

تنهنجيءَ ڌرتيءَ ديپ ڏكاريا،تون نہ ڏكار،
ڏيئو ٻار! ڏيئوٻار!

گهر گهر ۾ آ گهُگهُہ، مگر تون هانءُ نہ هار،
ڏيئو ٻار! ڏيئوٻار!

سامي! وٿِ وسامي ويندي، جوت جيار،
ڏيئو ٻار! ڏيئوٻار!

كيسين تانگهيندو رهندين تون دور دُوار،
ڏيئو ٻار! ڏيئوٻار!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سكر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

تَڙَ تي طوفان ، الو ميان،

ناوَ هلي آ گيت ڪٽي!

ونجهه نہ وانجهي،موڙها مانجهي،سانجهي سرگردانُ،الو ميان،

ڳهاٽ مٿان گهنگهور گهٽاٻ اڄڪلهه جو انسان، الو ميان،

ناوَ هلي آ گيت ڪٽي!

ڪو وڻجارو، اوٿَ ـ اسارو، نينهن ڪيو نادان، الو ميان،

ناوَ هلي آ گيت ڪٽي!

سارِيا ۽ سپني ۾ ويچا جو ٻہ متائي،

ٻول انهيءَ ج ٻانهڙي آهيان.

سٺ صدين جي سٺ اندر ڪا جو ٻہ سمائي،

ٻول انهيءَ ج ٻانهڙي آهيان.

دل درياهہ سمندر تانگهاہ تاهہ پُسائي،

ٻول انهيءَ ج ٻانهڙي آهيان.

ڇاڇا جن پنڇيءَ جا پاڇاہ ۽ جي ڳائي!

ٻول انهيءَ ج ٻانهڙي آهيان.

دور اسان جو ديس الو ميان دل کان پوءِ بہ نہ دور،
الو ميان ديس نہ دل کان دور!
ڪرها سرها ريتيءَ ترها، اُسهن نيٺ اسور،
الو ميان ديس نہ دل کان دور!
سُج سنواتي، ٽيڙو ٽم ٽم ، منجهي نہ سونهون مُورُ،
الو ميان ديس نہ دل کان دور!
ڳاڙها ڳاٽ سگهارا ڳيرو، پنڌ پرينءَ جو پورُ،
الو ميان ديس نہ دل کان دور!
رمجهم رمجهم ديس نہ جنهن ۾ ڪاريءَ اُس ڪلور،
الو ميان ديس نہ دل کان دور!

لوري ڪيئن لڳي،

او آيل! آيل! لوري ڪيئن لڳي!

مان تہ پنهونءَ جي پاڇي ڪان تي روز پڳي،

او آيل! آيل! لوري ڪيئن لڳي!

ڪيچي آيا ڪالهہ، سڱيءَ جي سينڌَ وڳي،

او آيل! آيل! لوري ڪيئن لڳي!

وَسُ ولهيءَ جو ڪهڙو، سينڌي هٿُ سڳي،

او آيل! آيل! لوري ڪيئن لڳي!

سڏُ سهانگي ، مڏُ مهانگو، سر جو سودو ڪيئن ڪري!

موکي ويني مٽَ پري!

جي تو جيءَ جياپو گهرجي، آءُ نہ ڳاڙهي لاءِ ڳري،

موکي ويني مٽَ پري!

پهرين امرت . اوت پياسؤ، وِهہ جي تارونءَ تک تري،

موکي ويني مٽَ پري!

هر ڪنهن جو هي وس نہ آهي،ڪنهن ڪنهن ورتي چَسُ چري،

ڄاڻي نڪرو مُنجهہ متارؤ ، سري سوا جي ڪونہ سري،

موکي ويني مٽَ پري!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

اَيرو اُڀ، نہ چنڊ نہ تارو، موڳو منهنجو من،
مڌ مهانگو سر جو سانگو، لاهي ڪير ڪلال
تر تي ڪاري ٽڏ ، سيارو،
موڳو منهنجو من،
وات اٽانگي جهونا جهانگي، سڀ جا پير پٽون،
ڳيرو ڳهرا ديس اسارو،
موڳو منهنجو من،
رات ڪتيءَ جو ٻاڪ ڦتيءَ جو، سيندو لال لڳهہ
جيسين اوير ڏينم اشارو،
موڳو منهنجو من،
آٽيو آٽيو ڪي اوندھ ۾ سُرڪيون سج اپار،
ڪوئي آڏيءَ رات امارو،
موڳو منهنجو من،

آهي انگ اٿوت، او ماروئڙا! وو ميان!

ڪارا ڪوهہ نہ ڪڻ ميان، آءُ منو ٿي موٽ،

او ماروئڙا! وو ميان!

جهانگيئڙن جي جيءُ تي ڦري نہ ڇؤ تون ڦوٽ،

او ماروئڙا! وو ميان!

ماءُ اسانجي سنڌڙي، ياءُ ڀٽائي گهوٽ،

او ماروئڙا! وو ميان!

آءُ تہ ڏاهيون او ميان! هي جو واريءَ ڪوٽ،

او ماروئڙا! وو ميان!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

ڪوهه ڪتوريءَ اوت ، ورتُ وريتيءَ هٿ ۾ !

ڪونه ڏڪيندا انگڙا، چارئي چنيءَ پوت،

ورتُ وريتيءَ هٿ ۾ !

ناهين هن جي نينهن ڪي ، ڪا بہ ڳجهي ڳڻ ـ ڳوت،

ورتُ وريتيءَ هٿ ۾ !

پاٽيءَ ڏيندي ڏينهڙا ، شال پڄائين موتَ!

ورتُ وريتيءَ هٿ ۾ !

ڏينهن تتو تڙڪولُ، رائو ڪائو رُج ۾.

هرٽي! تنهنجي هانوَ ۾، اُج هئي انمول،

رائو ڪائو رُج ۾.

سانجهي ويري واسيو، سارو ريت ـ رتول،

رائو ڪائو رُج ۾.

چؤنري چؤنري ۾ چري! هوندينءَ تون چؤبول،

رائو ڪائو رُج ۾.

ڪڏهن ڪويتا ڪانڍ ڪجل جي، ڪڏهن اکين جو ڏيُ.
اهو بہ ناهي سيُ!
ڪڏهن ٺڪوري ڪانڊا ، ٽانڊا، ڪڏهن سپون اڻ . ليُ.
اهو بہ ناهي سيُ!
ڪڏهن پئي ڌرتيءَ کي ڌوڻي، ڪڏهن اکيڙي اُپُ،
اهو بہ ناهي سيُ!
اجا تہ ڳل ڳل گيت اڳاهون، ڳهلا! هيءُ تہ ڳيُ،
اهو بہ ناهي سيُ!

جُوءِ لڳي ٿي جهاجهہ،

ڪرهو ترهو رُڃ ۾.

پيرين اُڀي پاڪڙين، ڪير وڃهي ٿي واجهہ!

ڪرهو ترهو رُڃ ۾.

روڄ رُنا جو اوچتو، ٻوڄهَ اُڀاري ٻاجهہ،

ڪرهو ترهو رُڃ ۾.

عشق عقاب پکي پرڏيهي، جهڙپ ڏئي تو جهپي،
کير انهيءَ کان ڪٽي!
ڏاڍو ڏور اڏاري ماري پر پر ويهي پٽي،
جهڙپ ڏئي تو جهپي،
جيءُ سڄو جهونجهاڙي ظالم، سور ڏئي سَوَ سٽي،
جهڙپ ڏئي تو جهپي،
ذات نہ ڄاڻي ، پات نہ پاڙي، مذهب سارا مٽي،
جهڙپ ڏئي تو جهپي،

جوءِ ۾ مٽي ، جيءُ ۾ مٽي، سارا مٽيءَ منڍ اڙي!

سارا مٽيءَ منڍ اڙي!

هيءَ جنڊڙيءَ جي ساري جهرمر، چوواٽي تي چنڊ اڙي!

سارا مٽيءَ منڍ آڙي!

سرها سرها ساهه پرينءَ جا، سرها جيئڻ سرڪنڊ اڙي!

سارا مٽيءَ منڍ اڙي!

سهج سُياو سهائيءَ جهڙا يا گهنگور گهمنڊ آڙي!

سارا مٽيءَ منڍ اڙي!

مرڻي مان ڪجهه ورڻو ناهين، پرڪي ڏس پاڪنڊ اڙي!

سارا مٽيءَ منڍ اڙي!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

چنڊ، ولهيءَ جو واجهه، اسان وٽ ڪجهه بہ ناهين ڪکن ۾!

ڪجهه بہ ناهين ڪکن ۾!

جرڪي جوت وسامي ويندي، پوئين پهر پکن ۾،

ڪجهه بہ ناهين ڪکن ۾!

ڪهه جاڻان ڪنهن پاتو آهي، هو جو لعل لکن ۾،

ڪجهه بہ ناهين ڪکن ۾!

ڏات اڌوري پوري ناهين، پنهنجي ئي پرکن ۾،

ڪجهه بہ ناهين ڪکن ۾!

ڪجهه بہ ناهين ڪکن ۾!

آئي تنهنجي سارَ اويار!
او پرڏيهي!
تنهنجي روپَ ڪئي رمجهم،
ڇايا ميگهه ملار، او يار!
او پرڏيهي!
سرهي سرهي سار ائين جئن
مگري جي مهڪار، او يار!
او پرڏيهي!
بات بہ تنهنجي مصريءَ جهڙي،
ماٺ بہ ماکيءَ لارَ، او يار!
او پرڏيهي!
منهنجي لاءِ گهڙيءَ جا گهنگهرو
جڳ جڳ جي جهڻڪار، اويار،
او پرڏيهي!
نئون نہ آهي تنهنجو ناتو،
ڪڏهن هئين تون ڌار،او يار!
او پرڏيهي!
روز ازل کان تنهنجا منهنجا
ڪيئي قول قرار، او يار!
او پرڏيهي!
او پرڏيهي!

پاٽياري تلڪي ـ

سينهونءَ تي سَوَ سانگ گهڙي جا،

پلڪ پلڪ چلڪي،

پاٽياري تلڪي ـ

الا الا رنگ چنيءَ جا،

انگ پيا الڪي،

پاٽياري تلڪي ـ

ڪنير واري ڪار ڪيائين،

جاڙ ڪئي جهلڪي

پاٽياري تلڪي ـ

هاءِ جواني جهوٽو ڙي!

نار تہ ساڳيو، تار ڪٽي، جا

وار ڪري ويڙهوٽو ڙي!

هاءِ جواني جهوٽو ڙي!

گوري تو ۾ گنج پيا يا،

روپ ڏنو رانيوٽو ڙي،

هاءِ جواني جهوٽو ڙي!

لالي نيٽ تہ لهٽي آهي ـ

هئہ هئہ ميندي ءَ ٻوٽو ڙي!

هاءِ جواني جهوٽو ڙي!

هئہ هئہ ڪونج نہ مار
اڙي آهيڙي!
هئہ هئہ ڪونج نہ مار
تون بہ تہ ڪنهنجو ساٿي آهين،
پنهنجي سينڌي سار!
اڙي آهيڙي!
هئہ هئہ ڪونج نہ مار!
هھڙا ڳاٽ نہ ڳول، الا تون
ڪائي ٿور تہ ٿار!
اڙي آهيڙي!
هئہ هئہ ڪونج نہ مار!
جي هيءَ توتي تور تہ انکي،
تاڙي مار، اڏار!
اڙي آهيڙي!
هئہ هئہ ڪونج نہ مار!
پر جي تو ۾ جاڙ، تہ پو تون
جوڙي جوڙي مار!
اڙي آهيڙي!
کهل تہ ڪائي ڏار!
اڙي آهيڙي!
هڪڙي ڪونج نہ مار!
اڙي آهيڙي!
هڪڙي ڪونج نہ مار!

آهي ڪو اتهاس، چارڻ تنهنجي چنگ ۾!
ماڻهوءَ ماڻهوءَ ڪي ڪپي، چو هن تنهنجو ماسُ!
آهي ڪو اتهاس!

جهڙ ۾ تنهنجي جهانءِ آ، تارا! تي نہ اداس،
آهي ڪو اتهاس!

وڏندو واڙيءَ ڦل جئن، نينهن نہ ٿيندو ناسُ ـ
آهي ڪو اتهاس!

انبڙيون ڳول نہ چورا!

ڏينهن تتي ۾.

ڄيٺ ۔ ڀہ پهري،

ٿار ٿار آ ڳوري ڳهري ۔

ڪانپ ڪانپ کي ڦول نہ چورا!

ڏينهن تتي ۾.

سانوڻ ۔ وس ۾،

انب انب آ ايندو رس ۾ ۔

مند ماس بن مول نہ، چورا1

ڏينهن تتي ۾.

انبڙيون ڳول نہ چورا!

ڏينهن تتي ۾.

ڏينهن تتي ۾.

ڏيهہ نہ آيئہ ڏانءِ ميان ـ
آءٌ تہ پيرونءَ پاند ڏيان!
جي تون رات رهين!
مون وٺ روپا چوٽيءَ ـ ڦل،
منهنجي گهر ۾ جهانجهر جهانءِ!
جي تون رات رهين!
منهنجي ويڙهي لال لباس،
کهنبو اوڙهي ايندسانءِ!
جي تون رات رهين!
ٻيءَ کي اهڙي مرڪ نہ منهن،
جهر جهر موتي جهول وجهانءِ!
جي تون رات رهين!
پونم جهڙا پيار ڏئي،
ڪٺ تي سري رات ڪڙانءِ!
جي تون رات رهين!
پر جي توکي لوءِ لڳي،
ککري ٻٽجي چانو ڪيانءِ!
جي تون رات رهين!
هھڙي پونءِ نہ آيئہ پانءِ،
گهنگهر وارا! گهور وڃانءِ!
جي تون رات رهين!
جي تون رات رهين!
جي تون رات رهين!

مانجهاندي جا ماڳ سوين، پر منهنجو پنڌ پري،

منهنجو پنڌ پري!

ڪيئي چيل - چٻيليون آئيون ٽر جا ٽانو پري،

منهنجو پنڌ پري!

پک پکيڙي مور هوا ۾ سرلا سڌ ڪير

منهنجو پنڌ پري!

ڪارونجهر تي پهتو آهي، ڪو ڪو ڏينهن نري،

منهنجو پنڌ پري!

ڪڻ - پنگر جو ڪت نہ ڪوئي، جيئي ڪير مري،

ٽاٽو ڪونہ ٽري!

منهنجو پنڌ پري!

منهنجو پنڌ پري!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

جهول هوا ۾ جهول، موتيا!

جهول هوا ۾ جهول!

منهنجي من ۾ ڪوئي سپنو،

توڪان سندر ڦول، موتيا!

جهول هوا ۾ جهول!

سرهي سانت، اڪيلي اؤجهڙ،

سڄ لٿي گو ـ ڏول، موتيا!

جهول هوا ۾ جهول!

پيچ ـ پنيءَ جو پونرا ايندا،

مڙي نہ ويندي مُول، موتيا!

جهول هوا ۾ جهول!

پنهنجي رت ۾ ريٽو جهنڊو اپ تائين جهوليندو،
اهڙو ڏينهن به ايندو.
رت جو بدلو رت ئي آهي، هرڪو بدلو ڏيندو،
اهڙو ڏينهن به ايندو.
آرتي رات نه رهندي اوڳا! روح نه ڪو روئندو!
اهڙو ڏينهن به ايندو.
ڪائي ارهي اک نه هوندي، لڙڪ نه ڪو لاڙيندو!
اهڙو ڏينهن به ايندو.
ڏٿ به تنهنجو ڏيهه به تنهنجو، ڪو تو ڪان نه کسيندو،
اهڙو ڏينهن به ايندو.
اهڙو ڏينهن به ايندو ساٿي! اهڙو ڏينهن به ايندو.
اهڙو ڏينهن به ايندو.

گهل ڏکڻ اڙي، نيڻ تا نندِ ڪن!
گيت گونجارجي واءُ مان تا ورن
نيڻ تا نندِ ڪن!
جيءَ جا جهولڻا جهانءِ ۾ تا جهلن،
نيڻ تا نندِ ڪن!
سانت جي سير ۾ تا تنبورا ترن،
نيڻ تا نندِ ڪن!
چنڊ جا ناڪئا ناوَ مان تا ڏسن،
نيڻ تا نندِ ڪن!
پٽ جهڙا پرين ، پار ڪان تا اچن،
نيڻ تا نندِ ڪن!
راتڙيون جاڳندي جهپ آئي نہ تِن،
نيڻ تا نندِ ڪن!
گهل ڏکڻ اڙي،
نيڻ تا نندِ ڪن!
نيڻ تا نندِ ڪن!

گرج گرج اي گونگي ڌرتي! ڀرج ڀرج ڀٽياڻي!

ڀرج گرج ڀٽياڻي!

ڀيج ڀنيءَ جو برسيو آهي، ورهڻ رات وهائي

ڀرج گرج ڀٽياڻي!

هر هر هل هلاچا تنهنجا، ور ور وڄ ـ وراڻي

ڀرج گرج ڀٽياڻي!

ڪارونجهر ۾ پئي پڪاري، پل پل پريت پراڻي،

ڀرج گرج ڀٽياڻي!

ڏوپا ڏار نه رهڻي آهي، آءُ اتل ۾ پاڻي!

ڀرج گرج ڀٽياڻي!

پنهنجي اوليءَ ڪوبه نه اولو، سير انهيءَ جي ساڻي

ڀرج گرج ڀٽياڻي!

ڀرج گرج ڀٽياڻي!

ڪهڙو غيب شهود؟
سيڪجهه تون ئي آهين!
چنڊ بہ تنهنجي چاري ۾ آ، توکي سڄ سجود،
سيڪجهه تون ئي آهين!
ماڻهوءَ کان وڌ ڪوئي ناهين، ماڻهوءَ جو معبود،
سيڪجهه تون ئي آهين!
آيو آهي عدم کي جهاڳي، تنهنجي لاءِ وجود،
سيڪجهه تون ئي آهين!
تون ئي روز صليب سجائين، تون ئي آن موعود،
سيڪجهه تون ئي آهين!
تون ئي آهين پنهنجي منزل، تون ئي لامحدود،
سيڪجهه تون ئي آهين!
سيڪجهه تون ئي آهين!

سنڌڙي ساٽ سچوم، ڪوري ڪنڌ ڏنوم،

گهوريس گهوريس سنڌ تي،

شال نه اڳتي اوجهران، پرتي پنڌ پيوم،

گهوريس گهوريس سنڌ تي،

ميندي‌ءِ گاڏڙ رتُ سان، سارو رڻ رتوم،

گهوريس گهوريس سنڌ تي،

مون وٽ ٿم ٿم ڏيئڙا، ڇا جي سج ٻڏوم!

گهوريس گهوريس سنڌ تي،

ڪاري وار ڪٽار جو، جو جو گيت چيوم،

گهوريس گهوريس سنڌ تي،

ڍاٽي! پيرا ڍڪجو، جي هي جيءُ ڏنوم،

گهوريس گهوريس سنڌ تي،

گهوريس گهوريس سنڌ تي،

آڏيءَ رات انڌي سان آيو،
اوڌي ڪالهه اڱڻ ۾.
ور ور ماري چپ چمر ۾،
چنڊ لياڪا پاڏو، آيو،
اوڌي ڪالهه اڱڻ ۾.
ڇن ڇٽن تا، پن وٽن تا،
پائر ميگهه پسايو، آيو
اوڌي ڪالهه اڱڻ ۾.
ڇوٽري ڇوٽري ڇنگ وڃن تا،
ماروءَ پاڻ ملهايو، آيو
اوڌي ڪالهه اڱڻ ۾.
اڄ بہ ڪٿ آڳر ۾ آهي،
ڪلهه جنهن پال پلايو، آيو
اوڌي ڪالهه اڱڻ ۾.
اوڌي ڪالهه اڱڻ ۾.

مرڻ جيئڻ مون ڏس ميان!

تون ڪانڌي ڪونہ ٿجانءِ.

ماروئڙن ڪان منهنڙو موڙيان؟ ڏاهپ ٻي ڪا ڏس ميان!

تون ڪانڌي ڪونہ ٿجانءِ.

موت اچي ٿي مٺڙو، اهڙو جيئڻ کھڙي جس، ميان!

تون ڪانڌي ڪونہ ٿجانءِ.

بس ميان، او بس ميان! مان ويندس گوندر گس ۽ ميان!

تون ڪانڌي ڪونہ ٿجانءِ.

تو جا ڳالهه ڪئي سا ڪا ناهه نئي،
رڻ سڄو ئي رت ڦڙا!
جنهن ڪي ڪاڪ نہ آئڙي ڪرهي ڪڍ وئي،
رڻ سڄو ئي رت ڦڙا!
موت بہ آهي ماڳ ۾ - سوچي پنڌ پئي،
رڻ سڄو ئي رت ڦڙا!
دور نکيتر نپ جا، ساري رات رئي،
رڻ سڄو ئي رت ڦڙا!
ماٺهو سپ موتي ويا، ڏوران ڏنجهه ڏئي،
رڻ سڄو ئي رت ڦڙا!
انکي اوراٽا گهٽا، هيکل ناهه هئي ـــ
رڻ سڄو ئي رت ڦڙا!
رڻ سڄو ئي رت ڦڙا!

# لوک گیت

چـــــيٽو ڪونہ چڙيندي سانءِ!
چيٽو ڪــــــونہ چڙيندي سانءِ!
وهنجان تي تہ ڏسي تو ڏيـــــر،
منهنجي آهي متي ۾ ميــــــر،
ڳولي ڳهاٽ ڪتي ڪو ڳهـــير،
وهنجي سهنجي ايندي ســـانءِ،
چيٽو ڪونہ چڙيندي ســــــانءِ!
پل تون ڳج نہ ڳجــــــريون آڻ،
پل تون ٻي ڪا مـــــــومل آڻ،
منهنجي ڪانہ ڪـدين تو ڪاڻ،
روئي رَڃَ پـــــــــريندي سانءِ!
چيٽو ڪـــــونہ چڙيندي سانءِ!
سارا ڏينهن ڏئين تــــــو ڏنپ،
اهڙي رهڻ نہ ڪنهن جي رنپ،
ڪوهي ڪوهي پنهـــــنجا ڪنپ،
آخر اڏري ويندي ســــــــانءِ!
چيٽو ڪونہ چـــــڙيندي سانءِ!

# لمڪيان ڙجـ لو

( لمڪيان ڙي لو هڪ ٽري لوڪ گيت آهي، جو پنج ست سرتيون ڏٽ چونديندي، نرت سان چونديون آهن. ان جي لئہ ڪجھ ”جمالي“ سان ملندي آهي. مون ان جون سٽون ”مفتعلن فاعلن“ جي وزن تي آٽي، ان ۾ شعري صلاحيت ۽ ان جي ناچ . ڏن ۾ تيزي پيدا ڪئي آهي.
گيت جو فطري پس . منظر وارياسي ٿي ڏٽ نہ، پر جوئر جو ڪيت آهي. ”لمڪيان“ لفظ، لمڪڻ ( لوڏ سان هلڻ، لچڪڻ) مان نڪتو آهي، نرت ۾ چيلھ جي لوڏ ضروري آهي.)

آءُ اتر جي هير سان، لمـــڪيان ڙي لو
لمـــڪيان ڙي لو

ڪنپ ڪنياتا ڪرن، لمڪيـــان ڙي لو
پٽ . تتر پار جا،

روز اتر ڪان اچن، لمڪيـــان ڙي لو
پنڌ پري هوءِ ڙي، لمڪـــيان ڙي لو
پار پرين لوءِ ڙي، لمڪـــيان ڙي لو
تانگھ ڪئي تاوڙي، لمـڪيـان ڙي لو
ڪانگ ڏسي ڪامڻي،

ڪانڌ مٿان ڪاوڙي، لمـڪيـان ڙي لو
ڏور ڪٿيئي ڏينھڙا، لمـڪيـان ڙي لو

ڪالھ اُنا مينھنڙا، لمـــڪيـان ڙي لو
ماڪ . ينا ڪانھ ڙي، لمڪيـان ڙي لو
جھومڪيون جوئريون،

آءُ بٽي بانھن ڙي، لمـــــڪيان ڙي لو
سونھن سياپا پرين، لمڪـــيان ڙي لو
نيھن نياپا پرين، لمـــــڪيان ڙي لو
نيڻ پريان نير سان، لمڪـــيان ڙي لو
آءُ اتر هير سان، لمڪيـــــان ڙي لو

## سانوڻ ٽيج

( سانوڻ ـ ٽيج هڪ ٽري لوڪ گيت آهي، جو ڪنواريون ۽ نؤورنيون سانوڻ جي سهائي پڪ ۽ اونداهي پڪ جي ٽيج تي ڳائينديون آهن. هن گيت ۾ ڪيفيت ٽري لوڪ گيت جي آهي، ترنم منهنجو آهي.)

آئي سانوڻ ـ ٽيـــج ڙي
گج سوين تارڙا، واجهه وجهـــي وڄُ ڙي!
چوريءَ نہ چـــڄُ ڙي!
آئي سانوڻ ـ ٽيـــج ڙي!

هيڪلڙي هينئڙو، اُپ ڪـــري گاج ڙي!
راڻو نـــــــ راج ڙي!
آئي سانوڻ ـ ٽيج ڙي!

ڊٺ متي مينهڙا، ڇٽ ڪئـــي ڇاٽ ڙي!
تو ريءَ اُســـات ڙي!
آئي سانوڻ ٽيج ڙي!

ڊول بنا ڊوڊڙو، ڪيئن لڳـــي ٻڪ ڙي!
تو ريءَ نہ ســـڪ ڙي!
آئي سانوڻ ـ ٽيج ڙي!

ناٺ ڪري ننڊڙي، رتُ ڪري رات ڙي!
توريءَ نہ تـــات ڙي!
آئي سانوڻ ـ ٽيج ڙي!

پيجَ متان بادلو، پيچ پني وسجـــــــو!
پائر بہ پـــــــــسجو!
آئي سانوڻ ـ ٽيج ڙي!

# مٽهيار

(مٽهيارُ يا مٽهيارو، هڪ ٽري لوڪ گيت آهي. مٽهيار لفظ مٽيي مان نڪتو آهي ۽ ڦيريدار مڄاريءَ لاءِ ڪم ايندو آهي، جو ٻولا ، ٻينسر ، چوڙا ، جهومر ۽ ڪنتمال وغيره وڪٽندو آهي، ۽ سارو سامان اٺ تي لڏي ڏهر ڏهر ۾ ڍاٻو ڪندو آهي. سنڌي لوڪ گيت دنيا جي لوڪ . فن جي بيمثال حاصلات آهي ۽ سنڌي عوام جي اجري اندر جو آئينو آهي. ٽري مٽهياري جي هينئين سٽ تہ منهنجي اندر ۾ اُڪرجي وئي آهي :

"سنڌڙي ري مارگـــــي، اڏتي جائي ڪيهہ."

"سنڌ جي مارڳ تان ڪهہ اڏامندي ٿي وڃي."

سنڌ جو لوڪ ادب پڙهي، يقين ٿي وڃي ٿو تہ سنڌي ثقافت هر قيمت ڏيئي بچائڻ جهڙي آهي. مون هن لوڪ گيت ۾ جدت پيدا ڪئي آهي، ۽ نہ فقط ان کي موزون ترنم ڏنو آهي، پر ان کي علامتي رنگ ۾ بہ رڱيو آهي.)

مٽهيار آيو، مٽهيــــــــــــــار ڙي!
مٽهيار ڙي!

آيو چنن ۾ والا ڪنـــــــــــــن ۾،
ڳانا ڳلي ۾، جهــــــــــــونجهار ڙي!
مٽهيار ڙي!

موتـــــــــــــــي لٽائي، جوتي لٽائي،
چاچا سجائي سنــــــــــــــسار ڙي!
مٽهيار ڙي!

ٻانهن ٻنيءَ جو، ويندي لُٽـــــيءَ جو،
چوريءَ چنيءَ جو سينـــــــگار ڙي،
مٽهيار ڙي!

گهونگهٽ هٽائي، جهـــــومر ٽڪائي،
چاچا ورونهـــــــــــــون واپار ڙي،
مٽهيار ڙي!

ٻانهون ڳچيءَ ۾، دانهون ڳچـــيءَ ۾،
ڪنمال پائي منئـــــــــــــار ڙي،
مٺهيار ڙي!

هئہ هئہ سهيليون، ڪيڏيون ڳهيليون،
هن جو تہ سپ ســــــان آ پيار ڙي،
مٺهيار ڙي!

وڃٹو بہ آهي مڃٹو بہ نــــــــاهي،
تون واڳ واري هـــــــسوار ڙي!
مٺهيار ڙي!

اڪـــــڙيون نہ اڙجو، ٻي جاءِ جڙجو،
روئي نہ روڪـــــــيو مٺهيار ڙي!
مٺهيار ڙي!

# ڪرهو

( ڪرهو ٽر جو هڪ لوڪ گيت آهي، جو اوٺي سفر ۾ ڳائيندا آهن. ”ڪرهو“ اوسيئڙي ۽ وڇوڙي جو گيت آهي ۽ ان جي هر بند جي پوئين سٽ : ”هڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو“، (هوريان هلو، ڍرو هلو) هوندي آهي. هن گيت جو سٽاءُ ”ڪرهي“ جو نہ آهي، پر ان ۾ ساءُ ڪرهي جو آهي.)

هڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هو ــ

پنڌ پـــري هـــو
ڪير ڪري هـــو
وات اواٿـــــي
ڏيل ڏري هـــو،

پو بہ پرينءَ جو پـــــنڌ پلو هو
هڙڪ هلو هو ، ڏيمان هـــلو هو.
پار نہ پـــــيرو
ڏگ نہ ديـــــرو
رات گهٽـائـيـــن
دور سويـــــرو

ڪرهلڙو ڙي جيءَ جهـــلو هو!

هڙڪ هلو هو ڏيمان هلو هــو -
سانولـــڙي جـــو
ڳيچ چئو ڪـــو
سانت بـــري آ
سانت ڪَيَوَ چو؟

ڳونج اياري ڪا تہ ڳـــــلو هو
هڙڪ هلو هو، ڏيمان هلو هـــو -


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

# نظم

رمجهم ! ڪيئن جوالا سان تو پريت لڳائي آهي؟
تنهنجو منهنجو ڪهڙو ناتو! پريت اجائي آهي ـ

تنهنجا پر چنبيليءَ جهڙا مون وٽ ٻاٻُري ڪَنڊ،
تو وٽ ساپيا ، مون وٽ سپنا مونسان پريت نہ ونڊ.

مان ويراڳي مونکي نگريءَ نگريءَ نينهن ڇڪي،
ڪهڙو مندر آهي ، جنهن جو مونتي تلڪ ٽڪي!

تنهنجون ڳالهيون چندن چورو،منهنجون ڳالهيون آڳ،
منهنجي خوشبو! جلندا رهندا مونوٽ تنهنجا ڀاڳ.

تنهنجا سپنا اهڙا جهڙا پاٿوليءَ جا هٿ،
منهنجا سپنا ڪيتر ڪيتر ارجن جي هٿِ رَٿَ.

آءٌ اجنتا ۽ ايلورا، پٿرِ جو پڙلاءُ،
منهنجو روح ڳُڦا ڪان گهرو، جُڳُ جُڳُ جوڳِ جڙاءُ

شايد تو نہ ڏٺو آ منهنجي سپني جو سوراجُ،
جنهن جي اڳِيان ڪجهہ بہ نہ آهي هي جمنا ۽ تاجُ ـ

شايد تو نہ ڏٺو آ مون ۾ آڌيءَ رات اروڙ،
جنهن تي چنڊ ڪروڙين ڪرڻن جو وجهندو آهي موڙ.

مان سنڌوءَ جي ڌار، نہ روڪيو آ جنهنکي ڪنهن گهاٽ،
لهر لهر تلوار ، ڪندي وئي ڪن ڪن ۾ ڪڙڪاٽ.

ڌرتي ٻوڙيان ڪيت ولوڙيان، مان سانوڻ جو مينهن،
تون ڳهَر جي پرگهور ، لڳو ڪئن تنهنجو مونسان نينهن.

ها پر مـــــــــنهنجي چـــن ۾ چانورڙو، تـــي آئي آنهہ،
ها، پر منهنجي چت تي چاندوڪـــــــــي تي چانئي آنهہ.

تون منهنجي نرواڻ نہ آهين، پر منهنجي چـــــــــانداڻ!
چاچا تنهنـــــــــجو روپ رتي آيو آ مـــــــــنهنجي ڪاڻ!

جڏهن بہ جيـــــــــون جي رڻ ۾ تي انـــــــــدا ڏنڌ اُتت،
تنهنجون اکڙيون مون تي اوتيندئيون رهنديون امـــــرت.

جڏهن بہ ڌرتيءَ جي دکڙن ۾ اتڪي الـــــــــجهي آنءُ،
ويهي رهندس ، مونتي چايـــــــــا ڦيندو تنهنجو نانءُ.

جڏهن بہ مونکي قابو رکندا ڪيئـــــــي ڪـــوت ڪڙا،
ايندي تنهنجي سار تہ وڄندا چوڏهين چنـــــــــگ چڙا.

جڏهن نہ ايندا اوڏا جيڏا ، ڦيندو ســــــــــوريءَ سڏُ،
تنهنجو پاڇو هلندو رهندو مرڪي مونـــــــــسان گڏُ.

تون منهنــــــــجي نرواڻ نہ آهين پر رهندينءَ مون ساڻُ،
جيسين ڳولي ڳـــــــــولي پائيندس مان پنهنجو پاڻ.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

رات تِــــــرِلِ رِل ،
تــارا جهــل مـــل ،
نينهن تڪي نيراڻ !
آءُ پلـــيءَ جي ياڻ !

سيءَ سيـــــــــاتـــا
مــــــــــدَ جا ماتـــا
ترسايــم تو ڪاڻ، ،
آءُ پلـــيءَ جي ياڻ !

ڳوڙها تـــــم ثم ،
سارون رمجهـــم ،
منڌَ گهري مهـــراڻ .
آءُ پليءَ جـــي ياڻ !

پيــــــــار ڪُماڻا ،
هار ڪُـــــــــماڻا ،
سيج ڇڏي سرهاڻ ،
آءُ پليءَ جي يـــاڻ !


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

راتيـــــــون راڳـاءِ
ياڳاياڳـــــــــــــاءِ
هيئون منهنجو هاڻِ،
آءُ پلڪ جي پـــاڻ!

هيئن ڇڏينديــــــن!
مُورُ نہ ايـــــندين!
ايءُ نـــ هو اهجاڻ،
آءُ پلڪ جـــــي پاڻ!

سرتا سانـــــــول!
رمتا رانـــــــول!
هيئن نہ ٿاڙو ٿـــاڻ!
آءُ پلڪ جي پـــاڻ!

ڪير ونئي تو تنهـــــــنجو نانءُ؟
چنڊ ونئي تو شايد شايــــــــــــــد،
جو تہ ستارا سُس پُس ڪن تـــا،
ڄُرندي ڄُرندي ڪجھ چندرمـــا،
جھونگاري تو شايد شايـــــــــــد!
ڪير ونئي تو تنهنـــــجو نانءُ؟
نيرُ ونئي تو شايد شايــــــــــــد،
جو تہ نديءَ تان ڪوئي نــيرڳُ،
وچڙي نڪتو آهي چـــڏي وَڳُ،
توڏي اڏريو شايد شايـــــــــــد!
ڪير ونئي تو تنهنجو نـــانءُ؟
ديپُ ونئي تو شايد شايـــــــــــد!
جو تہ لڄي تو ڪونہ ڪُڇي تو،
پَڄري جڙُ ڪنهن لاءِ پڇــي تو!
آمون جهڙو شايد شايـــــــــــد!

اولڙا!
اولڙا!
هر گهـــــــــڙي
اولڙا!
ڪائـــــــــي ڀي
آرســـــــــي
ڪانـــــــــ آءِ
سِـــــــجَ جي
روشـــــــني
ڪانـــــــ آءِ
پوءِ بہ هـــــــي
اولڙا!
زنـــــــدگي
اولڙا!
اولڙا!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

موت سوا ٻيـــــو ڪجھ بہ نہ آهي
تـــــــــــو ۾ مون ۾ ساڳيو،
جندڙي ڪچو ڌاڳـــــــــــــو!

پرڻي ڪان مرڻي تـــــــــــائين،
هن ڌرتـــــــــيءَ تي ڌرڻي تائين،
مون وٽ آ اوجاڳـــــــــــــو؛
توکي ننڊ بہ ڪرڻي آهـــــــــــي،
ننڊ بہ ڪـــــــــــائي هرڻي آهي،
سپني سپني جا تَـــــــــــڙ اؤتَڙ،
پٿڪي پٿـــــــــــڪي ورڻي آهي،
رات بہ ڪوئي جهرڻو آهـــــــــي،
جنهن ۾ وهنجي ، سج جي گهاگهر،
باک . ڦٿيءَ ڪـــــــــي پرڻي آهي،
ائن هيءَ عـــــــــــمر گذرڻي آهي،
ساڳو ساڳو هي اوجــــــــــاڳو،
واڳو ٻڻـــــــــــجي ورڻو آهي،
ٻڻجي ٻَڪُ انهيءَ جـــــو مونکي،
وعدو پورو ڪرڻو آهــــــــــي،


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

ان کي ٻوٽـــــــي ٻوٽي ڪوري،
ڏيٺي آهي ، لڪـــــــــــٹو آهي،
جاڳي جاڳي سڪٹو آهـــــــــــي:
رات ته ڪوئي جهـــــرٹو آهي،
پر هـــــــــــي واڳو ورٹو آهي،
ائين هي وقـــــــت گذرٹو آهي،
منهنجي پيڙا تون چـــــا ڄاٹين!
او تون شال جواني ماٹـــــــين!

موت سوا ٻيو ڪجھ به نه آهـــي،
تو ۽ مون ۾ ساڳـــــــــــــــيو،
جندڙي ڪچو ڌاڳـــــــــــــــو.

سانجهيءَ ٽاڻـــــــــــي دور اماڻي، ڏرتيءَ آندو ڏيرُ،
گهڙيءَ گهڙيءَ جي ڪڙيءَ ڪڙيءَ جو، جيءَ چنو زنجير.

ڊوري تـــــــي اڏري ڦهـــــــــلايا، نـــيرڳ نيرا پر،
منهنجـــا جيءَ جهـــــــــــروڪا کولي، آندي هير اُتر.

روهاڪيءَ جي رڙ مون کي جـــــــڻُ ڏيندي ويئي ويڻ،
ٿوري دير نہ گذري ، نَيَ ۾ نڪتاڪـــــــــــيئي نيڻ.

دور، ڏُروءَ تي پهـــــــــــتي منهنجي پوري نيڻ نهارَ،
جرڪي مون ۾ جنم جنم جـــــــي ڪائي سار - سنڀارَ.

تون ڇا آهين؟ تون ڇو آيو آن؟ ڇا ٿـــــــي ويو آهين؟
کهڙو تنهنجو ديس، اجا تون وينو پَرَ ســـــــــاهين!

ڪيئن پئجي وئي آ توکي هـــــــن پڃري سان پريت؟
توکي پوري ڪرڻي آهي جي پنهنـــــــــجي سنگيت!

ڏسُ، هو يڪشو سنک وڄائي، پوڄـــــــــــا لئہ آيا!
تو وٽ ڇا هن؟ گيت اڌورا! تون آڇـــــــــيندين ڇا؟

تو وٽ ڏُک جي دَين نہ ڪائي، سُک جا سانـگ سوين،
ڇؤ ڇؤ ڇاڪي ٿو تون پنهنجي تن جي تانگهہ ڇـــوين؟

مرڻو آهين ، ورڻو ناهيـــــــــن، پو بہ نہ ٿو سمجهين،
پو بہ ريتيءَ مان رانديڪا ٺـــــــــــون وينو ناهين!

توکي جُڳ جُڳ جوت ملي آ، ڪيئي ديـــــــــپ جلاءِ،
ساري تن من کي واري، تون پـنـــــــهنجو نينهن نڀاءِ.

چوٽي چوٽي ڏنوٽي آهي، ان مـــــــــــــــان آڳ لڳاءِ،
هي سارا زنـــــــــــــــجير پگهاري، تون آجو ٿي ڳاءِ.

پل پل آ پُڪراج پرين! تـــون گهڙيءَ گهڙيءَ کي گهَڙِ،
ست ست تنهنجي سونُ، اڙي تـــون جيءُ انهيءَ ۾ جَڙِ.

وڇڻو مڇڻو ناهين، اڇڻو ناهين وقـــــــــــــــــت وري،
جان جيئين تان جهونگاري وڻُ، موٽيو ڪير مَـــــري.

آءُ اسان جي ويڙهي ۾،
ساهه ڏيان تو سيڙهي آنءُ،
ڪنهن وٽ اهڙي ول نہ واسُ،
ڪنهن وٽ اهڙو ٿاڪ نہ ٿانءُ.

آءُ اسان جي ويڙهي ۾،
جنهن ۾ ٻاڪ ـ ٻنا رابيل،
جن جي خوشبو مرٽي ناهه،
وجٽي ناهين جن جي ويل.

آءُ اسان جي ويڙهي ۾،
پيءُ اسان سان وارو وٿُ،
ايڏو پنهنجو پاڻ نماءِ،
جيڏو توءِ آهي هَٿُ.

آءُ اسان جي ويڙهي ۾،
جنهن جا ڪونڌر روز ڪُنا،
جوين جهڙا ڏاڙهونءَ ڱُلَ،
جن جي رتُ مان روز ڦٿا.

آءُ اسان جي ويڙهي ۾،
ناهي توکي جي کو ميٽُ،
آهي تنهنجي جهوليءَ ۾،
جي ڪوئي اڻ ـ ٻاتل ڱيت..

رات انڌاري ڪاري ڪارڪ،
آءٌ ٻُڌيءَ جي ٻيڙي جو هڪُ،
لڙهندڙ ونجهہ اُڀهريون لهرون!
پورب پڇم لهرون لهرون!

ڪن انهيءَ جا ڪن نہ سمجهو!
هي ٻوڙي منجهڌار نہ ڄاڻي
ڪيئن مري ويا سارا مانجهي،
ڪيئن ڪري پتوارِ نہ ڄاڻي،
سيرَ نہ ساري دانهن ڪنهين جي،
ٻڌندڙ جي ٻاڪار نہ ڄاڻي.

دور اُفق ۾ پهريون هر ڪنهن،
سپنن جا سنسار ڏٺا ها،
جهونجهڙڪو جهڙو تہ جهروڪو-
هر ڪنهن وينگس - وار ڏٺا ها،
چوليءَ چوليءَ جي چاتيءَ ۾،
ڪنهن هي ڪارونيار ڏٺا ها!

سِڙهہَ جي سَٽ نہ ساڃاهي ڪنهن،
ڪَنهن ٿي ڄاتا ههڙا ڇوها،
جيئن طوفان اُڏايا تختا!
کهڙا لنگر کهڙا لوها!
هو وڻجارا ، جيءَ جيارا،
سارا ڪانئر سارا ڊوها.

گُذريون سِڄَ سموريون لهريون...
هاڻي ڪارِيون گهريون لهرون،
لڙهندڙ ونجهہ اُڀهريون لهرون،
پورب پڇم، لهرون لهرون.


E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

آ منهنجي بہ تہ جهولي خالـــــي،
سَين هنيئہ چالاڪ سوالـــــــــي؟
ڇو آيو آنهہ؟ ڇو آيو آنــــــــهہ؟

مون وٽ ديپ نہ سانجهيءَ ٽاٽي،
جُڳَ گُذري ويا جوتِ وساڻـــــي،
پينگ وسي ٿي منهنجي پاڻـــي،
منهنجو پيار اجـــــايل پيالي ـ
ڇو آيو آنهہ؟ ڇو آيو آنــــــــهہ؟

وِڄُ وراڪا تنهنجا واڪـــــــا،
مَنهنجي ساجهہ لڄ ليــــــاڪا،
اوڳا آڳَر، گهرا ڏاڪـــــــــــا،
نگريءَ جي هر ريت نرالـــــي ..
ڇو آيو آنهہ؟ ڇو آيو آنــــــــهہ؟

ڪهڙا تـــــــــــارا تارا سپنا!
مون وٽ پـــــڻ تو وارا سپنا،
ڪـــــاري رات ، نڪارا سپنا،
ننڊ بہ ســــــاڳي تيرنهن تالي ..
ڇو آيو آنــــــهہ؟ ڇو آيو آنهہ؟

جهڙي پني تهـــــــــڙي چالي ـ
سَين هنيئہ چا لاءِ ســــــوالي؟
ڇو آيو آنـــــــهہ؟ ڇو آيو آنهہ؟

موت ڪارو اُداس حبشـــــــــــي آهه،
جو ڏسي مينهن ، واچَ سنـــــــــاٽو،
آهي زنجير ڇني سڀ نڪــــــــــتو،
۽ ٽپي زندگيءَ جي ديــــــــــــوار،
ڪنهن ڪلي ريگـــــــــــزار ۾ پهتو،
رات جي ريـــــــــت تي پري تائين،
نہ ستارو نہ ڪوئي ٽانـــــــــــــڊاٽو،
ڪير ڄاڻي تہ ڪنهن طرف ڪيڏانهن،
ٿو وڃي دور دور ڏوڪيـــــــــــندو!
موت جي مام ڪـــنهن نہ سمجهي آ،
موت ڪارو اداس حـــــــــــبشي آ.

ڪُـــوڙِي ،

ڪُرتــــي،

پاڻُ ـ وڪـٽِـي ـ

ميريءَ ڪـهڙو ڌوٻيءَ گهاٽُ!

حيرت! حيرت!

پو بہ سياســت

ڪي هيءَ جرئت!

ڪئن نہ ڪري ٿي اوچو ڳاٽ!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

آءٌ اڪيلو ساموهن ســـــٽَ،
خنجر خنجر ڪــــــيئي هٿَ

آءٌ اڪيلو سامهـــــون سگّ،
ڪانداريل ڪـــانداريل لڱَ،

آءٌ اڪـــــيلو ڪُوڙُ ڪٽڪ،
مون لئہ ڪوئي لنگهہُ نہ لَڪُ،

مـــون کي ماري لوئيءَ لڄَ،
ساري وستي سُوئـــــر وَڄَ،

سنڌڙي تنهنجو نانءُ وتـــو،
ڪاريهر تي پير پيـــــــــو.

آءُ تہ چارڻ هان مهمان،
تنهنجي سورٺ جو وردان.

ڪوئي اوهي آ نہ پهي،
پوءِ بہ آيس ڪيچ ڪهي.

مون سپ چاڳ چنيسر جا،
لاٽا تو لائي اي ليلا.

منهنجي مومل! ماڙيءَ تان،
تو نہ ڏٺو ڪنهن وقت متان.

ڪاڪ ـ ڪنڌيءَ تي پهتو ڪير؟
ڪهڙو دولهہ آهي دلير!

مان جي ونجهلي قيرايان،
تخت هزارا ڪيرايان.

(ڏات ڏکوئي، جيءُ جلـــــــي،
مرليءَ ۾ جڻُ وڄُ پلـــــــي -)

تولئہ جيڪر ڳايـــــــان آءٌ،
ڪيئي جهنگ جلايـــــــان آءٌ،

پر مان ڪهڙو رانجهو هـــــان،
وهُ تو پيان هير هـــــــتان!

مان ڪهڙو ميـــــــــهار الا!
بينو هان بي پـــــــــار الا!

چنگ ، چڙا ، چوڏهين جي رات،
ترسايا مون تنهنجي تـــــات،

توکي سهڻي سڌُ نـــــــــ آ،
ڪوبہ ڳهڙو ڪو مَـــــــدُ نہ آ،

ڏمَر جو ايڏو ڏاڍ ڏســـــــي،
ڇا اينـــــــدينءَ اڌ رات اتي،

مان هاريان تـــو هيءَ چڪي،
ڇا مون تنهنـــــجي لاءِ ڏُڏي،

مون وٽ ڀاڳ ڀٽـــــائيءَ جا،
سارا راڳ ڀٽائيءَ جـــــــا،

پر اڄ هي يـــــڪتارو هانءُ،
ڀايان تو هڪ ڊانـــــيو ٿانءُ،

چاهيان ٿو ان ڪي تنهنــــجي،
سِرَ تي آڻ پيجــــــــي پوري،

پٺَ تي واپـــــــــس موٽايان،
اهڙو بيوس موٽــــــــــايان،

جو هي ٻيهر ڪونہ وڄـــــي،
پــــــــٺ جي مٽي ڇٽي،

ڪوبہ پــــــــٽائي ڪونہ اٿي!
ڪوبہ پٽائي ڪــــــــونہ اٿي!


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

اڪيون ساهميـــون،
اسانجون اڪيـــــــــــــون ساهميون!
ٻئي ديس ڪـــوٺا
مگر پو ٻہ پيارا ـ
اســـانجون اڪيون ســاهمـــــــــيون.
ڪنهنين ڪاڻ هـــو ڪاڻ ناهي نہ ڄاڻـــــن،
ڪڏهن ڪوڙ ســان هو نباهي نہ ڄاڻـــــن،
ڳٽن جي ڳنـــيءَ ۾،
سدا ديس جي ديــس سان تور پـــــــوري،
ڪڏهن منصفيءَ ۾
خيانت نہ ڪن، لاشعوري شـــعـــــوري
ڪڏهن ڏوڙ سان ڏن نـــــ تورن، نہ تورن،
نہ ڪافر نہ مومـــــن ، ســـدا ڏور ڏورن،
جتي ٿا وجون اُت خريـــــــــدار ڪوٺا،
محبت سوا سڀ طـــــلبگار ڪوٺـــــا،
ورھ ـ وٺج پنهنجو ورهايون تہ ڪنهن سان!
بهـــــا درد دل جي ڪٿايون تہ ڪنهن ڪان!
چئو ســـــــــچ، جي ڪائي بازار آهي؟
خدا جي خدائيءَ ۾ ڪـــــوئي تہ هوندو!
ٻئي ديس ڪـــوٺا
مگر پو ٻہ پيارا ـ
ٻنهي جي چڱـــائيءَ ۾ ڪـوئي تہ هوندو!
اسان جيئن انهـــــــيءَ جون ٻہ هونديون
اڪيون ساهميون.

هي سنگـــــــــــــــرام!
سامهـــــــــــــــــــــون آ
نارائڻ شيـــــــــــــام!
هن جا منـــــــــــــهنجا
قـــــــــــــول ٻہ ساڳيا
ٻول ٻہ ساڳيـــــــــــــا
جو ڪوتا جو ڪاڪ ڏٽي پـــــــر
منهنجا رنگ. رتول ٻہ ســـاڳياءِ
ڏٿُ ٻـــــــــــــ ساڳيـــو
ڏول ٻـــــــــــــ ساڳيو
هانءُ ٻہ ساڳـــــــــــــيو
هول ٻہ ساڳـــــــــــيا
هن تي ڪيئن بندوق ڪٽان مان!
هن کي گولي ڪيئن هٽان مان!
ڪيئن هٽان مـــــــان!
ڪيئن هٽان مـــــان!!
ڪيئن هٽان مان.......

هونءَ تہ پل پل ڪوڙو سڪو،
ڪنهن ڪنهن پل ڪي ڪنچن ـ ڪايا
ڪنهن ڪنهن پل جي مٺ ۾ آهي
کهنبي جهڙي جيون مايا

هونءَ تي ريتيءَ تي راتاها
ڪارا پارا، ڪارا سايا
ڪنهن ڪنهن پل، پر باک ڦٽيءَ جا
ڦوڳ ڦلاريا ، رنگ رچايا

ها، ها، ڪو پل بادل بادل
ڪويل ڪويل گيت اجايا!
ها، ها، ڪو پل چنچل چنچل
ڪاڪ ـ ڪڪوريءَ چوريءَ جهڙو

هاها ڪو پل نرمل نرمل
گنگا ـ جل ۾ گوريءَ جهڙو
ها، ها ڪو پل وياڪل وياڪل
چوڏهين رات چڪوريءَ جهڙو

پرجي، گرجي، برسي سِرجي،
موتيءَ سپ سِدوريءَ جهڙو.

## ناچ ـ ڌُن

پريت پرينءَ جي پايل پايـــــــــل،
آيل! آيـــــل!
گهايل گهايــل
منهنجا پـير ـ
جنڊڙي ڪوئي جهوٽو آهـــــــي
۽ منهنجو مـن
واريـاسي تي ٻوٽو آهـــــــــي.
جنڊڙي سَرَ تي سانجهي آهـــي،
۽ منهنجو من
مانجهاندي جو مانجهي آهــــي.
جنڊڙي ڪائي ڪونج پَريان جـــي
۽ منهنجو من،
تو وٽ آهي ڳونج پَريان جـــي.
جنڊڙي ڪائي چولي آهـــــــي
۽ منهنجو من
ان چوليءَ جي ڏولي آهـــــــي
جنڊڙي ۾ آ آڪ اجـــــــل جي،
۽ منهنجو من
ان ۾ ڪائـــي ريک ڪجل جي.
گوندر گهاريان،
پيڙَ نہ ســاريان،
روز اماٽيَان مڌ جا پيـــــــالا،
تولئہ آٽيان ناچ نـــــــــرالا ـ

ترندي ترندي ڦيــــــريون پايان،
ڌرتي ۽ آڪاش نچايـــــــــان،
ڳوليان ڳايـان،
ڳوليان ڳايـان
گجرا گجرا گــــــيت ورهايان!
چاچا لايان! چاچا پايان!

گهر گهر گونجي در در چمڪي،
آس اجايـــــــل
راس نہ آيـــل
منهنجي چيـر،
پريت پريـــــــــنءُ جي پايل پايل،
آيل ! آيـــــــل !
گهايل گهايل !
منهنجا پـــير !

اوءِ ڪجري ڳجر، پيير هوريان تـــــ ڌر،
هاءِ ڳهاڳهر نہ چلڪي پوي!
مور هن ٿور تي وائڙا ٿي ويــــــــــا،
ڪنهن ڇيئہ ايتري ڊيل سان ريسَ ڪر!
پيير هــوريان تہ ڌر!
هاءِ ڳهاڳهر نہ چلڪي پويَ
ائٿ جي پيئٿ تي ڳهوٽ ڳهـــائي ڳهڻا،
مرڪندي ٿي ورين تون بہ پهتينءَ گهر!
پيير هوريــان تہ ڌر!
هاءِ ڳهاڳهر نہ چلڪي پويَ
باڪ جي لاڪ سان سچ لوئي رڱـــــي،
لڄ آهي چڱي نيـــــــــنگري هن نگر،
پيــر هوريان تہ ڌر!
هاءِ ڳهاڳهر نہ چلڪي پوي!
اوءِ ڪجري ڳجــر!
ڪير توکي چوي!
هاءِ ڳهاڳهر نہ چلڪي پوي!

جنهن وقت هوا جي جهلڪي ۾
ڪو گيت ٻڌيـــــن
مان توسان هـــان.
مان دور سهين، پر ايـنـدو هان،
ڪا ريڪا دور ڏنڏلڪــــــــي ۾
جنهن وقت ڏسـين
مان توسان هـــان.
تون سارَ سهاري ترنـــدي رهه،
ها، ڪنهن آڳانجهي اُلڪي ۾،
جنهن وقت ٻڌين،
مان توسان هـان.
مان توسان هـان.
مان توسان هان.

رات سرءُ جي، چانڊوڪيءَ ۾ هيءَ پاڻياري ڪير؟
پيچ پنيءَ ڪان اڳ ۾ نــڪتي آ هيءَ ناري ڪير؟
سپ ڪان نياري ڪــــــــير؟
هيءَ پاڻياري ڪـــــــــير؟
ڪائي ســــــار وسار هوا ۾،
مـــــاڪ پري مهڪار هوا ۾،
پنڙا پنيا وار هـــــــــوا ۾،
آهيءَپياري ڪـــــــــير؟
لوڪ . لڄاري ڪـــــــــير؟
هيءَ پاڻياري ڪـــــــير؟
جو هيءَ ڳاڏيءَ سان ڳل لاهي،
نير وهائي ويني ڳائـــــــــي،
ڪنهن جي لاءِ پئي واجهائي!
هيءَ ويچاري ڪيــــــــــر؟
پنهنجي! ڏاري! ڪـــــــير؟
هيءَ پاڻياري ڪيـــــــــر؟

سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

# سوامي رام تيرٿ جو آپگهات

تون بہ پاڻي، مان بہ پاڻي، اچ تہ پرچون پــاڻ ۾!
تار ۾ آ تـــــــــڪ ڏاڍي،
ناوَ منهنجي آ پراڻي، اچ تہ پرچون پـــــاڻ ۾!
مون وتو تنهنجو پنـــارو،
جي جڳاٽو جوٽ ڄاڻي، اچ تہ پرچـــون پاڻ ۾!
رات ڪي ٿي رات ڳولـــي،
ڪو ستارو ناهہ ساڻي، اچ تـــــہ پرچون پاڻ ۾!
مان بہ سارو سڏ آهيـــان،
تون بہ ٻوڙي جي وراڻــِي، اچ تہ پرچون پاڻ ۾!
لهر پنهنجا پهر جـــاڳي،
سير ۾ آخر سمــــــــاڻي، اچ تہ پرچون پاڻ ۾!
تون بہ پوئين جيــت پاتي،
مان بہ پنهنجي مات ماڻي، اچ تہ پرچون پاڻ ۾!
تون بہ آهين ڪا ڪهاڻي،
مان بہ آهيان ڪـا ڪهاڻِي، اچ تہ پرچون پاڻ ۾!

توڪي جي ودياپتي،

”نانا“ نار چئـــــــي وئي،

تنهنجا ڇـــــــپر چو پنا؟

ڪوجهي تنهنجي ڪامنا.

مون ڪي جا ودياپـــــتي!

”نانا“ نار چئي وئـــــي،

مون تنهن ڪي مگرا ڏنا،

مرڪي منهنجي پـــاونا.

ودياپتي : ميٿلي ٻوليءَ جو ڪوي، اتر اوڀر ٻهار جو رهاڪو هو. هن چوڏهينءَ صديءَ جي پوين ٻن ڏهاڪن ۾ پيارَ جا انوکا گيت لکيا ها.

اڄڪلهہ اردو شعرا ـ
جئن ڪا وڏوا وئشيا تـــــــي،
ڏک ۾ ٿورو وقت ڏجهـــــــي،
۽ پو سرمو سينڌ ڪـــــــري،
ڪٿ تي ويهي واجهہ وجهـــي،
ڪڙ ڪڙ سڪي تي ڪجڪـــــي،
گاهڪ گاهڪ کي تـــــاڙي،
۽ جي ٽاٽيدار ڏســـــــــي،
مرڪي ان جي لاءِ جهڪــــــي،
ڪنهن بہ ستيءَ ـ پت ورتا کي،
مُور نہ پنهنجو مٽ ســـمجهي،
هونءَ تہ ٿهہ ٿهہ ۾ ٽلـــــــي،
رنگبـــــــــرنگي ٽي نڪري،
عاشوري جنـــهن وقت ڏسي،
پٽڪي ڪٽڪـــي ۾ پنهنجي
پائي ڪارا جــــــــــوڙا ـ
اڄ ڪلهہ اردو شعرا .....

بک وگهي تي ڪاري ڪتي رابعا ـ
وسڪيءَ ڏپ، ســـــــــگريٽ سراڻ،
جنهن سان ســــــــــــــتي رابعا،
ڪڙ ڪـــــــــــــــڙ سڪي جهڙي ڪل،
ڳوڙهن ڳـــــــــــــــــتي رابعا،
باک ڦٽـــــــــــــــــي آ اٿ اٿ وڃ!
هان، هـــــــــــــــيءَ جتي رابعا،
بک وگهي تي ڪاري ڪتي رابعا.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

چڙيا . گهر ۾ واڳهہُ انهيءَ جي گهُور ڏٺي آ تو؟

هوءَ پجـــــــــــري ۾ وک،
انهيءَ جي ڍر، انهيءَ جي تک،
انهيءَ جي گهُور ڏٺــــــي آ تو،
هوءَ پجري مان تـــــــــــاڙ،
انهيءَ ۾ ڇال ڀري ڇيڇـــــاڙ،
پروڪـو ڇاهہُ ، پرين ڇنگهـــاڙ،
انهيءَ جي گهُـــــور ڏٺي آ تو؟
هوءَ پجري تـــــــــــي رات،
انهيءَ ۾ تانگهہ انهيءَ ۾ تات،
انهيءَ ۾ موت انهيءَ ۾ مـات،
انهيءَ جي گهُور ڏٺي آ تـــــو؟
مون کان کهڙو حال پڇين ٿو!
چڙيا . گهر ۾ چونہ وڃين تـــو!

هي ديس مـــــــري ويو آهي،
تون ڪنهن ڪي ٿي ڏونڌاڙين؟

اي ڪـــــــــويل!
ڪوڪي ڪوڪي،

تون چا ٿي چيـــــرين ڦاڙين؟
تون چوٽي پاڻ پـــــــچاڙين؟
هن مردي ۾ دل ٻہ تـــــ ناهي!

دل ٻہ تہ ناهـــــي!
دل ٻہ تہ ناهـــــي!

ڳيرو ڪيئن ڳيا تئيـــــــن پٽ!
ڪنهن جي لاءِ مئين!

چاندوڪيءَ جيئن تن آ تنهنـــجو،
ڪاري رات ڪفن آ تنـــــهنجو،
ڪنهنجي لاءِ مئين!

تون بہ بڪايل، هو بہ بڪــــايل،
تنهن ڪي ڪيئن ڪيو تو گهايل!
جنهن جي ســــاڳي ڌرتي ماتا،
جنهن جا ساڳيـــــا ڏک جا ناتا!
ڪنهن جي لاءِ مئين!

پيٽ . بکئي ۽ پيـــٽ پرئي جو،
ڪهڙو رشتو؟ ڪـــــهڙو ناتو؟
ڪنهن جي لاءِ مئين!

اڄ اوير جو بُـــــــک وطن آ،
هي بندوق بکئي جـــــو ڏن آ،
گوليون ڪئن وڄايئہ پيــــارا!
پنهنجا پائر گهـــــــايئہ پيارا!
ڪنهن جي لاءِ مئين!
ڳيرو! ڪيئن ڳيـــا تئين پُٽَ!
ڪنهن جي لاءِ مئين!

نوٽ : شاعر تصور ۾ ڏکڻ ويٽنام جي هڪ سپاهيءَ سان مخاطب آهي. نظم کي اهڙو عنوان ڏنو ويو آهي، جو تہ ان جو موضوع آفاقي آهي.

ڏرتــــــــــــي ماءُ
صدين جـــو ساءُ،
وساريان، ڪيئن؟ وساريان ڪيئن؟
ڪئي جنهن ڦاڙ
جڳن سان جاڙ،
ڀلا سو گهـــــاءُ،
وساريان ڪيئن؟ وساريان ڪيئن؟
نوان انڌيــــــــر
وچاندر ويـــــر!
مگر سرچــــــاءُ
وساريان ڪيئن؟ وساريان ڪيئن؟
رُتين جي ريت،
پراڻي پريــــــت
سدا ســــــوداءُ،
وساريان ڪيئن؟ وساريان ڪيئن؟


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

تون مان دور نہ آهيون پيـــارا!
تو کي مون کي روز مـــلائي
سنڌوءَ جو سپنو.

منهنجي جوت کٽي جل . ڌارا
توتائين پيئي ٺمـــــــــــکائي
سنڌوءَ جو سپنو.

ڪاري رات ڏئي لامـــــــارا،
چندرما جهڙو ڳڙڪـــــــائي
سنڌوءَ جوسپنو.

پر هي تنهنجا منهنجا تـــارا،
جن ۾ وينو جوت جلايـــان،
سنڌوءَ جو سپنو..

او انسان!
او انسان!

ڪنهن کي ٿو ماريـــــــــن!
هي ماڻهوءَ جو ٻچـــــــڙو آهي،
هي جو پٽر ڪـــــــــان ڏاڍو آ،
ڪونپل ڪان بہ ڪچڙو آهـــــي!

او حيوان!
او حيوان!
ڪنهن کي ٿو ماريـــــــــن!
هن جو توسان وير بـــ کهڙو!
هن جو ديس بہ ســاڳئي ڌرتي،
هي بہ تہ مــــــاڻهو آ تو جهڙو!

او نادان!
او نادان!
ڪنهن کي ٿو ماريـــــــــن!
چو نہ اهو ٿو ساڄاهيـــــــن،
ڪير ٻنهي جو ويـــــري آهي؟
چونہ انهيءَ ويريءَ کي ڏاهين؟

او انسان!
او انسان!
ڪنهن کي ٿو ماريـــــــــن!

تـــــو جو هي آڳـــــــــاٽا آندا
پنهـــنجا مـــــــلهه مهانگا سپنا،
اهـــــــڙا ميوا
ڪير خريدي؟ ڪير خريــــــدي؟
ڪهڙو آهي حال هتان جــــــــو!
من من آ ڪنــــــــگال هتان جو
تنهـــــــنجا سپنا
ڪير خريدي؟ ڪير خريــــــدي؟
جن ۾ امـــــــــرت رس به آهي،
واڪـــــــــو آهي وس به آهي،
اهـــــــڙا دوها
ڪير خريدي؟ ڪير خريــــــدي؟

مون وٽ ڪيئي گيت گگن جا

پنـــــچي بن جا

سنگ سـپن جا،

پر اي وڏ ـ وهاڻيل سرتـــــي،

گهايل ڌرتــــــي

توڪـــــي پرتي

منهنجي ڪوتا، جاپ جڳن جا

اڻ ـ ڳاتل آلاپ جـــــڳن جا،

شال ڌئان مان پاپ جڳن جا!

جن گن من جا!

جن گن من جا!

# دولهہ دريا خان جي پٽ کي

تون هونءَ بہ مرندين ڪاڇـــــي ۾،
اڄُ ناهَر وانگر چــــــــــال ڏئي،
تون آءُ پهاڙيءَ پاڇــــــــــــي ۾.

تون گوليون هــــــيٺ هلائي ڏس،
۽ ڪنهــــــــن پٽر جي اوٽ ڏئي،
هن ڌرتيءَ کي ڏڪــــــــائي ڏس.

جي تنهنجو ڦرندو لاش ڪـــــري،
نئن ڳاج مٿان، پرواهہ ناهـــــين،
جي ڌرتيءَ تي آڪـــــــاش ڪري،

هيءَ ڌرتـــــــــــي ان ڪان هيٺي آ،
تون ڏاڍي جو ڏهـــــــڪاءُ نہ ڏس،
هر دل بنـــــــــــدوق وهيٺي آ.

هر گوليءَ کي ڪـــــــــا ٻولي آ،
جا هر ڪو ڄاڻون ڄاڻي تـــــــو،
تون چوندين هيءَ پــــــــرولي آ...

پر سولــــــــــي هيءَ پرولي آ،
تون ڪنهن جو ٻانهون ناهين ڙي!
جي گولي تنهـــــــــنجي گولي آ.

اڄ ناهَـــــــــر وانگر چال ڏئي،
تو آءُ پهاڙيءَ پـــــــــــاڇي ۾،
۽ ڪنـــــــهن پٽر جي ڍال ڏئي.

تون گوليون هـــــيٺ هلائي ڏس،
۽ ٺا ٺا...ٺا ٺا...جي ســــــــــرُ تي
ڳُـــــــڻَ، آزاديءَ جا ڳائي ڏس!

ڪو سپنو سرجي ايـــــــري ٿو،
هن تنبوري جـــــــــي تارن مان،
تون چنـــــــــدرما جي ناوَ جهلي،
ٿي نڪرين دوُر ستـــــــــــارن .

ءِ منهنجي سيرانـــــــديءَ پرسان،
هٿ ڦيري منهـــــــنجي وارن تي،
تون ڪوئي گيت ٻڌائـين تـــــي،
هن تنبوري جي تارن تـــــــــي.

جو گيت اُمارو ڳولـــــــــــيو هو،
جو ڪاليـــــــــــداس نہ پاتو هو،
ڪلهہ رات ”رَويءَ“ سمپان جهلي،
جو گيت اڌورو ڳـــــــــاتو هو.

اڄ مان سنڌوءَ جي ڪنـنـــي تي،
هر مانجهيءَ جو مونجهـارو هان،
هر ڪوئي پڇي ٿو آٽـيـــــن ٿو،
هي لهرون لهرون گيت ڪـــتان؟


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

ان وقت ڏسان ٿو حيرت مـــــان،
هن تنبوري جي تارن کــــــــــي،
۽ ياد اچـــــــــن ٿيون آڱــريون،
هـــو تنهنجون منهنجي وارن ۾.

## امير خسرو پاڻيارڻ کي

”تنهنجو نالو؟“ ”ڪانتي.“
”تنهنجو روپ الوپ آ.“
”مون وٽ رنگ نہ روپ آ“

”سونهن وٽي مون سانوري،
تون ڇا ڄاڻين باوري!
من ـ مندپ جي آڳ آ
تنهنجي ڪايا ڪانتي.“
”منهنجو نالو ڪانتي،
منهنجو ويس بنارسي،
تنهنجي ٻولي پارسي،
منهنجي ٻولي پوربي،
تنهنجو من گهنگهور، مان
چندرمان جي شانتي.“

”شترو سمجھ نہ ڪانتي!
هي منهنجو ٻہ تہ ديس آ،
مون ٻہ تہ گيڙوءَ ويس آ،
تنهنجي منهنجي ڳانوَ ۾،
پنهنجي پنهنجي ٿانوَ ۾،
ساڳي جر جي اوتِ آ،
آءٌ تہ هان ويدانتي.“


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

ڪالهه وڏو مون ڪوئي گل
تنهنجي چوٽيءَ ۾،
گل جي خوشبو چوٽيءَ ۾،
يا چوٽيءَ جي هئي گل ۾!
هاڻي مونکي هن هل ۾.

هاڻي جا زنجيرن جي،
روز پئي جهڻڪار اچي،
ان ۾ تنهنجي چوٽيءَ جي،
مون کي پيئي سارَ اچي.

ڪهڙو گل هو ياد نه آهي،
شايد ڪو رابيل هيو!
يا چمپا هئي چوٽيءَ ۾،
جنهن ۾ تيل قليل هيو!

مون کي اڄ ڪا ياد نه آ،
زندانن جي ديوارن ۾،
اڏ مئيءَ جي جاءِ ڪٿي،
ڪاٻه سڳنڌي سارن ۾!

ڪالهه وڏو مون ڪوئي گل
تنهنجي چوٽيءَ ۾.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

وڄو ڪويليو وڄو!
وڄي پرينءَ کي چئو،
”اڄان پيو ڄيان،
اڄان پيو ڄيان.“
”اجوڳ هيءَ جاث آ،
اساٿ ئي اُساٿ آ،
ٻہ چار پيرڙا ڪٺان،
تہ پن پن ٿي ڇٽان!
سنيهہ آ نہ سنگ آ،
نہ آس ۾ امنگ آ،
تڏهن ٻہ مار ڏاڙ ۾،
اڃاڙ واڙ واڙ ۾،
رڙهي رڙهي وڙهان پيو،
وڙهي وڙهي رڙهان پيو،“
وڄو ڪويليو وڄو!
وڄي پرينءَکي چئو،
”اڄان تہ هانوَ هيڪلو،
اوهان بگر ڪيو بلو؛
اڄان پيو ڄيان،
اڄان پيو جيان،
ڪڏهن اڦٿ مران تہ پو
ٻہ چار لڙڪ هارجو،
ڪڏهن ڪڏهن تہ سارجو،
تہ ڪير ماڳ ۾ مئو!“

”جڏهن ٻہ سانوٽيون اچن،
چمر الوٽ ٿي نچن،
جڏهن ٻہ پٿ پٿ تي ،

گهٽا گجي گجي وســـي،
جڏهن بہ مور ٽـــــور ۾،
ڏسو نہ ڪنهن بہ هور ۾،
جڏهن بہ روجهہ ريجهہ ۾،
ڏسو ابوجهہ ريجـــــهہ ۾،
تڏهن نہ هي وسارجـــــو،
تہ ڪير سُج ۾ ستـــــو!“

”اجا تہ جاڳ تـــــي جلي
اجا ويڙهہ ٿي هلـــــــي،
اجا تہ گهاوَ تــــــاوَ ۾،
لـــــــهو لهو لڳاوَ ۾،
رڙهي رڙهي وڙهن پيا،
وڙهي وڙهي رڙهن پيا،
اجا ٽيـــون نہ ماٽڪيون،
اجاتريـــــون اُباٽڪيون،
اجا گهـــــڙي پني نہ آ،
اجا تـــــہ رات ٿي نہ آ،

اجا پيـــــــــو جيان!
اجان پيو جيـــــــان!“

هي ڪيـــــــــــــــر ڪڙو آ ڪنيءَ تي؟
حيران هوا ۾ ٿهــــــــــــــــڪ ڏئي،
تو هيٺ نهـــــــــــــاري ڏرتيءَ تي!

هيءَ ڪنهن جي آڳ لڳي جــــــــر ۾،
جو پنهنجي پنهنجي مـــــــوتيءَ سان،
هر سپ سڙي وئي ساگـــــــــــر ۾!

ڪنهن مرڪ پرئيءَ مــــــي نوشيءَ ۾،
”مان تنهنجي هان،“، ”مان تنهنجو هان،“
ٿي رات ڇيو ســــــــــــرگوشيءَ ۾.

اڄ تن جي هـــــــــــيج ڪٿي آهي؟
جت پاســــــــــــــا پيار ورايا ها،
سا سرهي سيج ڪٿي آهـــــــــــي؟

ڪنهن ڇيو هو پيـــــــــــــار امر آ،
”بي هر شيءِ اڇٽي وڃـــــــــــي آ“
اڄ جر ۾ ڪجهه بہ امر ناهيـــــــن،

اڄ تو ۾ تنهنجي موتيءَ ســـــــان،
ڪا سرهـــــــــــــي سپ سڙي وئي آ،
جون جيءُ نہ آهيـــــــــن جوتيءَ سان،

ءِ منهنجي پيار پيار وجـــــــــائي آ،
پنهنجي هر آس امـــــــــــرتا جي،
هيءَ تنهنجي منهــــــــنجي ڪائي آ،

هي ڪير ڪڙو آ ڪنيـــــــــــي تي؟
هي تون آهين، هي مان آهـــــــيان،
جن امن نہ آنـــــــــــدو ڌرتيءَ تي،

ها، هيءَ اسان جي ڪائـــــــــي آ،
ان اوڇيءَ ڪائيءَ ڪي ڳنڍجــــــي،
چا، تون مان آڳ لڳائـــــــــي آ!!

منھنجو اکھ پچين تو آمر!
منھنجا گيت ڳنھي سگھندي تون؟
ھٿ متان چا ھُل تيو آ!
ھرکو موتيءَ مل تيو آ،
کيڏي پيھ لڳي پئي آھي،
ڳپا گيھ لڳي پئي آھي،
کيڏو ياؤُ چڙھي ويو آھي!
ھر کو گيت پڙھي ويو آھي،
تنھنجا ڏکُ پري ويو آھي،
ٻھ ٻھ ٻک پري ويو آھي،
کنھن ساڄھ کي سيک نہ آھي،
آھي رک، وويک نہ آھي،
ڏات پري بازار وکاٽي،
جڻ کا ننگي نار وکاٽِي،
مان بہ تہ ھک وٽجارو آھيان،
پر مان سپ کان نيارو آھيان،
گيت اندر جا گونجي آھي،

سا شيءِ منھنجي پونجي آھي،
مل مان جو مزدور اچي تو،
ھرُ ھٽندي جيکو تکجي تو،

۽ جو توسان سينو ساهي،
پير ڪڙين سان آيو آهي،
تنهن سان گيت ورهايان بيٺو!
چؤواٽيءَ تي ڳايان بيٺو!
جنهن وٽ ڪوئي لڙڪ ڦڙو آ،
تنهن منهنجو هر گيت ڳُڌو آ،
تو وٽ لڙڪ ڪٿي ڪو آمر!
منهنجا گيت ڳنهي سگهندين تون؟؟؟


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

هر ڪنهـــن سان قانون ڏســـــــي،
مون انـــصاف ڪيو آهـــــــــــي؛
ڪنهـــن کي ڦاهيءَ چاڙهـــيو آهي،
ڪنـــهن کا معاف ڪيـــــــو آهي،
ســاري عمر حڪومـــــــــــت لاءِ،
رســتو صاف ڪيــــــــــــو آهي.

ها، پر ڪلهه هو شــــــــاعر، جو
پير ڪڙين ۾ آيو هــــــــــــو،
وڏ ڦڙي جيئن وائـــــــــــيءَ ۾،
چا هن ســــــــــوز سمايو هو،
بادل پرجي آيا هـــــــــــــا،
منهنجو من گهـــــــــبرايو هو.

سرڪـــــــــاري ڏُر جي چوٽيءَ،
”هو ڪو ديس - دروهـــــــــي هو
اختياريءَ جــــــــــو باغي هو،
اوندهه لاءِ اڏوهــــــــــــــي هو،
باک - ڦٽيءَ جو ڪانڪي هـــــو،
ڏوهي هو ، هُو ڏوهي هــــــو.“

اختياريءَ جي ٽنيي تـــــــي،
مان بہ تہ ڪائي تـــــوڙي هان،
اونـــــــــدهہ لاءِ اڏاوت ۾،
سپ ڪان سگهہ چئوڻي هـــان،
هونءَ تہ پوتر پاڻي هـــــان،
هونءَ تہ ڪومل ڪُــــوڙي هان.

سچ ا، ڪنهـــــن بہ بغاوت ڪان
باغي گيـــــــــت برو آهي،
اونـــــــداهيءَ جي راڪيءَ جي،
چاتيءَ منجهہ چرو آهــــــــي.
پر هو هن جو ساڪي هــــــو،
سو ڪو ڪَنَ ڪُرو آهــــــي!

هن ڪيئن اهڙي ساک ڪنئـــي،
”گيت چگّو آ هر شيءِ کـــان!
قئي جهڙو قانون اهـــــــــو
ڪيئن جهليندو هن ميءِ کـــان
ڏس، هر ڪنهن جـي ورديءَ ۾،
لونءَ ڪنبي ٿي اڄ لـــــيءِ ۾،
لونءَ ڪنبي ٿي اڄ ليءِ کـــان.“

مون شاعـــــــــــر ۽ ساڪيءَ ڪي
اهڙي ٽيپ ڏنـــــــــــــي آهي،
سارو ديس رُنو آهـــــــــــــــي،
ساري قوم ڏنـــــــــــــي آهي،
ڪويل ڪنٺ چڱـــــــــو ناهي،
ان ۾ ييج يني آهـــــــــــــــي.


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

تون جا ڳالھ بہ سوچي آهي،
حرم سرا جي نوچي آهي
ٻاهر ٻڙڪ نہ ٿي اچڻي آ،
تنهنجي پهري ۾ پچڻي آ،
خواجہ سرا جيئن ويٺو آهين،
ويٺو ناهہ ٺڳيءَ جا ٺاهين.

مون جا ڳالھ بہ ماٺي آهي،
سا جهانسيءَ جي راڻِ آهي،
جنهن جي تيز ڪٽاري آهي،
وارُ انهيءَ جو ڪاريءَ آهي،
۽ ان لئہ ميدان بہ آهي،
جنڊڙيءَ جو جولان بہ آهي.

جيءُ انهيءَ جو جوکي ۾ آ،
پر جا گيت انوکي ۾ آ،
سا تہ بغاوت مرڻي نہ آهي،
تو جا ڳالھ بہ سوچي آهي،
سا جي ڪٿجي مرڻي ناهين،
گهٽجي گهٽجي مرڻي آهي؛


سهيڙيندڙ : عبداللطيف انصاري سکر سنڌ
E-mail: alsindhi2005@yahoo.com

تون بہ وطن جو شاعر آهين،
مون جيئن گيت نہ تو پر ڻاهين،
منهنجو سچ بہ ساڃاهين تو،
پوءِ بہ هر ڪنهن سان ٻاهين تو،
هي پٿر سان سِرُ ماري تو،
ڪهڙيءَ دنيا ۾ گهاري تو!

هونءَ وڏيرو هــــــل ڙي!

ڏاڍي جو ڌهڪارُ ، تہ هن جي جهرڪيءَ جهــڙي دل ڙي!

هونءَ وڏيرو نـــانگ ڙي!

بگڙي جو سرڪار، تہ هن جو ساپي وارو ســـانگ ڙي!

هونءَ وڏيــــــرو واڄ ڙي!

بود اچي پوتار، تہ سمجهو هن ڪي ڪرســــيءَ آڄ ڙي!

هونءَ وڏيـــــــرو ڏپ ڙي!

ڪئن نہ ڪچهريءَ ۾ ايندو آ لائي سُرهي لـــــــپ ڙي!

هاڪ تہ هن جي هونءَ ڙي!

سوين سُريتيون ڏاري، ها پر جوءَ تہ هن جـي جونءَ ڙي!

پنهنـــجي ريتي راند ڙي!

لال جهنڊي جي اڳيان ڏاڍو مڇري تو هــــــو ڏاند ڙي!

پنهنجـــي ريتي راند ڙي!

جو تہ وڏيـــــرو ڏاند ڙي!

## نئون نسل

تنهڻ اُس ، وهاڻيل ويرا،
آرهڙ جا آڙاهه هوا ۾،
رتو رتُ پراهان پيرا،
اَت اُجايل ساهه هوا ۾.

هن پترائين چپ ۾ ڪنهن کي،
جهوراٽي جي جهانءِ نه گهرجي،
تنهنجو گيت ڪويرو آهي،
ءِ جي سچ چوانءِ نه گهرجي،

سِر سِر ۾ سنداڻ وڄي ٿي،
لوهه رجي اڄ رُڪ ٿيو آ،
وڪ پنيان ٻي وڪ ڪڄي ٿي،
ها، پر اڳتي پنڌ پيو آ.

گيت اهو جو وڪ وڌائي،
ان جو سنگ سڄايو آهي،
جاننا جيءَ ڇڏي جو گهائي،
آهڙو گيت اڄايو آهي.

تهنجي ليءِ ڪهڪاوَ . ڪنل آ،
تنهنجا قومي گيت نہ گهرجن؛
نسل نئون فولاد مثل آ،
ان کي مومي گيت نہ گهرجن.

سنڌو ديس مهان، سنڌو ديس مهان.

لاڙ، وچـــــــولو اُتر،
ڪڇ، ڪراچــي بندر،
هيڏو سارو جـــر ٿر!
ڪيڏو ڪوهستـــــان!
سنــــــڌو ديس مهان.
جيءُ جـــيءُ ۾ داتا!
تنهنجا ســـــڏ سجاتا،
آزاديءَ لئہ آتـــــــا،
توتي سڀ قربـــــان!
سنڌو ديس مهـــــان.

ستر لک ســـــپوتو!
هوشو هيمو ڀـڳـجو،
هرڪو جهــڙو دودو،
دولهہ دريــــــا خان،
سنڌو ديس مهـــان.
سچل ساميءَ پـــارا،
ڪيئي جيءَ جيارا!
آڏيءَ رات اُمـــارا،

پٽ ڌٽيءَ جو پـــان،
سنڌو ديس مهـــــان.
پيڙو آهي پنيرڪـو،
ڄر ڄراڪو ڄرڪو!
آڄو ٽيندو هرڪــو،
هر مزدور ڪســان،
سنڌو ديس مهان. سنڌو ديس مهان.